
(ڪهاڻيون)
جيجل منهنجي قسمت
دلبر چانڊيو

# جيجل منهنجي قسمت

(ڪهاڻيون)

## دلبر چانڊيو

مرڪ پبليڪيشن_ شهدادڪوٽ

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ ڪتاب (5)

ڪتاب: جيجل منهنجي قسمت

موضوع: (ڪهاڻيون)

ليکڪ: دلبر چانڊيو

مرتب: يار محمد چانڊيو

مهينو/ سال: جنوري 2015ع

ڇپيندڙ: مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

ائڊريس: آفيس مرڪ پبليڪيشن ۽ نئين آس مئگزين شهدادڪوٽ
Murtaza.laghari9@gmail.com
Murtaza.laghari@ymail.com
Cell: 0300-5182494-0300-3429326

ملهه: 150 روپيه

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

پيتائي ڪتاب گهر، حيدرآباد. سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
- ڪاڻياواڙ شاپ، اردو بازار ڪراچي. - ڪنگ پن بڪ هائوس، حيدرآباد.
- ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
- مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو- وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور.
- سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر- تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس.
- پريتم قاضي، نواب شاهه. - الفتح نيوز ايجنسي، سکر.
- جاويد بڪ اسٽور شهدادڪوٽ – ڪنول ڪتاب گهر، قنبر.

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

# ارپنا

**دلبر جي مٽي مرڪ جي نالي**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب "**جيجل منهنجي قسمت**" اوهان اڳيان پيش آهي. ڪهاڻين جي هن مجموعي جو ليکڪ مرحوم **دلبر چانديو** آهي.

دلبر جي ڪهاڻين ۾ پريم جي پيڙاءَ به آهي ته محبت جون مرڪون ۽ مذاقون به! هن جي ڪهاڻين ۾ ممتا جي اداسي به آهي ته بهتر سماج جي تلاش به!

دلبر جون ڪهاڻيون پڙهي ايمان تازو ٿي وڃي ٿو ته: "سنڌي ڪهاڻي زنده آهي ۽ زنده رهندي."

سنڌي ڪهاڻيءَ جي جُڳَ ۾، دلبر جو هيءَ ڪهاڻي ڪتاب "جيجل منهنجي قسمت" امن جو لاڏو آهي. جيڪو هر ڪنهن جي چپن تان آلاپجي ٿو.

هي ڪتاب **مرڪ پبليڪيشن** پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو.

ٿورائتا آهيون پياري مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.


**محمد سليمان وساڻ**

**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**

**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

sulemanwassan@gmail.com

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# ســتــاءُ


| | | |
|---|---|---|
| پبلشر نوٽ | مرتضيٰ لغاري | 07 |
| ليکڪ جو تعارف | نعمت چانڊيو | 08 |
| مهاڳ | مٺل چانڊيو | 10 |
| امهاڳ | يار محمد چانڊيو | 15 |


تاثر

مصور حسين، ملهار سنڌي، ساجد چانڊيو، سڪندر سوز،
زاهد چانڊيو، اظهر جواب پوري، هزار خان چانڊيو، گوهر سنڌي

## ڪهاڻيون


- جيئڻ مرڻ جن سين 22
- چيڳرو 27
- روايتي ڇوڪري 33
- جيجل منهنجي قسمت 39
- چرياڻ 47
- ماڻهپي جي سوپ 52
- پيار ڪان پوءِ 62
- مجبور 73
- سجني 80
- محبتن جو سفر 86
- دنيا ڊُرنگي 94
- سوليءَ وڏ سزا 98
- سوڊل سائين 106
- ياڙي 111
- گوري 117
- ڪوهيڙو 120
- سانورو 126
- قادو ڪبو تري 132

**پبلشر نوٽ:**

## سنڌي ڪهاڻي جي پرچار

**هر** ڪهاڻي معاشري جو آئينو هوندي آهي، جنهن ۾ سماج جي اٿڻين ويهڻين ۽ حقيقتن جي چٽي ڄاڻ ملي ٿي. ڪهاڻي، جيڪا هر دؤر ۾ سماج جي صورتحال جو اولڙو ٿئي ٿي ته زندگي جي انيڪ تجربن ۽ تلخين جو چٽو عڪس به هجي ٿي. ڪنهن ڏاهي ڪهاڻي جي تاريخ جي حوالي سان هڪ ڪڙو سچ چيو آهي ته دنيا جي تاريخ ۾ ڪٿي نه ڪٿي وڌاءُ ۽ ايام هوندو آهي پر ڪهاڻي وقت جو اهو سچ آهي، جيڪو دنيا جي هر هڪ ڪنڊ ۾ وهي ۽ واپري ٿو.

دنيا جي ان ڪهاڻي جي ذڪر ۾ اسان جڏهن سنڌي ڪهاڻي جي پرچار ڪنداسين ته معيار جي رنگت ۾ 'دلبر چانڊيو' جون ڪهاڻيون به پنهنجي منفرد مقام تي پورو لهن ٿيون. دلبر جي ڪهاڻين ۾ پريم جي پيڙاءُ به آهي ته محبت جون مرڪون ۽ مذاقون به! هن جي ڪهاڻين ۾ ممتا جي اداسي به آهي ته بهتر سماج جي تلاش به!

دلبر چانڊيو سنڌي ڪهاڻي جي سفر ۾، جديد ڪهاڻي کي هٿي وٺرائي، نهايت سادي ۽ پختي اظهار کي جنهن انداز سان ساهس ارپي منظر عام تي آندو آهي، اسان سمجهون ٿا، سو انداز نهايت نرالو ۽ سياويڪ آهي. هن جون ڪهاڻيون جديد سنڌي ڪهاڻي جي ڊڪشن تي نه رڳو پورو لهن ٿيون، پر سنڌ جي ڪلچر ۽ حالتن کان به باخبر رکن ٿيون. هن جون ڪهاڻيون "جيئڻ مرڻ جن سين" ـ "ماڻهپي جي سوڀ"ـ "پيار کان پوءِ" ۽ "جيجل منهنجي قسمت" فني ٽيڪنڪ ۽ گهرجن جي حوالي سان شاهڪار ڪهاڻيون آهن.

مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ طرفان وقت کان اڳ وڇڙي ويل هن سگهاري ڪهاڻيڪار دوست دلبر چانڊيو جون ڪهاڻيون سهيڙي اسان اوهان پڙهندڙ ۽ لکندڙ ساٿين آڏو آڻي، انهي اظهار کي ورجايون ٿا ته هي ڪهاڻيون اوهان کي پنهنجي معاشري ۽ ماحول جون ڪهاڻيون لڳنديون، جن بابت اوهان جي راين جو شدت سان انتظار رهندو!

**مرتضيٰ لغاري**

شهدادڪوٽ

Cell: 0300-5182494 - 0300-3429326

## دلبر جي جيون ۾ جهاتي

**دلبر** چانڊيو 23 ڊسمبر 1972ع ۾ ضلعي شڪارپور، تعلقي ڳڙهي ياسين جي پُٽ تي پيل ڳوٺ ملان چانڊيو ۾ ڄائو. سندس اصل نالو، عنايت الله هو. پر ڪيس ڏاڏو پيار ۾ دلبر ڪوٺيندو هيو. هن شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پير واري پرائمري اسڪول علي خان مان، مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڊڪڻ، انٽر ڊگري ڪاليج رتيديري، بيچلر ۽ ماسٽرس جي ڊگري لطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪئي.

وچٿري ماحول ۾ تربيت حاصل ڪرڻ جي ڪري هن جو لاڙو ادب طرف رهيو. پنهنجن ويجهن رشتيدارن، سرڪش سنڌي ۽ زخمي چانڊيو جي سرپرستي ۾ هن 1990ع ڌاران ڪهاڻين لکڻ جي شروعات ڪئي. هن جون ڪهاڻيون سنڌ جي سڀني رسالن مئگزينن ۽ ڊائجيسٽن ۾ جهجهي انداز ۾ ڇپجنديون رهيون. ان دوران هن بيروزگاري کي ختم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي نامڪمل ڪيريئر جي شروعات 1996ع ۾ نئين ڪليل ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي اسڪرپٽ طور ڪئي. جتان ڪيس 600 روپيه ماهوار پگهار ملندي هئي، اڳتي هلي هو ريڊيو تي اناؤنسر، ۽ ڊيوٽي آفيسر به رهيو. 2000ع ۾ سندس پگهار 1200 ۽ ٿورو اڳتي هلي پگهار 3600 تائين پهتي. مهانگائي جي وڌندڙ طوفان هيٺ هن جي اها پگهار خرچ جي پورائي لاءِ تمام ٿوري هئي. بيروزگاري جي ان بار کي منهن ڏيڻ لاءِ هن 1994ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ذريعي ڪميشن ۾ اي ايس آءِ جي ٽيسٽ پاس ڪئي، پر ڪيس پيپلز پارٽي جي حڪومتي دؤر ۾ نوڪرين تي پابندي لڳڻ سبب ڪيس نوڪري نه ملي سگهي ۽ هن ان عمل خلاف 2002ع ۾ ٻن پاس اميدوارن سان گڏجي هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪرائي.

ننڍي عمر ۾ پنهنجي ئي ڪُڙم جي هڪ ڇوڪري سان سندس 1993ع ۾ شادي ڪرائي وئي، ڪيس به ڀائر، ٽي ڀينرون آهن. مهانگائي جو بار ڪٽندي هن پنهنجي وڏي ڀاءُ سان گڏجي هڪ ميڊيڪل ڊسٽري بيوٽري شروع ڪئي جنهن ۾ نقصان پوڻ سبب هن سيپٽمبر 2007ع ۾ هڪ دوست جي معرفت گهوٽڪي ۾ هڪ بهتر ڪيريئر جي شروعات ڪئي جنهن جي عيوض ڪيس 2000 پگهار

ملڻ لڳي. ان ئي سال جي آڪٽومبر مهيني ۾ هن جي طبيعت خراب ٿي ۽ ڪيس بلڊ شگر جي تصديق ٿي.جنهن سبب سندس جسم ۾ ڪمزوري وڌڻ لڳي ۽ هو 15 ڊسمبر 2007ع تي سخت بيمار ٿي پيو. 27 ڊسمبر 2007ع تي محترمه جي شهادت جو ٻڌي هن کي گهرو شاڪ لڳڻ سبب چانڊڪا اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. جتي بي رحم ڊاڪٽرن جي بي ڌياني سبب ڪيس اين جي وي، ٽيوب نڪ ۾ زخم ڪري وڌو جنهن سبب ڪراچي ڪٺي وڃڻ لاءِ چيو ويو، پر فنگس وڌي وڃڻ ڪري هن جي دماغي رڳن تي خطرناڪ اثر پيا ۽ هو 26 جنوري 2008ع تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

دلبر پوئٽي ڇهن ٻارن جو اولاد ڇڏي ويو، جيڪي هن وقت پنهنجي ننڍي چاچي سان گڏجي رهن ٿا. هن وقت سندس وڏو پُٽ فيصل سنڌ يونيورسٽي ۾، وڏي ڌيءَ نائلا ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي، ۽ باقي ٻار عادل مرڪ مهڪ ۽ عديل به لاڙڪاڻي جي مختلف سرڪاري ۽ پرائيويٽ اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

**نعمت چانڊيو**

## مهاڳ :

## دلبر: جديد سنڌي ڪهاڻي جو صف اول ڪهاڻيڪار

**زندگيءَ** جي اٿڻيءَ ويهڻيءَ، رهڻيءَ- ڪهڻيءَ ۾ لفظن جا رنگ ڀري، ڪهاڻيڪار جيڪا تصوير ٺاهي ٿو، اها ئي ڪهاڻي آهي، ٻڌڻ- ٻڌائڻ وارو اوائلي سفر طئه ڪري ڪهاڻي هڪ صديءَ کان لڪت- پڙهت جي جديد پنڌ تي هليل آهي، محاورا- تشبيهون گرامر مطابق لفظن ۽ جملن جي رواني واري خوبصورتي- سماجي اڻبرابري ۽ طبقاتي نظام جي پيچ ڊاهه کان پوءِ برابري وارو اعليٰ صفتي بنياد- سرتي- ڌرتي ۽ زندگيءَ جا ٻيا سماجي موضوع: ڪاروڪاري، قتل غارت، جوئا، چوري، دهشتگردي ۽ ٻيا سپوئي الميا، لکجندڙ ڪهاڻين جي ڀرپوريت جو سبب آهن. دلبر جي ڪهاڻين ۾ موضوع، ڪردار، ٻولي، لهجا، مهاورا، تشبيهون اهڙيون ئي آهن، جهڙيون ڪنهن عظيم ڪهاڻيءَ ۾! ”جيئڻ مرڻ جن سين“ جا سڀ ڪردار اهي ئي آهن، جن کان سواءِ نه جي سگهبو آهي، نه مري!- ابو، امڙ، مٽ مائٽ، دوست ۽ ساهن جي اعتبار ۽ پيار جي مالڪياڻي. ڪهاڻي جي سيني ڪردارن جي اکين تي پٽيون ٻڌل آهن ۽ ذهن تي پارو ڄميل- ڪنن جا ڪچا، پَرَ مَتڙيا، هڪ اهڙي سماج سڌارڪ لاءِ پنهنجا هٿ خاڪ ۾ ملائن ٿا، جيڪو هڪ سلجهيل انسان آهي، دل جو اجرو ۽ هر ڪنهن جي ڪم ايندڙ آهي. ڪهاڻيءَ ۾ لفظن، جملن ۽ ڪردان جي ٺهڪندڙ چونڊ ٺيل آهي. دلبر جيئن پاڻ هڪ سهڻو، سپاجهڙو ماڻهو هيو، تيئن سندس ڪهاڻين ۾ ڪو نه ڪو ڪردار اهڙو ضرور ملندو، جيڪو سندس شخصيت جو آئينو ٿي بيٺو آهي، ڌرتيءَ جي عشق واري درياءَ مان وهنجي نڪتل، تاريخ جي درياءَ مان سچ جو پهرو ڪِرڻو.

”ڪهاڻي ڇيڳرو“ ٻن دوستن جو هلڪو ڦلڪو ڇيڳراڻو اظهار آهي، مسڪراهٽ، کل- خوشي به ميرانجهڙي، علائقائي، ملڪي ۽ عالمي ظلم تي بحث ۾ وري اجرائپ: سنڌ تي ارغونن، ترخانن ۽ تاتارين جون هلائون، افغانستان تي آمريڪا جي جارحاڻي ڪاهه، پاڪستان ۾ وڌندڙ طالبانائيزيشن، سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاريءَ سبب سنڌين جو معاشي قتل ۽ ڳوناڻي ماحول ۾

چوري چڪاري ۾ ڪُسَهائپ جو ظلم، ڪهاڻيءَ جي مرڪزي خيال سان، ڀيا ڪيترائي ننڍا وڏا خيال ملائي، ڪامياب ڪهاڻي لکڻ دلبر جي سگهاري ڪهاڻيڪار هجڻ جو اثرائتو ثبوت آهي، سندس ڪهاڻي ”روايتي ڇوڪري“ جوانيءَ جي اڙٻنگين ۾ مست هڪ ڳوناڻي ڇوڪريءَ جي تن مستين جو تيور آهي، جيڪا پاڙي جي سهڻي سيبتي گريجوئيٽ يوسفي ڪردار جمال کي ڪونيءَ ۾ اڪيلو پائي مٿس ڇُڙواڳ روايتن جو جبل ڪيرائي ٿي وجهي.

دلبر جون ڪهاڻيون گهرن، گهٽين، اوطاقن، ٻنين، ٻارن ۾ جنم وٺن ٿيون ۽ اتي ئي پروان چڙهن ٿيون. فطري ۽ غير فطري تبديلين، ضروري ۽ غير ضروري غرضن جي حاصلات پٺيان ڊوڙندڙ ڪردار ”دلبر“ جي خيال ۾ قلم تائين پاڻ ئي اچي پُهچن ٿا. ڪاروڪاريءَ جهڙي دقيانوسي بُرائيءَ تي لکيل ڪهاڻي ڪتاب جي ٽائيٽل ڪهاڻي ”جيجل منهنجي قسمت“ پڙهندي محسوس ٿيندو تہ ڪهاڻي پنهنجي ئي آهي، پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي تر جي- اکين اڳيان ٿيل-گذريل- ٻنيءَ جي لالچ، خوبصورت ڇوڪريءَ تي هُرڪجي، ان کي حاصل ڪرڻ جي حوس ۾ ساڙ جو پاڙُ پاڙڻ واري ڏاڍ مڙسيءَ ۾، بيڏوهيءَ کي ڏوهي ڪيو ٿو وڃي ۽ زندگيءَ جي ٽياس تي ٽنگجن ٿيون- ڪيتريون ئي معصوم نياڻيون-!

ڪهاڻي جنهن دور مان لانگهائو ٿئي ٿي، ان دور جي حالتن، قصن ۽ ڪربناڪين کي پاڻ ۾ اوتي وٺي ٿي. گذري ويل وقت، ڪهاڻيءَ جي روح ۾ هڪ ادبي تاريخ هوندو آهي، سٺي ڪهاڻي لکڻ هڪ اهڙو فن آهي، جيڪو هر ڪنهن جي ذات ۾ ذات جون ڏياٽيون نٿو ٻاري. دلبر اهو ڪهاڻيڪار هيو، جنهن ذات ۾ ذات جون ڏياٽيون بہ ٻاريون، سندس ڪهاڻين جا اڪثر محرڪ ۽ محور پنهنجي ذات ۽ قوم جي اٿل پٿل واري روين جا اولڙا آهن. سندس ڪهاڻي ”چرياڻ“ جو عباس، چرياڻ نہ، پر دلبر جو منصور آهي، جيڪو هر بيواجبيءَ تي احتجاج واري حق ۽ سچ جو اعلان ٻڌجي پوي ٿو. هو اجتماعي اهنجن، قبائلي ڪروڌ ۽ رياستي ڏاڍ جو ڇيد محبتن جو عَلمُ کڻي، ڪرڻ کي سمجهي ٿو:

**”محبت ڪريو، محبت ئي عزت ۽ وقار، حق ۽ سچ، انسانيت ۽ مسلماني آهي“.**

دلبر پنهنجي ٿهيءَ جي ڪهاڻيڪارن ۾ هڪ الڳ مقام رکندڙ سگهارو ڪهاڻيڪار هيو. هڪ ئي ويهڪ ۾ شاندار ڪهاڻي لکي، هن هم عصر

ڪھاڻيڪارن تي مثبت اثر ڇڏيا. سندس هرڪھاڻي جي ابتدا سج جھڙي ۽ انتها چنڊ جھڙي آهي. نت نڪور سوجھرن ۽ چانڊوڪين سان سرشار!!. ”ڪھاڻي ماڻھپي جي سوڀ ۾“ ، ٽاڻيدارن جي گھاڻيدارين تي لفظن جو چلھو ٻريل آهي، صوبيدار گامڻ خان، پاٽاريدار شھباز خان ۽ جمعدار يوسف جي پيگھين واري پيگھ ۾، ماڻھپي جا پاسدار ذلتن ۽ ڦھرن جي ڪوٺن ۾ واڙجن ٿا، ٻيڏوهي گرفتار، ڏوهي آزاد...!!

دلبر ڪھاڻين ۾ لفظن ۽ ڪردارن جي راند ناهي ڪيڏي. مشاهدن ڪي مھارتن سان، لفظن جي بامقصد تخليقي ترتيب ڏني آهي، هو سلجھيل مشاهداتي ڪھاڻيڪار هيو، سندس ڪھاڻين ۾ ٻھراڙيءَ جي زرعي سونهن به آهي، ته نج مَڪٽائتي محبت به! ”پيار ڪان پوءِ“ ۽ ”مجبور“ جو جمالياتي مزاج هڪ جھڙو آهي، پر پيار جي پنڌ تي هي ٻه الڳ ٿلڳ ڪھاڻيون آهن. ”پيار ڪانپوءِ“ جي جادوئي حسن رڪندڙ صائمه شھر جي ملڪه آهي ته ”مجبور“ جي خوش اخلاق زرينه شھر جي شھزادي. ٻنھين جي پيار جا پوپٽ ٻھراڙيءَ جي گلن تي اچي ويھن ٿا. لفظن جي هڪجھڙن ٺھڪڻن، جملن جي ٻاڪرن ۽ سياري جي سياڻن ۾ احساسن جي ساڳئي گرمائش ٻنهي ڪھاڻين ڪي جاڙيتو ٻڻائي ڇڏيو آهي. پر جڏهن ڪھاڻيون پڙهجن ٿيون ته هر ڪھاڻيءَ جي شروعات ۽ پڄاڻيءَ جدا جدا دڳ ناهي ٿي.

ڪھاڻي ”سجني“ دلبر جي روح سان رچيل ڪھاڻي آهي، جنھن ۾ دل جي خون سان مصوري ٿيل آهي. لفظن جا ردم ۽ جملن جا سر، ڄڻ ڪو گيت آهي، جيڪو روح ۾ لھندو ٿو وڃي. ڪمال فن جو مظھر هيءَ ڪھاڻي، دلبر جي تخيلي چمار جو جوبن آهي. ڪھاڻيءَ ۾ حسين تشبيھن جو خوبصورت استعمال ٿيل آهي:

**(گول گول لسا ڳل، گلاب جي پنکڙين جيئن لال چپ، وشال آسمان مٿان جھرمري ستارن جھڙا ڏند، ٻورا ناسي وار، ڇيله جو ڇوٽو، قدبت وچولو ۽ ٺاهوڪو،صفا من موهيندڙ، لوڏ هرڻيءَ جھڙي، اکيون وڏيون، سرمائي ۽ ڪجليدار اکيون، جنھن طرف اٿن، اصل ڪھي ڍير ڪري ڇڏين)**

دلبر محبتن جو سفير ۽ جديد سنڌي ڪھاڻي جو باني‌ڪار هو. سندس هر ڪھاڻيءَ ۾ محبتن جا گل پوکيل آهن، ڪھاڻي ”محبتن جو سفر“ ۾ زندگيءَ جي ڪارج جو پروسو آهي، جنھن ۾ اعتبار جو اهو ڏيئو روشن آهي ته، سماجي

انقلاب ضرور ايندو. ڏڪار ۾ انارڪيءَ جو چيد اوس ٽيٽو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ دونهاتيل سماج کي اجرو ڪرڻ لاءِ، هڪ سماج سڌارڪ استاد محبتن واري سفر جو پانڌيئڙو آهي.

ڪهاڻي ۾ پتن لفظن، جملن ۾ خيالن جي لکڻ واري شوق ۾ دلبر جيڪو چس رکيو، اهوئي ڪير ۾ ڪنڌ ٻٽيو. هن جون ڪهاڻيون اڪسير آهن- پڙهه تہ پڙهندو ئي وڃ!

”دنيا درنگي“ ۾ ملڪيتي لالچ ۾ مذهبي فرمائش جا ٻہ رنگ آهن: هڪ پيءُ پنهنجي پٽ کي ماءُ وٽ محض ان ڪري رهڻ نہ ٿو ڏي، تہ جيئن هو ناناڻڪي ملڪيت مان، ماءُ جي حصو چني وٺي، ماءُ جي طلاقيل زندگيءَ تي طلاق ڪان بہ ڀاري اذيتناڪ پل چڙهي- پيو پيءُ ڏيءُ جي پيار کي پڪي مسلمان ٿيڻ واري جبل جيڏي شرط تان ڏڪو ڏيئي سندس شاديءَ جا احساس ئي ماري ٿو ڇڏي.

دلبر جي ڪهاڻين ۾ دلڪش منظر ڪشي ٿيل آهي.

**(پيرين جي هيٺان لوسڻ جو فصل- مٿان وري عجيب جهار جي منڙي موسم..... هوا جي هلڪن وڻندڙ جهوٽن جو اثر.... چوڏاري ڪڻڪ جي فصل جي سرسبز چادر....سرنهن جو پولار.... مٽرن جا ڳاڙها نيرا گل- سوليءَ وڏ سزا)**

دلبر سماج جو مختلف زاوين کان اڀياس ڪري ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاريءَ جو اظهار ڪيو. سندس ڪهاڻي ”سوڊل سائين“ ان اظهار جو عڪس آهي.

هيءَ هڪ ست پيڙهئي، مرشد جي ڪهاڻي آهي، جنهن جو ڏاڏو جمال سائين، اشارن تي پيتيون هلائيندڙ، پيءُ وڏل سائين کاني ڪماني ناظرو ۾ پاڻ هر فن مولا مرشد آهي.- تيتري، ڪوڪڙي ۾ چوڪريباز! .... حق کي ناحق ڪرڻ جو ڏٽي....

دلبر جي قلم جا عَلمَ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي منبر ۾ ڪتل آهن، هن جديد سنڌي ڪهاڻيڪارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، هميشہ هر ڪهاڻيءَ ۾ حق ۾ سچ جي پرچار ڪئي. وقت ۾ حالتن پٽاندڙ، قلم جا عَلمَ بلند ڪري، خوب ۾ ڀرپور لکيو، سندس ڪهاڻي ”ڀاڙي“ وقت جي فرعون رئيس سهٽي خان جي ظلمن جو قهر آهي، جنهن جي اڳيان هڪ ڪمزور نوجوان سچائيءَ مان سينو تاڻي ڳوٺ جي مظلومن جو ڏيءِ ڀرجهلو ۾ خير خواهہ ٿي بيهي ٿو!

سنڌي ڪھاڻيءَ جي جھول ۾، ڪھاڻين جا گل پرتي، دلبر سنڌي ادب ۾ ڪھاڻين جا رابيل ورھائيندڙ مالھي ھو، سندس ڪھاڻين ۾ خوشبو جو واسُ آھي، جو پڙھندڙ ھڪ ئي پڙھت ۾ مھڪ ماڻي ٿو وٺي.

**(اڄن واري ڪوھہ ڪان اولھہ پاسي، وشال آسمان تي بادلن واري ھڪ شام، آئيو (ڪٽڪ جا سنگ) سرنھن جي ڦرٽ مٿان رکي، سيڪي مروڙي، سروڙي ڪائڻ واري مرحلي ۾ ھو تہ، ڪوھہ تان پاڻي ڀرڻ لاءِ، آيل ناري صدوري ڪيس سڏيو. سڏ ۾ جيڪو رڌم، جيڪو سوز سمايل ھوس، تنھن جسم جي رڳ رڳ وڃي ورتس. ”گوري“)**

رواني جي درياءَ ۾ دلبر جون ڪھاڻيون، پيڙين جيان ترن ٿيون.

ڪھاڻي دلبر جي رڳ رڳ ۾ رچيل ھئي، اندر جي سونھن ڪھاڻين جي ڪينواس تي لاھي، ھن ڪھاڻي ڪي رت جو ريج ڏئي، دل ۽ دنيا جي ڳالھہ سھڻي انداز ۽ آسان لھجي ۾ ڪئي، ”ڪوھيڙو“ _ ”سانورو“ ۽ ”قادو ڪبوتري“ سندس فن ۽ فڪر جي پختگيءَ جو شاھڪار حسن آھن.

دلبر جون ڪھاڻيون پڙھي ايمان تازو ٿي وڃي ٿو تہ: ”سنڌي ڪھاڻي زندھہ آھي ۽ زندھہ رھندي.“

سنڌي ڪھاڻيءَ جي جُڄَ ۾، دلبر جو ھيءَ ڪھاڻي ڪتاب ”جيجل منھنجي قسمت“ امن جو لاڏو آھي. جيڪو ھر ڪنھن جي چپن تان آلاپجي ٿو.

**منل چانڊيو**
**ڏکڻ**
03433571954
31 ڊسمبر 2014ع

امهاڳ :

## جواڻ جي رُت ۾ ڇٽيل ڳل!

**زخمي** چانڊئي جي وڇوڙي واري حادثي ڪانپوءِ "ڊڪڻ سنگت" جي نجُ ادبي، سماجي ۽ قومي ڌارا جي تشخص/ ماحول کي ساڳئي ئي انداز سان روان دوان رکڻ ۾ دلبر جو ڪردار سڀني کان منفرد هو، هُن پنهنجي نفيس/ بيروزگار ڪُلهن تي ذميوارين جوبوجهه کڻندي ڪڏهن به دانهن نه ڪئي. — سنگت سماچار ۾ تخليق جا رنگ پريندي، هو سنڌي ادب ۾ نئين ٿهي جو نمائنده ڪهاڻيڪار ٿي اُڀريو، هُن جي ادبي اپار جي اثر ۾ مثل چانڊيو، مصور حسين، اظهر جوابپوري ۽ مون سميت ڪيترن ئي لکارين اُتساهه جي روشني وٺي ڪهاڻي جي ڪٺن سفر ۾ پير پاتو!. نظم جي پيٽ ۾ نثر نويس دوستن جو تعداد پيٽو ٿيندي ڏسي سڄي سنڌ جا ڏات ڏٺي، ڊڪڻ سنگت جي دوستن کي ڪهاڻيڪارن جي سنگت جو نانءُ ڏيڻ لڳا.

ڪهاڻين جي ترتيب ۾ جتي دلبر جون ڪهاڻيون پنهنجي سادي ۽ منفرد احساس سان نڪري نروار ٿيون آهن، اتي دلبر جو شخصي پهلو به نرالو ۽ مخلصانه هو. دلبر جي يادن جي ان ڏنڌلي ڊوڙ ۾ اڄ منهنجا احساس گهايل بڻجي ماضي جو حصو ٿي رهيا آهن، جتي پير پٿون ڪندي دلبر پنهنجي ٻالڪپڻ ۽ جواني جا ٻه چار ڏهاڙا گذاريا_ پر مون نه ٿي ڄاتو ته مستقبل ۾ يادن جا اهي ٻه چار ڏهاڙا زندگي جو روڳ بڻجي، حقيقت جي حصي ۾ شمار ٿي ويندا..

دلبر ٻهراڙيءَ جو سادو پر سليقي وارو نوجوان!
لکڻ پڙهڻ سان بيحد لڳاءُ رکندڙ_
ڳوٺ جو امير اٺو ٻار_
ٻن ڀائرن ۽ ٽن ڀينرن جو دادلو_
مال وند_ ميهار_

وڏيرو بہ پاڻ تہ ڪڙمي بہ پاڻ، چڻ شاهہ عنايت جي فڪر”جو ڪيڙي سو ڪائي“ جو پوئلڳ۔ غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ مددگار، جيڪو پنهنجي لاءِ فيصلو، سوئي پين جي لاءِ ڪارگر ۽ موزون!

هن ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون، هر ڪهاڻي ۾ معاشري جي اصلاح۔

لکي تہ اديب لڳي ۽ زمينون سنڀالي تہ زميندار، پر انهن سڀني پاسن تي پورو لهندڙ هن ماڻهو ۾ انسان دوستي جا تمام گهرا رنگ شامل هئا. دشمنين ۽ مدي خارج رسمن کي ختم ڪرڻ جي تنبيهہ ڪندي اوچتو بينظير ڀٽو جي شهادت جي صدمي ۾، هي ڀرپور جذبن جو ترجمان ليکڪ حياتي هارائي، جديد ڪهاڻي جي سفر کي الوداع ڪري ويو. وقت ڪان اڳ وڇڙي ويل هن دلبر ڪهاڻيڪار جا آخري پساهہ بہ منهنجي اڳيان گذريا۔ درد جون اهي گهڙيون جوڀن جي رُت ۾ ڇٽيل گل جي درد جيان اڄ بہ منهنجي احساسن تي حاوي آهن. مان هُن جي يادگار ڪهاڻي ڪتاب ”جيجل منهنجي قسمت“ کي پڙهي گهري سوچ ۾ گم ٿي، هن ڪهاڻين جي مضبوط اتهاس جُڙڻ جو خاڪو جوڙي رهيو آهيان!!

دلبر جون ڪهاڻيون سهيڙيندي مان پيڙاءَ جي مختلف مرحلن مان گذريو آهيان. هن جون ڪهاڻيون هن جي ئي اکين ڏٺين حالتن جو اظهار آهن، هن ڪهاڻي ”ماڻهپي جي سوڀ“ لکي بظاهر تہ هڪ ٽاٽي ۾ ٿيندڙ ڪلورن تان پردو کنيون آهي، پر حقيقت ۾ اها ڪهاڻي سنڌ جي سمورن ٽاٽن جي ڪهاڻي آهي، جتي جا ٽاٽا گهاٽا ٻڌيل آهن. ڪهاڻي ”قادو ڪبوتري“ مردانگي معاشري جي تذليل جو چٽو آئينو آهي، جنهن ۾ ڪبوترن جي شوق ۾ عصمتن جي نيلامي ٿئي ٿي. ڪهاڻي ”سوليءَ وڏ سزا“ معصوميت جي ور چڙهيل اهڙن هجتن ڀريل رشتن تي سمايل ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ وحشي صفت نوجوان جواني جي جوش ۾ پنهنجي ساليءَ جي عزت تي راتاهو هڻي ٿو ۽ پوءِ ڪيس رسواين جي سوليءَ پلئہ پوي ٿي. ڪهاڻي ”مجبور“ ٻن پيار ڪندڙ دلين جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ساڀيائن جي ويجهو ايندي، زندگي وڇوڙن جي واءُ ۾ تحليل ٿئي ٿي.

ڪهاڻي ” جيجل منهنجي قسمت“ دلبر جي ڪهاڻي ڪتاب جي ٽائيٽل ۽ نہ وسرندڙ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ٽن معصوم عورتن سان ٿيندڙ انياوَ اهڙي تہ انداز سان ڏيکاريا ويا آهن، جو پڙهندي بيخوديءَ ۾ دانهن نڪريو وڃي ٿي!

**يار محمد چانڊيو**
**رتوديرو**
yaarchandio@gmail.com

***

## صحرا جي دامن ۾ تڙيل گل

**جيئن** ڪو به وڏو دانشور ۽ ليکڪ محبت جي مڪمل طور تي تشريح نه ٿو ڪري سگهي، بلڪل تيئن ئي مون وٽ دلبر جي دلبريءَ تي مڪمل طور تي روشني وجهڻ جو ڏانءُ نه آهي، اخبارن ۾، ڪتابن ۾ ۽ ورسيءَ جي پروگرامن ۾ مون ڪافي ڀيرا دلبر چانڊيو تي لکيو به آهي ته ڳالهايو به آهي پر سچ ته اهو آهي مون اڃان هن جي دلبري جو اهو حق ادا ناهي ڪيو، مان ڀانيان ٿو ته اڃان دلبر جي باري ۾ گهڻو ڪجهه لکڻ ۽ ڳالهائڻ رهجي ويو آهي، پاڻ جيڪو وقت گڏ رهياسين، ڪل مذاق ڪئي سين، اهي پل اڄ به اڪيلائي ۾ ياد ايندا آهن ته اکيون اشڪبار ٿي ويندیون آهن ۽ دل ويڳاڻي ٿي ويندي آهي.

دلبر جون سڀ ڪهاڻيون پنهنجو مٽ پاڻ آهن، سندس گهڻا ڪردار مدي خارج ريتن رسمن سان جنگ اتڪائيندڙ آهن، سنڌ ۾ عورتن سان ٿيندڙ ويڌن ۽ ڪارو ڪاري سندس ڪهاڻين جا خاص موضوع آهن، جن تي هن وڏي بردباري سان لکيو آهي، ان جي ڪهاڻين جي خاص ڳالهه آهي سندس منفرد ڊڪشن، جنهن تي ڪنهن به وڏي ليکڪ جي ڇاپ نظر نه ٿي اچي. هن کي اڃان به گهڻو جيئڻ گهربو هو، پر افسوس اهو آهي ته هو ڪرپشن، پنهنجا نوازي ۽ ميرٽ جي لتاڙ ڪندڙ سماج ۾ پوڳيندو پوڳيندو وقت کان اڳ اسان کان وڇڙي ويو، سچ ته هو صحرا ۾ تڙيل ڪنهن گل کان گهٽ نه هيو، ڏک اهو آهي ته وقت ۽ حالتن جي لُک هن کي ڪومائي ڇڏيو ۽ هو پنکڙيون ٿجي بي رحم وقت جي مٽيءَ ۾ گُم ٿي ويو.

تڙياسين دامنِ صحرا ۾ خوشبو ئي اجائي وئي!

**مصور حسين**

**

سنڌي زبان جو ناميارو ڪهاڻيڪار دلبر چانڊيو منهنجو پيارو ودست هو، سندس شخصيت توڙي ڪردار انتهائي ساراهه لائق هو. دلبر پنهنجي نانءُ جيان دلبر ۽ خوبصورت ليکڪ هو. اتر سنڌ قبائلي اثر جي حوالي سان سڃي سنڌ ۾ پنهنجي الڳ خوف ڀري سڃاڻپ رکي ٿو، ان خطرناڪ خطي ۾ نه ڄاڻ

تہ هر روز ڪيترون نيون ۽ انوکيون ڪهاڻيون جنم وٺن ٿيون، اهڙين خطرناڪ ڪهاڻين کي پنهنجي قلم جي روپ ۾ مرتب ڪري دلبر نسيم ڪرل، جي ڪهاڻين جون سڪون لاٿيون آهن. نہ اڳو اهو دلبر پنهنجي اٽوسرنڊڙ ڪردار ذريعي لطيف سائين جي ان شعر ”جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويٺي“ جي فڪر جي پرچاريت ڪئي آهي. دلبر جو هي ڪهاڻي ڪتاب ”جيجل منهنجي قسمت“ سنڌ جي صورت حال جي عڪاسي آهي، جيڪو سنڌي ادب ۾ پنهنجي جاءِ ضرور والاريندو !!

## ملهار سنڌي

### دلبر ڪير سڏائي!

**ڇهري** تي سدائين مرڪ، سپاءَ ۾ نرمي، جهڙو ظاهر ۾، تهڙو اندر ۾، نہ ٻيائي، نہ وڏائي، جهڙو زبان جو ڪليل، تهڙو هٿ جو ويڪرو، ڪڏهن ڪنهن دوست جو فڪر تہ ڪڏهن ڪنهن چاهيندڙ جي چنتا، سدائين پيو يارن دوستن جي مدد ۾ مگن نظر ايندو. ڏوڪڙ هڪ هٿ ۾ ايندا تہ ٻئي هٿ کان هليا ويندا ۽ پاڻ وچي توڪل جي ترهي تي وقت جي ويرن مٿان ترندو. ڏک ۾، سک ۾، هم قدم، همسفر، يارن جو يار ۽ دلبر صفت دوست دلبر چانڊيو جوانيءَ ۾ جيءُ جهوريندڙ وڇوڙو ڏيئي، اکين جي تاري مان آسمان جو تارو ٿي ويندو، اهو ڪڏهن ڪنهن سوچيو بہ نہ هو. هو ڇا وڇڙيو! پاڻ کان سڀ ڪجهہ وڇڙي ويو. نہ ڪل رهي، نہ خوشي، نہ ساٿ، نہ سنگت، نہ اها دوستي، جنهن جو ڪڙو ۽ ڪنڊو دلبر هو. سڀني دوستن کي گڏ ڪٽي هلندڙ ئي جڏهن نہ رهيو تہ پوءِ اهي دوست، دوست ئي نہ رهيا. جن بہ دلبر سان گڏجي ڪي گهڙيون گهاريون هونديون ۽ سندس ساٿ ۾ ساٿي رهيا هوندا، ورهين پڄاڻان اڄ بہ ڪيس نہ وساري سگهيا هوندا.

دوستي، پيائري، مٽي، مائٽي، سچائيءَ جا سمورا سڱ دلبر تي ئي ڪٽن ٿا. جڏهن بہ ڪنهن ڪم ۾ الجهي پئبو تہ دلبر کي ضرور ياد ڪبو ۽ ازخود ائين چئي ويهبو تہ ”دلبر ڪير سڏائي..!“ دلبر جي اهڙي دلربائيءَ ئي ڪيس سڀني کان الڳ ٿلڳ ڪري بيهاريو هو، پر بيمارين ڪيس جوانيءَ ۾ ئي اهڙو تہ نهوڙي ڇڏيو هو، جو هڪ با همت ماڻهو بہ آخر ۾ حوصلا هارائي ويٺو. پورو مهينو زندگي ۽ موت سان جهيڙيندڙ دلبر ڪراچيءَ جي اسپتالن جي انڊ ۾ ايترو تہ الجهي

ويو هو، جو زندگي ۾ هارائي ويٺو. معصوم فيصل، عادل، عديل، نائله، مرڪ، مهڪ سان گڏ نعمت ۽ سندس دوست به ڇورا ٿي ويا. جنهن جو احساس اڄ به دل ۾ چيٽ جيان چڀندو رهي ٿو.

سندس هيءُ ڪتاب ”جيجل منهنجي قسمت“ ڪهاڻي ڪتاب نه، پر هڪ درد جو داستان آهي، جنهن ۾ هڪ دلبر ليکڪ جا الڪا ۽ ارمان به شامل آهن ته سينوارجي ويل سماج ۾ ڪڏين رسمن جي نشاندهي به ٿيل آهي. سندس ڪهاڻين ۾ ڪنهن کي به پنهنجي اندر جو ڪو اولڙو يا عڪس ملي ٿو ته به سمجهبو ته دلبر جي قلمي ڪمائي ۽ دوستن جي محنت ساپ وئي.

**ساجد چانڊيو/ لاڙڪاڻو**
**16 – جنوري – 2015ع**

## اسان جو دلبر

**دلبر** جي وڇوڙي سان اسان جي ادبي اتساهه واري جذبي جو تسلسل ٽٽي ويو. هن جي ويندي دوستن جي مالها مٽيو مٽيو ٿي وکري وئي. دلبر پنهنجي نانءُ جيان ئي دلبر انسان ۽ دلبر ليکڪ هو. هن جون ڪهاڻيون سچي سنڌ جي ايرندڙ ۽ سينيئر ليکڪن جي ڪهاڻين کان نمايان رنگ ۾ ملن ٿيون. دلبر دوستي ۾ سراپا وفا جو پيڪر هو. هو دوستي به نڀائي ڄاڻندو هو ته رشتا به! دلبر جي پيار محبت ۽ خلوص جا اسان سڀ قرضي آهيون.

**سڪندر سوز**

**

**دلبر** جي ڪهاڻين ۾ سچائي ۽ پيار ملي ٿو، جهڙو نالو هيس دلبر، تهڙي ئي شخصيت هيس. پنهنجي نالي وانگر، يا ان کان به وڌيڪ دلبريون ۽ محبتون ڏيڻ وارو هو. هن سماج جي نا انصافين، نا اميدن، غلط ريتن، رواجن سان جهيڙيو. هو بنا پرواهه ڪندي اٽل ٿي بيهندڙ بهادر شخص هو.

**زاهد چانڊيو**

**

**دلبر** سان منهنجو ساٿ تڏهن کان شروع ٿيو، جڏهن اسان ٻنهي اجان جوانيءَ ۾ پير به نه پاتو هيو ۽ سندس عمر جي آخري گهڙين تائين اهو ساٿ سلامت رهيو. اسڪول کان ڪاليج تائين ۽ ننڍين وڏين حجتن کان محبتن تائين، اسان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي گڏ هلياسين، ڏک ۽ سُک ۾ ساٿ رهيو، اڄ هن پڇاڙڻا زندگي مان مرڪون به موڪلائي ويون آهن.

**اظهر جوابپوري**

**

**هونئن** تہ دلبر جون سموريون ڪهاڻيون بهتر آهن، پر ”سجني“ـ ”سوليءَ وڏ سزا“ـ ”ماڻهپي جي سوپ“ ۽ ”جيجل منهنجي قسمت“تمام بهترين ڪهاڻيون آهن. شخصي حوالي سان بہ دلبر محبتي ماڻهو هيو، شاهہ سائين جي شعر وانگر هن مان هر وقت بهار جي بوءِ پئي ايندي هئي، هو سچ جو ساٿاري ۽ دوستن تي ساهہ ڏيندڙ شخص هو.

**هزار خان چانڊيو**

**

**سال** 2007ع ۽ سال 2008ع وڏا درديلا سال هئا. انهن سالن پنهنجي پٺيان ڪيئي گهرا نشان ۽ نہ ڇٽندڙ ڦٽ ڏنا ۽ دردن جا درياءَ ڏئي ويا. انهن سالن اسان کان ڪيئي ڏاها انسان کسي ورتا، جن مان دلبر بہ هڪ هو. سنگت جو نانءُ ڪٽبو، محبت جو نانءُ ڪٽبو، قومي تحريڪ جو نانءُ ڪٽبو، سماج سڌارڪ جو نانءُ ڪٽبو، ان مان دلبر جي دلبري ضرور ظاهر ٿيندي. ڊِڪڻ سنگت جا بہ مهندار قلمڪار، خدمتگار، دلدار، سنڌڙي سنوار هڪ زخمي هو ۽ پيو دلبر، جن کي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهجي.

**گوهر سنڌي**

# کهاڻيون

## جيئڻ مرڻ جن سين

**تنهن** ڏينهن پورو پورو فيصلو ڪري ورتم ته، هاڻي خودڪشي ڪري پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيندس... پنهنجي سر سان ڪا به رعايت ناهي ڪرڻي... اهو به ڪو جيئڻ چئجي...؟ جنهن ۾ نه ڪوئي دلي ۽ نه وري ذهني سڪون، آرام، نه سهولت ۽ نه ئي ڪا آرائش...!!! زندگي زهر آهي، تنهنڪري خودڪشي ڪري جان آجي ڪرڻي آهي، ۽ پوءِ ائين ئي ڪيم، پر بچي ويس!!

منهنجي هِن حالت جا ذميوار مون سوڌي ڪيئي آهن، جن ۾ خاص طور ابو، امڙ، سنگتي ساٿي، اوڙوپاڙو ۽ من جي ملڪ به شامل آهي. پاڻ پڙهائي جي وڏي سبب ڪري ڏنڌو، ڌاڙي، ڪوئي هنر سکي نه سگهيس، انهيءَ ڪري اڪثر واندو رهندو هوس، واندو هجڻ ڪري گهر وارن ۽ ڳوٺاڻن جي ننڍين ننڍين ڪمن، مسئلن کي سولو ڪري، سندن ڏک سک کي پنهنجو سمجهي رت ولوڙڻ تائين مدد ڪندو هوس. منهنجي مدد، محبت ۽ محنتن جي اهڙي جذبي جي موٽ ۾ عزت ۽ محبت ته ملي، پر افسوس اُها جلد ئي پنهنجي شڪل مٽائي، بدنامي ۽ بي عزتي بڻجي پئي. پوءِ ته سلسلو شروع ٿيو، منهنجي مدد، منهنجي مهربانيءَ جي هر روپ ۽ هر شڪل کي روايتي نظرن سان، ۽ شڪي سوچن سان ڏٺو ۽ پروڙيو ويو. مٿن، مائٽن جي ته مِهرَ هئي ئي، پر دوستن به غلط سمجهيو، دوست! جيڪي ساهه ڪان وڌ پيارا هئا، تن به منهنجي ڳالهه نه ٻڌي ۽ نه ئي ڪا مدد ڪئي، رهندو ڇوهه ڇنڊيائون، برو ڀلو ڳالهايائون..!! ڪافي سارو صدمو رسيو، سور سَهي، پنهنجي وڏي سهاري، محبت ۽ شفقت جي لاثاني ڪردارن، ابي ۽ امڙ سان مليس، پنهنجي بي گناهيءَ تي وضاحتون پيش ڪيون ۽ قسم ڪاڌا، پر ڪين يقين نه آيو، پنهنجي ضِد تي بيهي، منهنجي مٿان ”گنهگار“ جو ليبل لڳائي ڇڏيائون. ان ڪان اڳ به مان، منهنجي تمنا ۽ منهنجي check پنهين لاءِ بي مقصد، بي جا ۽ فضول رهيا آهيون. چند ڏينهن اڳ پنهنجي محبت جي حاصلات لاءِ ڪين منٿ، ميڙ ڪيم، پر پڙڪيڊي بينا ۽ مِٽ مائٽن جي ڳالهين تي لڳي، هوائي سوائي ٻڌي، بي عزتو ۽ خوار خراب ڪندا رهيا. سرڪاري طرف ڪان ڀي ستايل هوس، ڇئن سالن ڪان، مختلف شعبن ۾ نوڪري لاءِ واجهائيندو رهيس، پر مون جهڙن لاءِ نوڪري خواب ۽ حسرت ئي بڻيل رهي، جنهن سبب ذهني طور منتشر رهيس. رهي ڳالهه دل جي دنيا جي، سو دل ۾

تہ سميرا سواءِ ڪوئي، پُل ۾ بہ نہ آيو آهي، سميرا لاءِ جو ڪجھہ چوان، تعريف ۾، سندس محبت ۽ نفرت لاءِ سو گھٽ آهي.

ننڍي هوندي جيجل امڙ سُکيو ستابو گذارڻ سان گڏ، ڳاڙهي ڪنوار ماڻهڻ جهڙيون انيڪ دعائون هر هر ڏيندي ٿڪبي نہ هئي، پر هاڻي انهيءَ منڙي امڙ جي دل ۾ من ڪي الائي ڇا ٿي ويو هو، جو مان ڪيس ڏٺي نہ ٿي وڻيس. محبت ۽ شفقت جو ڀرپور شاهڪار، منهنجو ابو، منهنجو پيارو ابو سائين! منهنجي درد، منهنجي چنگھہ ۽ منهنجي آھہ تي، چرڪ ڀري مٿان پهچڻ وارو، اڄ نفرت ۽ ڪرب جو مڪمل مجسمو بڻيل هو.

هڪ ويلو ڪائي، ٻي لاءِ ڳولائو مارؤڙن جي حالت ڏسي، ڏک پيٽا ٿي ويا. وڏيري سانوڻ خان جو پنهنجي نوڪر ڪي، وقت تي شڪاري ڪتي ڪي ماني نہ ڏئي سگهڻ تي، سرعام لتن، مُڪن ۽ لَتين سان ڪُتي رتورت ڪرڻ، ڏاڍو روئاريو. تَرَ جي پوليس بااثر ماڻهن جي چوڻ تي ڪئي ڪونڌر تشدد ڪري اپاهج ڪيا، ڪيترا ڏاڙيل بڻجي ٻيلي ۾ لهي ويا. ڪُڙمين جو قرض، نسل در نسل رهندو آيو. ڌرتي مٿان ڏارين جي آبادڪاري ۽ پنهنجن جي ڦُر۔ مار جاري رهي. جوانيءَ جي جوش ۔ دل بي هوش ڪان، ناز نخرن سان هلندڙ ڪئي جوڙا، بي گناھہ، ڪوڙين انائن خاطر، بدلي خاطر ۽ سِر جهڪائڻ خاطر، ڪهاڙين جا اٽيا ڏک هٽي رت سان ڌرتيءَ ڪي سيراب ڪري ڪيا. اهڙن ڪيترن مسئلن ۾ مان هڪ حساس ۽ هيٺين طبقي جو فرد ڇاتي ڪري سگهيس. تنهن هوندي بہ پنهنجي دل ۽ پنهنجي ضمير آڏو جوابده رهڻ ڪان بچڻ لاءِ ڪجھہ نڀايو هوم. رُنلن ۾ ٺاھہ ڪرائڻ، برادري ۾ ڪارائڻ، پيئارڻ، ووٽ ڏيڻ، ڏيارڻ، سياستدانن ڪان ڪڙمين سان رونبي، لاب تائين، مَنهن ڪي ڍڪرائڻ ڪان، ڪچي جاءِ ڪي ليپا ڪرڻ تائين، ريڊيو ۽ ٽيپ هلائي ڏيڻ تائين. بيمار ڪي اسپتال رسائڻ تائين ۽ ٻيا ڪئي سبب، حيلا ۽ وسيلا هلايم پر پوءِ ٻي سڀ رُنل ۽ خفا رهيا.

ابي جي عزيز گل حسن ڪي بہ پيرا ٽيپ رڪارڊر هلائي ڏنم، ٽيون ڀيرو مَنهن جي ٽوٽي ڇا اُپي ڪرايم، پوري ڳوٺ وارن جون نفرتون اُلري آيون. عتاب هيٺ آيس، جڳ جهان ڦِري ويو. مٿن مائٽن جي ڳُجهن اشارن ابي ۽ امڙ جي چٺن لفظن ڪان، دوست گلشن جي زبان ڪان، ۽ سميرا جي شڪي نظرن ڪان، ڪئي سوال پڙاڏو بڻجي، ڪنن ۾ گونجڻ لڳا. ”تون گل حسن جي زال مارئيءَ سان ڪريل آهين....؟“. ايڏو سارو الزام سهي نہ سگهيس. وضاحتون،

قسم سمجهاڻيون سڀ ٻَن پئجي ويون هيون. ابي امڙ ڀي مونکي غلط سمجهيو، جن ڄڻي، پالي، تاتي جوان ڪيو، جيڪي منهنجي عادت ۽ خصالت کان واقف هئا، سي دنيا چئي لڳي ويا. دوست گلشن ٻه ڪوڙو ڪيو، جنهن تي مونکي ناز هيو، اعتماد هو. ڪيس ليلائي منٿ ڪري سمجهائڻ جي ڪيم ته منهنجي همدردي ۽ مدد کي غلط رنگ ڏيڻ وارن کي سمجهاءِ، ايترو واهيات، ايترو ڪريل ناهيان، وحشي درندو ناهيان... رشتن ناتن جو قدر ۽ قيمت پر ڪيندڙ آهيان، مان ته ڳوٺ جي هر ناري کي ڀيڻ ۽ امڙ ڪري ڏسندو آهيان، سواءِ سميرا جي، جيڪا سميرا منهنجي نَس، نس ۾ سمائجي چڪي هئي. هن جي هر ناز، انداز کان متاثر آهيان. جنهن۾ نشو، خمار يا ڪو جادو آهي، هن جي معصوم مُرڪ ته منهنجو چين، آرام ڪسيو آهي. هن جي مڪمل شخصيت جي ڇا ڳالهه چوان۔ هن جي چيلهه تي لٽڪندڙ ڀورن وارن ۽ هن جي ڀورين، ناسين اکڙين جي نخرن ۽ لِکڻ کي ڪهڙو عنوان ڏيان، هن جي گول، گول ماس واري مُنهن لاءِ ڀيٽا طور ڪا شيءِ ناهي جو ڏيان.... مطلب ته اهڙي روح جي راڻي هوندي، ڪنهن ٻي ۽ شادي شده عورت ڏانهن پنهنجا جذبا ۽ احساس ڪيئن ٿو ڦيرائي سگهان؟ منهنجو سميرا بابت رايو ۽ اظهار ٻڌي دوست باهه ٿي ويو. اندر جو جنون ڦاٽي پيس. عجيب روپ ۾ اچي، طنزيه ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين ”جڏهن سميرا لاءِ اهڙي سوچ رکي، اهڙا ٻول ٻولي سگهين ٿو ته، پوءِ ڳوٺ جي ٻين ڇوڪرين يا عورتن لاءِ تنهنجو ذهن، تنهنجي سوچ ڇا پارسا ڇُهي ٿي وني...! تون گندو آهين، شايد وحشي ڀي، جن کي نياڻيون، ڀينرون، ۽ امڙيون ٿو چئين، انهن مان ئي ڪنهن ۾ نظر ٿو وجهين. سيئي لفظ، اکر، اکر تي سِيهو ٻڌجي ڪنن ۾ لهندا ويا. اعتبار ۽ ناز وارو دوست ائين ٻه چئي سگهي ٿو، دل ۾ ڌڪ لڳو، ڀوساتجي ويس، ڪارڙو، پيلو ۽ ڳاڙهو ٿجي ويس.

سميرا طرف ويس چيم ”سميرا تون ته گهٽ ۾ گهٽ اعتبار ڪر.. سڄي دنيا ڪافي ڌڪ ۽ صدما ڏنا آهن... مونکي سڃاڻ، مان اهڙن مردن مان ناهيان، جيڪي سڀني عورتن کي پنهنجي ملڪيت سمجهندا آهن، سميرا ان کان اڳتي ڳالهائڻ ئي نه ڏنو، چيائين ”اڄ کان پوءِ منهنجي نالي ۽ منهنجي حوالي سان پنهنجو واسطو يا ناتو، جوڙڻ جي ڪوشش نه ڪجان...! ڪريل انسان گندگيءَ جا پوڄاري وحشي..!!“ وڏا لفظ هئا، وڏا جهٽڪا لڳا، دل جي دنيا آباد ڪرڻ واري هستي، دل جي دنيا ويران ڪري ڇڏي. ڪن پل ۾ سالن جا

ڪيل واعدا، وچن ۽ اقرار ٽٽي، پورا پورا ٿي ويا. سميرا ڇِن ميارن، ڇيڇڙ جو اٽل فيصلو، مڪمل عهد ڏسي پويان پير ڪري هار ايل جواريءَ جيئن واپس ٽيس. پوري دنيا اوپري ۽ ويري پاسي! اونده ئي اونده هئي، ڪجھ نہ بچيو هو، ساھ مٺ ۾ اچي ويو، انهيءَ سَمي آهنجُ ڏنو. فيصلو ڪري، ٽايوڊان جا ڪڙا ۽ هانءَ چيريندڙ ڍُڪَ امرت سمجھي پِيتم، پر حياتي بقا ۾ هئي يا شايد محبت جي اڃان ڪا تند بچيل هئي، اسپتال ۾ هوس ۽ جيئَرو پڻ، پر ڪافي ٽٽل، ڦٽل هوس. سڀ اچي پهتا هئا. انهن ۾ ڪوبہ ويري، ڪوئي بہ دشمن ڪونہ هو، سڀ سڄڻ، سڀ همدرد هئا. شايد ڪين منهنجي محبتن ۽ مددن جو احساس ٿيو هو، پر مان اهو ساڳيو نہ رهيو هوس. اڄ سڀني جي دل ۾ وهم هو نہ گمان، سڀني جا تن، من صاف، سترا ۽ اڇا اُجرا هئا. گلشن ساڳيو گلشن هيو، دوست هيو، ابو ۽ امڙ شفيق ۽ مهربان هئا، سميرا پڻ ساڳي هئي، مِٺ، مائٽ سڀئي پنهنجا صفا پنهنجا هئا...!! نہ هوس تہ مان ساڳيو نہ هوس، مٽجي ويو هوس اڪيون ڪلي ويون هيون، ڇو جو انسان ٻڻجي پيو هوس. مونکي چٽيءَ طرح ياد آهي تہ زهر جي اثر ڪان ڇاڪ ٿيڻ سمي ڊاڪٽر آيو هو، اڪيون ڇلڪي رهيون هئس، چيو هئائين "نوجوان! افسوس آهي تنهنجي ساڃاھ ۔ تنهنجي جوانيءَ تي! تون پنهنجن رشتيدارن، پنهنجن عزيزن جي دلين، والدين جي تڪن، مَٽن لفظن ڪي نہ سَهندي خودڪشي ٿو ڪرين. جوان ٿورو سوچي ڀڏاءِ! اسان ڪي ڇا ڪرڻ ڪپي! اجتماعي طور انهن وحشين، دردن جي عملن ۽ ڪردارن لاءِ، جن ڌرتيءَ امڙ تي يلغارون ڪري، اسان جي مڪمل اڪثريت ڪي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن وحشي ظالمن سنڌي نياڻين جي اُرهن تي ڊرل مَشين سان سوراخ ڪيا آهن. جن غاصبن اسانجي اجتماعي حقن تي ڌاڙا هنيا آهن. جن اسانڪي، اسانجي ڌرتيءَ تي، اسانجي ئي ڳڀروئن جا لاشا ڏنا آهن، جن اسانجي معصومن ڪي اغوا ڪري، ذلتون ڏئي ماريو آهي ۽ جن اسان ڪي، اسانجي شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ يرغمال ڪري رکيو آهي!! ڀڏاءِ نوجوان جيڪڏهن اسان سڀئي ضمير جي چوڻ تي وڙهڻ بجاءِ ڀاڄي ٿي لڏڻ ۾ ڀلو سمجهيوسين، تہ پوءِ اُتي مسلمان هجڻ ڪري آڌر ڀاءُ تہ ٿي سگهي ٿو يا قوم هجڻ ڪري محبتون ۔ عزتون، ڪاڏو، پيتو ۽ روزگار تہ ملي سگهي ٿو پر ياد رکجانءِ نوجوان! اهڙين ۽ ايترين سهولتن هوندي بہ اتي اسانڪي اسان جو وجود اسان جي بقا، سنڌو درياءُ نہ ملندو، سنڌ ڌرتي نہ ملندي، شاھ لطيف بہ نہ هوندو۔ سچل، سامي، اياز ۽

بخاري نہ هوندو. موئن جو دڙو نہ هوندو ۽ مڪلي بہ نہ هوندي..!!“ ايئن چئي آليون اکيون اُگهندي ڊاڪٽر هليو ويو. منهنجي دل منهنجي دماغ هڪ ئي فيصلو ڪيو!! سنڌڙيءَ، پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ جيئبو ۽ پنهنجي بقا لاءِ مربو، شاهہ ڪان بخاري تائين، موئن جي دڙي کان مڪليءَ ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين، پنهنجن سانگيئڙن ۽ پنهنجن ماروئڙن لاءِ جيئبو ۽ مربو...! ڪئي، طريقا، ڪئي نمونا دل تي، من تي ۽ ذهنن تي سوار آهن. انهن کي استعمال ڪرڻ لاءِ سنڌڙيءَ جي هڪ ساجاهہ وند، سرڪش سنڌيءَ جو هي بيت ڪافي آهي.

رهجو سر ساوا، ٿوئا آهن ٿاهڻا،<br>
سنڌو ڪڇاوا، وجهي تن ۾ ساڙبا!

***

# ڇيڳرو

**گهر** جي لوهي در تي ٺينڊڙ ٺڪ، ٺڪ منهنجا ڪن ڪائي ڇڏيا، ننڊ ڦٽي هوس، ڇرڪ ڀري جاڳي پيس "صبح سوير ڪير ٿي سگهي ٿو... ڀڪو در ڪڙڪائي مٿو ئي ڪائي ويو آهي... واندا، واندا وتن ٿا پرائي سڪون ۾ خلل وجهندا" سوچڻ لڳس، گڏوگڏ ڪاوڙ ۾ غصو به چڙهندو ويو. جلدي هڪ نئون خيال آيو ته غصو ئي لهي ويو.

"شمن هوندو... ٻيو ڪوبه نه!" دل جو خيال دماغ ۾ هيو ته، ٻيو اونو ورائي ويو. در جي ڪڙڪي مستقل ڪن ڪائي ڇڏيا هئا. مان ته سَهي وجان ها پر، پاڙي وارن جي آرام ۾ خلل پوي ها، ۽ اهو خلل شمن لاءِ ڏچو ۽ مصيبت پيدا ڪري سگهيو پئي. سوچيندي ئي در طرف وٺي ڀڳس، بي انتها ڀڳس، پيرين اُگهاڙي ڀڳس. مونکي شمن ڀڄرايو هو. سندس غريبي ڏڪرايو هو، جيڪو پنهنجي عمل ڪارڻ پاڙي وارن جي عتاب ۾ اچڻ وارو هو. دروازي تي بنان ساهيءَ ڪڙڪائڻ جي رفتار وڌندي رهي، مون هڪلون ڪيون "آيو ڙي... آيو.. آيو..." پر فرق نه پيو، در تي پڄڻ وارو هوس، منهنجي نيت ۽ منهنجي ڪوشش ڪاميابي ماڻڻ واري هئي، جو منهنجي وڏايل هٿ ڪان اڳ منهنجي دل جي تمنا، امڙ جي ڏاريل، دادلي مينهن لاءِ لڳل ڪلو ڪائي، ڳڙڪائي ويو. مينهن لاءِ لڳل ڪلو، گهر در جي اچڻ وڃڻ واري رستي جي وچ تي لڳل هو. امڙ اوڙي پاڙي وارن ڪي ڏيکارڻ لاءِ، خاص طور اُهو ڪلو در سامهون هٽايو هو، جيئن ڏسڻ وارا جلن ۾ پچن. ٻه مهينا ته ڏسڻ وارا ڏسندا رهيا، پر جلڻ وارن اندر جلائي مينهن ئي چوري ڪري ڇڏي هُئي، نه بانس رهيو نه بانسري. پوين ٽن هفتن ڪان ڪِلو نه ڪپيو سو نه ڪپيو. پڄڻ دؤران، ننڊ جي اثر ۾ هجڻ ڪري، گهٽو ئي سنڀالڻ باوجود ساجو پير ڪلي سان اٽڪي پيو، توبهه زاري. پير وڇڙندي گهٽو ئي پاڻ سنڀاليم پر سنڀالي نه سگهيس. پٽ ۾ لڳڻ سان مٿو ڦاٽي سگهيو پئي.

منهن وڄائجي سگهيو پئي، ٻانهن ٻه پڄي سگهي پئي، وڏي ڦڙتيءَ ۽ چستيءَ سان پاڻ بچائڻ لاءِ، پيٽ ۾ لڳڻ کان بچڻ جي ڪوشش ڪامياب وئي، پر پيٽ ۾ لڳڻ کان بچڻ لاءِ جنهن پاسي ڪِري پيس. اُتي ڏک ته نه لڳو هو، پر هزارين، احساس ضرور مجروح ٿيا هئا. انهيءَ کان پيٽ ۾ لڳان ها، مٿو ٽوڙايان، يا ٻانهن ڀڃرايان ها، اهو ڀلو هو، هھڙي حالت ته ڪونه ٿي ها! اهڙي حالت جيڪا منهنجي وهم گمان ۾ ٻه نه هئي، ڪلي ۾ وچڙي، پيٽ کان پاڻ بچائڻ واري ڦڙتيءَ تي، غصو آيو. اهڙي چستي وچي ٻَنِ پئي ها، مون سان اهڙي حالت ته نه ٿي ها. ڪلي ۾ وچڙي، پيٽ ۾ لڳڻ کان پاڻُ بچائي، جنهن هنڌ وچي ڪِرِيُس، سو هنڌ جيجل امڙ جي پياري مينهن جو واڙو هيو، مينهن، جنهن کي پاڙي جو ڪانيو خان، پاٿاريدارن جو چمچو، پوليس جو چاپلوسي عيد محمد، عرف عيدو چورائي ويو هو. ڪاله تائين چوڻ ايلاز ڪرڻ، باوجود، امڙ منهنجو چيو نه ڪيو هو، امڙ کي چيو هوم ”جيجل امڙ! اهو مينهن جو لڳل ڪلو ڪپي ڇڏ، ظالم مينهن ڪائي، ڳڙڪائي ويو، اها ڪڏهن ٻه اوڳاڇجي ناهي ملڻي... تون ڪِلو ڪپي ڇڏ، ڪنهنجو پير وچڙي سگهي ٿو، ڪوئي ٿاٻڙجي، ڪري ڏک ڪائي سگهي ٿو“. منهنجو چوڻ، امڙ جون گاريون، لعنتون، ملامتون، پٽ ۽ پاراتا عيدوءَ لاءِ ته ٿيا، پر ڪلو ڪپجي نه سگهيو. ڪلي جي نه ڪپجڻ تي ڪوبه ڏک نه هو، پر ڏک انهيءَ ڳاله جو هو ته، جيجل امڙ، پنهنجي چورائجي ويل مينهن جي ڇيڻن کي نشاني طور سنڀالي رکيو هو. سو اڄ مان ڪلي ۾ وچڙي، پيٽ کان بچي، ڇيڻن جي انهيءَ ڍير تي ڪريو هوس. اڌ سينو، ٻئي ڪلها سڄي ڳچي ڇيڻن جي ڍير ۾ لهي وئي هئي، انهيءَ جو ٻه ڪو غم نه هو، پر افسوس منهنجو مُنهن هاءِ، منهنجو منهن منهنجو سھڻو، سيبتو منهن ڇيڻن جي رِبَ ۾ لڳي، پنهنجي شڪل وڃائي ويٺو هو، پوءِ ٻه اهڙي حالت تي شڪر ڪيو هوم جو رڳو احساس مجروح ٿيا هئا، بي عزتي ٿي هئي، سا ٻه ٿوري بي عزتي، گهٽي تڏهن سمجهان ها، جڏهن ڪو ملو هجان ها! شمن جو خيال ايندي ئي، در ڪڙڪڻ جو واقعو ياد اچي ويو، در وڃڻ بند ٿي چڪو هو، پر در پرسان گوڙ ٿيڻ جا وهم ۽ وسوسا جاڳي پيا، تڪڙ مان، ابتا، سبتا هٿ هٽي، منهن، مٿو صاف ڪري، در کان ٻاهر پهتس ته، مون وارو دلي دوست شمن خان، سڄي سماج جي هٿن ۾، چنبن ۾، ۽ گهيرن ۾ هيو. سماج جيڪو ڪجھ ڪري رهيو هو، سو ڏسڻ ۽ سهڻ وٽان نه هو، لُوھ پيري، ساري سماج ۾ گھڙي پيس. سماج کي چيريندو، وچي، انهن هٿن، انهن چنبن تائين پهتس،

جيڪي شمن جي گريبان کي چاڪ ڪري، ڪيس چڪي ۾ ڏکي رهيا هئا. مس، مس، سمجهائڻ ۾ تڪو ڳاهائڻ ڪانپوءِ سارو سماج سڌيرو ٿيو. شمن خان آزاد ٿيو، مان وڏيڪ ڪنهن سوال جواب ڪرڻ، وضاحت ڪرڻ، معافي وٺڻ، دشمني ڪرڻ ۾ دڙڪي ڏيڻ بجاءِ، شمن کي ورتيون، لوهي در کولي، اندر هليو آيس، هلندي اجان گهر اڱڻ تي پيل ڪٽن تائين به نه پهتو هوس، ته پويان شمن خان ڪلي ڏنو، ۾ ڪلندو رهيو. اهو ڏسي ۾ پڌي مونکي غصو آيو، ته ”جيڪر ڪلڻ وارو منهن پيجي وجهانس“. مونسان جيڪا حالت ٿي هئي، تنهن تي شمن ڪلي ڪيرو ٿيل هو. شمن خود پيي ساڙيلي سماج هٿان بي حالتو ۾ بي عزتو ٿيل هيو. هن جي حالت مونکان به بدتر هئي.پنهنجيءَ کي وساري، مونکي ساري رهيو هو. پاڻ سنڀاليندي هڪل ڪئي مانس ”پلا ٿي شمو!... مونتي ڪلڻ ڪان اڳ، پنهنجي حالت به ڏس، ساڙيلي سماج، چيريو، ڦاڙيو ٿي يا ڪن ڪتن...“ پنهنجو طنزيہ ڳالهائڻ، ڪتي چڙيو هوم، چو جو منهنجي هڪل ڪان، آخري اُچار ڳالهائڻ تائين، منهنجين نظرن، شمن جي چهري جا ڪئي آيل، ويل رنگ ڏسي ورتا هئا. پاڻ ڪِلي پين کي ڪِلائيندڙ شمن خان! مُنهَن پڪائيءَ ۾ ڦڪائيءَ باوجود پاڻ سنڀالي نہ سگهيو هو، روئي پيو هو. هن جو ڪلڻ، ۾ روئڻ گهٽن کي ماري ويندو هو. مونکي پڇتاءُ وڪوڙي ويو. سمجهي چڪو هوس ته ساڙيلي سماج هٿان سَتجي، ڪتجي، پنهنجو سور پي، منهنجي حالت تي ڪلي هُو مونکي ڪلائي، منهنجو من ريجهائڻ لڳو هو. منهنجا جذبا ۾ منهنجا احساس ڏکي، ملامت ڪرڻ لڳا. شمن خان کي سچائي نہ سگهيو هوس. لڇي ٿي، وڏي وڃي، پرچائڻ لڳو مانس ته ڪافي لمحن تائين، روئندو ۾ سڏڪا پريندو رهيو. پرڪ ٿي وئي ته ساڙيلو سماج ڪيڏو نہ ظالم آهي، جنهن اڄ بہ ظلم ڪري، هڪ سادي، سلوڻي ۾ صاف دل معصوم کي ڪتي، ستي ناڙ ڪيو هو.

شمن هڪل ڪري چيو ”پلا ٿي چيڳرا! متان رُنو آن... روئنديون، رَنون آهن، نہ کي مرد، مان پنهنجي حالت تي رُنو آهيان... ڪيڏو نہ ساڙيلي سماج ظلم جو نشانو بنايو آهي....!“ مان حيران رهجي ويس. ٿورو اڳ هن جي حالت رحم جوڳي هئي، هو ڏکارو هيو، وري منهنجي ڏکاري ٿيڻ تي، پنهنجو پاڻ وساري مونکي ڪلائي رهيو هو. ڪل ۾ ڪيرو ٿي پيو، مان بہ ڪلندي بي حال ٿيس تہ هٿ پڌي چيومانس- ”شمن! خدا جي واسطي، هاڻي رحم ڪري ڪٽي بس بہ ڪر وڏيڪ نہ ڪِلاءِ، مونکي پيٽ ۾ سور ٿو پوي“.

”سڪندر! ساڙيلي- سماج سور ڏئي رت ئي ساڙي ڇڏي آهي“.

شمن خان، ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو ”سو انهيءَ رت جي پورتِ ڪرڻ لاءِ، ۽ رت وڌائڻ لاءِ، واحد ذريعو، ڪلڻ ۽ ڪلائڻ ئي آهي...“.

”پوءِ ڀلجان ساڙيلو سماج هر روز رت ساڙيندو رهي“ وچ ۾ ڪتي وڏومانس ”اسان ڪلندا رهون ۽ رت وڌائيندا رهون... جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن اها ڪِل بہ ختم ٿي وئي تہ پوءِ..........؟!“

”سڪندر! خدا جو قسم آهي، جيستائين ساڙيلو سماج هوندو، تيسيتائين ڪلڻ، ڪلائڻ پڻ هوندو“ شمن بنان ساهيءَ جي ڳالهائيندو رهيو. ”اسان ساڙيلي سماج کان پاڻُ سٺرو، ڪونہ هارائينداسون، ڪلندي ڪلائيندي هن ڪي جهڪائينداسون، يا جهڪائي، ڪلڻ تي مجبور ڪنداسون، يا رت روئڻ تي پهچائينداسون“.

”شمن! مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ ظلم جي ايجاد ڪرڻ وارو، پاڻ ڪيترو نہ ظالم ٿي گذريو هوندو“.

”رڳو ظالم! سفاڪ، بي رحم، ۽ پٿر دل بہ هوندو“ ڪتي وڏو هڻائين.

”ظلم جي ايجاد ڪندڙ جي صحيح ۽ مستند تاريخ نہ آهي، پر منهنجي اندازي مطابق دنيا جو پهريون ظلم هابيل ۽ قابيل کان شروع ٿيو هو، جنهن ۾ هابيل هٿان قابيل جو قتل ٿيو هو ۽ پوءِ اهي ظلم جا سلسلا اڄ تائين جاري و ساري آهن“.

”شمن! ڀلا اهو ٻڌاءِ تہ ظلم ڪي ڪائي شڪل ٿيندي آهي...؟“

”سڪندر! ڏاڍوڪو سادو آهين“ شمن ڪلي ڏنو هو. ”ياءِ! ظالم هر دؤر ۾ هر وقت هر هنڌ، پنهنجون شڪليون مٽايون آهن، پر ظلم جي شڪل و صورت هڪڙي ئي آهي. هن سدائين، هيڻي، بيوس، لاچار، مٿان ڪِرندي پنهنجو رنگ ۽ پنهنجو اثر ڏيکاريو آهي. جيئن اسان وٽ ڌارين آبادڪارين سبب، معاشي بدحالي، ڪلاشنڪوف ڪلچر، منشيات، بدامني ۽ لاقانونيت چوٽ چڙهيل آهي. ان کان وڌ ڇا توکي اڄ ڪلهہ جي حالات ۽ واقعات ۾ ظلم جو اثر، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. افغانستان ۽ عراق مٿان، آمريڪا پنهنجن ساٿين سميت ظلم جا پهاڙ ڪيرائي رهيو آهي....“. شمن چُپ ٿي ويو.

”شمن! تنهن جي معنيٰ تون وساري ويٺو آهين“ لفظن تي زور ڏئي، مقصد بيان ڪرڻ لڳس ”ارغوني، ترخاني ۽ تاتاري ظالمن ڪي، جن اسان وٽ

”گهوڙا، ڙي، گهوڙا“، ”جڏهن، ڪڏهن سنڌ ڙي، توکي قنڌاروءَ خطرو“ جهڙيون چوٽيون چڙيون، 16، 17 صدين واري ظلم جو حساب، ڪتاب، 21 صديءَ ۾ آمريڪا وارن ورتو. سٺو ٿيو...!!“

”پلا ٿي ڇيڳرا ڪنهن جاءِ جا، آئين نہ پنهنجي اصليت تي!“ شمن هڪل ڏئي توکي وڌو ”پنهنجن سورن، پورن کي، دشمن جي سورن سان ميٽڻ وارا پڻ ظالمن ۾ شمار ٿيندا آهن“ شمن چند لمحا ٿڌا ساهہ کنيا ۽ پوءِ ڳالهايو ”سڪندر! ظلم ڪٿي بہ ٿي ۽ ڪنهن تي بہ ٿئي، سو ظلم، ذات، پات، نسل ۽ سرحدن کان مٿيرو، انسانيت تي ئي ٿئي ٿو. ظالم وحشي تہ ٿي سگهي ٿو، انسان نہ! انسان ۽ انسانيت جي گهرج اها آهي تہ ظالم کي ظالم ۽ مظلوم کي مظلوم ضرور چئجي...“.

ڳالهائيندي ڪتيومانس ”ائين چئجي تہ، اڄ افغان حمايتي ٿي آيو آهن...؟“

”سمجهي سگهين ٿو“ مختصر جواب ڏنائين.

”تہ پوءِ لعنتي آهين“ نهہ، پهہ خطاب ڏنومانس ”پنهنجيءَ ڌرتيءَ مٿان ماضيءَ جا سمورا ظلم وساري ويٺين، جنهن دؤر جون آهون ۽ دانهون، تاريخ جي ورقن ۾ اڄ بہ روئن ۽ رڙن ٿيون“.

چهري تي ناگواري تاثر اڀري آيا تہ، ٿڌو ٿي ويو، پل کن رکي وري ڳالهايائين ”سڪندر! تون سمجهين نہ ٿو تہ مان ارغون، ترخان ۽ تاتارين کي صحيح نہ ٿو چوان، غلط مان آمريڪا کي بہ چوان ٿو. ڳالهہ آهي، ظالم جي ظلم جي. مظلوم جي سهپ جي... ڪالهہ اسان مظلوم هئاسون، اڄ افغاني آهن ۽ بس...“.

مان بہ هار ڪائڻ وارن مان نہ هئس، مقابلو ڪري، فاتح بڻجڻ وارن مان هوس ”شمن! مونکي تنهنجا نظريا سمجهہ ۾ نہ ٿا اچن، ڪجهہ وقت اڳ، آمريت خلاف واويلا ٿي ڪيئہ، هفتو اڳ، قومپرست بڻجي، ناٽي ۽ پاٽيءَ جي ورچ متعلق باغي بڻيو رهين ۽ اڄ وري افغان حمايتي! تنهنجي فطرت، رجعت پرست تہ نہ ٿي پئي آهي؟“.

”اڙي ڇيڳرا! تون نہ سڌرنديين ۽ نہ سمجهندين“ شمن جي ارادي ۾ پختي هئي. ”بابا! پوري دنيا جي پوري ڪنڊ ڪڙڇ جا مظلوم منهنجا پنهنجا آهن، انهن جي حمايت ڪرڻ، هر ساجاهہ وند جي نس، نس ۾ سمايل هوندي

آهي. آمريت مخالف آهين، جمهوريت ئي انسانيت کي روح ۽ ظلم کي کي پنجو ڏئي ٿي. قوم پرست هوس، آهيان ۽ رهندس- پنهنجي ماروئڙن جي جائز حقن تي، ڳالهائڻ منهنجو فرض آهي، قومي ۽ ملڪي ليول ڪانپوءِ افغان مسئلو، انٽرنيشنل اِشو طور آهي، تڏهن اسان، پنهنجا مسئلا پاسي رکي، وڏي اِشو کي وٺون ٿا. وقت ۽ حالت ڦرندي، وري پنهنجا حق، پنهنجون ڳالهيون ٿينديون“ .

”شمن! خدا جا بندا، هاڻي بس بہ ڪر“ . تنگ ٿي جند ڇڏائڻ لاءِ چيم ”مون کي تڙ ڪرڻو آهي، تيستائين، تون ٻيو پنهنجي حالت سڌارڻ جون تياريون ڪر،....“ .

تڙ ڪرڻ لاءِ، قميص، گنجي، ۽ شلوار لاهي، انگوشو ٻڌي نلڪي کي گيڙا ڏئي، پاروٽو ۽ ٿڌو پاڻي ڪڍي، گرم پاڻي وهائي وهنجڻ لڳس، هو اندر ويو، اندران منهنجي ۽ پنهنجي لاءِ بہ جوڙا ڪپڙن جا ڪڍي آيو، ڪپڙا استري ٿيل هئا، قميصون الڳ ڪري، ٻنهي شلوارن ۾ واري، واري سان اڳٺ وجهندي، اوچتو هن کي، نڇن ورايو، نڇن سان عجيب قسم جو آواز ڪڍندو رهيو. مان چپ رهيس، پر وري نڇون آيس، ساندهہ ست نِڇون ڏنائين تہ غصو وٺي ويو، پر ماٺ رهيس، هن وڏي منهنجي چيٽن ۾ ٿڦيل قميص جي پاسي واري کيسي ۾ هٿ وجهي رومال ڪڍيو ۽ عجيب آواز ڪري، نڇون ڏنائين تہ رهڻ نہ ٿيو، پڇيومانس ”چورا! خير تہ آهي، رڳو ٿو رڙين... ڇيڳرا ڪجهہ خيال ڪر، تنهنجا جراثيم وچڙي نقصان ڏئي سگهن ٿا،... ڪجهہ خيال ڪر...“ .

منهنجو ڳالهائڻ ڪتيائين ”نياڳا! وڏو دهشتگرد ۽ ڇيڳرو تہ تون آهين“ . منهنجون حيرت ۽ غصي کان اکيون کلي ويون. هن وري ڳالهايو ”هونهہ! پاڻ کي وڏو صفائي پسند ۽ سيبتو سمجهندو آهين، پاسي واري کيسي ۾ رومال بجاءِ جوراب رکيون ٿو گهمندو وتين... ٻڌاءِ اجان ڇيڳرو ناهين...؟؟“ ان کان اڳ جو ڪو جواب ڏيان، يا ڳالهايان، شمن خان نڪري ويو ۽ هن جي هٿ مان اُڇلايل ويڙهيل، سيڙهيل جوراب، زمين تي ڪري توڪي رهيو هو ۽ مان سمجهڻ کان قاصر هيس تہ اهو جوراب منهنجي کيسي اندر ڪيئن آيو، جيڪڏهن آيو بہ تہ پوري رات ۾ بہ ٽي ڀيرا استعمال ڪرڻ سان مونکي سُڌِ ڇو نہ پئي سگهي هئي.......!!؟؟

***

# روايتي ڇوڪري

**هوءَ** جمال جي گهر اوچتو ايندي هئي ۽ ساڳيءَ طرح اوچتو هوا جيئن واپس هلي ويندي هئي- جهڙوڪ آئي ئي ڪونہ هئي. هن جو جمال جي گهر ۾ ۽ خود ۾ ڪوئي خاص ڪم بہ نہ هوندو هو، جنهن لاءِ گهڙي گهڙي، ٿوري، ٿوري اچڻو پوي. گهر اچڻ ڪانپوءِ جو مشغلو يا ڪم بس ٿورو ڪي گهڻو جمال سان ڪونہ ڪو بهانو ناهي ڳالهائڻ، ٻولهائڻ...!

ماڻس سان ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائڻ، جمال جو خيال رکڻ هن جو ڪائڻ، پهرڻ ۽ پڙهڻ پڻ شامل هيو. وڏيڪ ضرورت وقت هيڏانهن، هوڏانهن جون خبرون چارون لاهي چاڙهي بيان ڪرڻ، ڪجھ حال، احوال ڪرڻ، ڪي ڪليل ٺهڪ ڏيڻ ۽ بعد ۾ اصلي ڪم جمال ڪي گهرين ۽ ڇور نيڻن سان گهورڻ هو، جنهن گهور ۾ پيار هو، پيار جنهن ۾ وري بڪ، ۽ حاصلات هئي.

گريجوئيٽ پاس ڀُونائيءَ نوجوان جمال هن ڪي بس هڪ ٻار يا وري ڪا سادي سودي، چنچل دادلي ڇوڪري پائيندي، هن جي حرڪتن ۽ شرارتن ڪي ٻاراٽي عادت سمجهندو هو. هن تہ ڪڏهن بہ هن ڇوڪريءَ جي ڇور نظرن ۽ لالچي نهار ڪي نہ پرکيو ۽ نہ پروڙيو هو. گهران ماءُ سان ننڍي وڏي، ٻي جا ڪم يا ڪڇهريءَ جو بهانو ٻڌائي جمال وٽ اچي رسندي هئي. جمال ڪي ڏسڻ، ان ڪي ڇيڙائڻ ۽ هن سان ڳالهائڻ ڪي عبادت سمجهندي هئي. هوءَ راتين جو اڪثر اڪيلي ۽ خاموش لمحن ۾ ذهني اسڪرين تي خيالي عڪس آڻي بيهاريندي هئي. هوءَ جمال جي ڏينهن تتي ۾ شهر ڪا واپسي وقت بوٽ جا ڪها لاهي جوراب سنگهندي هئي. هن جي بوءِ هاڻن پيرن ڪي ٿالھ پاڻي ۾ ڌوئي اهو پاڻي پي ونڻ جا تصور ڏسندي هئي، جيڪو ڪيس شربت جو ذائقو ڏيندو هو. هوءَ بعد ۾ ٽڪل ٽتل جمال ڪي پيرن ڪان وني مٿي تائين عقيدت مان چمندي بہ نہ ٽڪجندي هئي وغيره وغيره. مطلب تہ هن جي هر سوچ ۾ جمال... هر ساھ سان

جمال... ساهه جي ڌڙڪن ۾ جمال... جمال ۽ بس جمال...!!! ڪم ڪار لاءِ ته زباني طور پنهنجو فرض ڪوٺائيندي هئي، پر اصل انهيءَ فرض پوريان سنڌس لالچ لڪل هوندي هئي. پاڻ وٽائڻ ۽ هر هر اڇڻ واري مقصد ۾ ڪامياب هُئي. جمال جي ماءُ منهن مان پنهنجي لاءِ تعريف ۽ دعائون ٻڌي خوش ٿي ويندي هئي. جمال هن کي بس هڪ سادي سودي روايتي ڇوڪري ۽ عام پائيندو هو. پنهنجي مفاد لاءِ ڪپڙن ڌوئڻ... ماني آٽڻ، ٿانو ڌوئڻ، ماءُ جي ڪم وڏي وجڻ وقت هن کي سارڻ نه وساريندو هو. ڪجهه ڏينهن کان اهو سارڻ هن لاءِ مصيبت ۽ تڪليف ده بڻيل هو، جنهنکي پيڻ سمجهندو هو، تنهن جي عملن، قدمن، اشارن ۾ ڪائي لالچ ضرور هئي. ڪڏهن وري ان سوچ کي وري به غلط سمجهي پاڻ کي ملامت ڪندو هو. ڇوڪريءَ جي حجتن ٺهڪڙن گهوريندڙ نظرن کي بي مقصدو ۽ بيجا سمجهي ٽاري ڇڏيندو هو. اڳين ڏينهن ۾ هن سادي سودي ڇوڪري جي لڇڻن، عملن، حرڪتن ۾ اضافو اچي ويو، ڪپڙا ڪيرائڻ، لويڙڻ، ماني ڪچي پچائڻ، ڪتاب وڪيرڻ ۽ ڦتوڙڻ روز جو معمول بڻجي ويس. ماءُ کي ڪوڙ دفعا چيائين پر، ماٺهنس هر ڀيري اهو چئي ڇوڪريءَ تان عذاب ۽ مصيبت ٽاري ڇڏيندي هئي ته "اڙي ابا! مڙئي، ننڍڙڪي ۽ ڇوري ڇني آهي... پيءُ ننڍڙي هوندي کان موڪلائي ويس. ماءُ ۽ مامي پاليو اٿس، تنهنڪري دادلي آهي، سمجهه خوش طبعي آهي. تنهنڪارڻ سڀ سان ڪلي، ملي پنهنجائپ واري انداز سان، مذاق سان پيش اچڻ جي وٽس عادت آهي... اصل ۾ هُوءَ ويڳاڻي من کي بهلائيندي جيءَ خوش ڪندي آهي..." ماءُ کان چڙ وٺي ويس، ڪيئن نه صفائيءَ سان بي ڏوهي ڪري ويس "امان! اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ هن کي اسان جو ئي گهر مليو آهي. منهنجو سامان ۽ مان ئي بس...!"

سوال کي سوال ئي رهڻ ڏنائين. "هن جي اندر ۾ ڪا ڳالهه ڪو بار ڪو بوجهه آهي، جنهن کي بهلائڻ لاءِ، هيڏي هوڏي، حيران ۽ پريشان ڦري ٿي..."

اڳين شام هوءَ آئي هئي. جمال سڏ ڪيس ۽ سوال پڇي ورتائينس. هوءَ پريشان ٿي وئي. رنگ لهندا چڙهندا ويس. جمال گهورڻ لڳس، اکيون ڦيرائي ڇڏيائين، ڦڪي، پيلي، ڳاڙهي، ڪاري ٿيندي رهي. جمال کي ڪاوڙ لڳي، ٻچان اچي ويس. "توکي هن سڄي ڳوٺ ۾ منهنجو گهر ۽ منهنجو سامان

ٽوڙڻ لاءِ مليو آهي...“. هوءَ خاموش رهي، ڪجهه نه ڪُڇي. جمال کي ڏسندي وري گهٻراهٽ مان منهن ڦيريندي رهي.

”ٻڌاءِ... آخر مونکي ئي ڇو گهٽو تنگ ڪندي آهين...؟ ٻڌاءِ آخر تنهنجو مقصد ڇاهي...؟؟“. هن پيپري، حيران ۽ پريشان ٿيڻ بجاءِ هن ڪلي ڏنو ۽ ڪلندي ئي رهي. چپ ڪري، پاڳلن جيان، يڪ ٽڪ تڪيندي رهي، لالچ ۽ لوڀ ۾ ساڳي مستي، ساڳيو خمار موجود هوس. هن جي ڪلڻ ڪان جمال گهٻرائجي پريشان ٿي ويو. ماءُ جو اونو لڳس، ٻاهر ڀڳو، ماڻس جو نالو نشان ئي ڪونه هيو. اطمينان جو ساهه کنيائين، واپس آيو. هوءَ آهستي ڪلندي، مسڪرائيندي رهي. جان ڇڏائڻ لاءِ چيائين. ”ڇوري ايترو نه کل... اهي تو واريون واڇون ٿيون روئن...“. ڪلڻ ڪان بند ٿي وئي. ڳاڙهي ڳٽول ٿي وئي. ٽوڪڻ، تير جيئن هن کي گهاءَ ڪري ويو. تيز نظرن سان جمال کي گهوري، رئي جي پلاند سان واڇون اگهي، هلي وئي، ۽ پويان جمال هن کي گهوريندو رهجي ويو.

ڇري ڇوڪري پنهنجي ماروٽ جي نانءِ ٿيل هئي. مڱڻي ۽ شادي جون هُليل ڳالهيون ٻڌندي جمال سک جو ساهه کنيو، ”جلد هن جَزا مان جند آجي ٿيندي“. گذريل واقعي بابت پڪ هئس ته بي عزتي ڪانپوءِ ته ڪجهه ڏينهن ته گهر ايندي ئي ڪونه. پر جمال ڀليل هيو. هوءَ اڳين ڏينهن صبوح جو وري آئي هئي. ڏاڍو نهي، نڪي، سيبتي ٻڌجي جمال کي اڄ نوڪري لاءِ شهر ڪنهن بيورو ڪريٽ وٽ وڃي ايلاز منٿ ڪرڻي هئي ۽ ماڻهنس اڏارن پئسن لاءِ پاڙي ۾ ويل هئي. هُوءَ وڏي همٿ، عزم ۽ پوري حوصلي سان اندر آئي. بنا دير ۽ بنا جهجهڪ جي در بند ڪري ڇڏيائين. جمال جون اکيون ۽ وات کليا رهجي ويا. ڇوڪريءَ جي بي ڏڙڪ جرئت، ۽ بهادريءَ تي حيران هو. انهيءَ سماج ۽ معاشري ۾ جنهن ۾ ڪنهن مٽ، مائٽ، عزيز رشتيدار سان آهستي ۽ ويجهو ڳالهائڻ ٻولهائڻ شڪ ۾ مبتلا ڪري ڇڏي. شڪ وري قيامت ٻڌجي پئي. هيءَ ته ڏينهن ڏٺي جو اڪيلي گهر ۾ سوڀ در بند ڪرڻ!... هن حد اورانگهي ڇڏي هئي. شرميلي، لڄاڙو ڇوڪري، هن سان نظرون، نظرن سان ملائي، هن کي گهائي رهي هئي. ڇوڪريءَ جي ان قدم تي سوچيائين پئي ته ڇوڪريءَ وڏي بهادريءَ ۽ بي ڊپائيءَ مان ڏکو ڏئي ڪٽ تي اچلي پهريون قدم کنيو – پوءِ ٻيو وڏو قدم... ٿيون انتهائي ڪريل قدم... هوءَ ان ئي ويرم جمال مٿان ڇانئجي

وئي. وچولي وجود واري جمال کي پاڻ ۾ سميٽي ڇڏيائين. خواهش جو غلبو طاري هئس. چمين جي پرمار لائي ڏنائين. جمال جا سپ وهم وسوسا، حقيقت جو روپ ڌاري چڪا هئا، منجهيل سوال جو جواب سلجهي ويو هو. شيطان ڇوڪريءَ جي حرڪتن... لالچي نظرن... ۽ هن جو ڪم ڪار ڪرڻ پويان اصلي مقصد ڇا هيو؟؟؟ جلدي مان، بنان دير هن کي پٺي ڌار ڪيائين. نفرت ۽ ڪرپ جي تيز گهور سان گهورڻ لڳس. بنان ڪجهڻ يا دير ڪرڻ جي در کولڻ لاءِ ڪنڊيءَ ۾ هٿ وڌائين تہ، پويان بکايل شينهڻ پاڪر وڌس، ٻنهي ٻانهن جي زور سان جمال قابو ٿي ويو. ڪافي زور ۽ لامارا سامارا ڏيڻ بعد هن جند آجي ڪرائي. لالچي ۽ لوڀي ڇوڪريءَ کي ٿڦ وهائي ڪڍي "بي حياء ڇوري! توکي شرم ڪونہ ٿو اچي... هن ابهري قدم جي سزا جي خبر اٿئي...؟"

"مان بي حياءَ ناهيان... منهنجي تہ توسان محبت آهي... رهي سزا! تنهن لاءِ ٻي ڪي وجي ويچار... منهنجي لاءِ تہ تون آهين - سپ ڪجهہ تون!!!"

ڏاڍي مضبوط لڳي رهي هئي ۽ سندس ارادا رُڪ ڪان پڪا پاسجي رهيا هيا. "ڏس. ڇوڪري! مان ڪنهن ٻي جي چاهت آهيان... تون تہ صفا بي حياءَ ۽ بي شرم بہ آهين... اُگهاڙي آهين آخ ٿو...." وڌو زهر زبان تي پرجي آيو هوس. "جنهن کي پيٽ سمجهندو هوس تنهن... توبهہ... توبهہ..." . "تون نڪري وڃ... جلدي، مان تنهنجي شڪل بہ ڏسڻ نہ ٿو چاهيان...". واقعي جمال ٽٽي پيو هو. خيالي رشتو مفادي حاصلاتي نڪتو.

"ڪافي عرصي کان تنهنجي الفت ۾ ٻري رهي آهيان... سڙي رهي آهيان... تڙپي ۽ لُڇي رهي آهيان... منهنجي من جا راٽا اچ ۽ اچ منهنجي اندر جي اچ ۽ تڙپ واري باهہ کي وساءِ... مونکي بچاءِ... مونکي بچاءِ..."

"آخر تون چاهين ڇا ٿي...؟" جمال هيٺائين ورتي.

"بس راٽل! توکي ۽ تنهنجي محبت کي چاهيان ٿي... تنهنجي قربت گهرجي!" ست ڏئي پنهنجو چولو لاهي وڌائين ۽ تيزي سان جمال طرف وڌي.

"خبردار! اڳتي نہ وڌجانءِ... تون ڪنهن جي امانت آهين ۽ مان بہ ڪنهنجو ٿي چڪو آهيان" جمال هڪل ڪندي چيس.

"جمال! اهي هدايتون ڪرڻ ڇڏي ڏي ۽ اچ... جي نہ ٿو اچين تہ پوءِ مان ٿي اچانءِ..."

"مڙي وڃ ڇوري! خدارا مڙي وڃ".

”تنهنجي ڪابه هدايت ۽ نه وري ڪائي سمجهاڻي اچ مونتي اثر نه ڪندي“

”پوءِ...؟“

”مونکي قرب ڏي... توکي ڏيڻو ئي پوندو...“.

”نياڳي! تون ته ڪنهنجي امانت آهين“.

”ڪوبه فرق نه پوندو... ان جو بندوبست هڪ ايلفي ۽ بس“.

”تون وڏي ڪميڻي آهين...“.

”پيو ڪجهه؟“

”تون ته وئشيا کان به ڪِريل آهين“.

”ڇا به سمجهين...!!“

”تون ته ڪنهنجي امانت آهين...“

”اونهه... وري ساڳي ڳالهه...“ جمال کي پڪڙڻ جي ڪيائين. جمال نکري ويس

”وڏو گناهه آهي...“

”ڪنهن کان ڪونه ٿي ڊڄان“.

”مونکي ته ڊڄ ٿئي ٿو الله کان ۽ هن بيچڙي سماج کان...!!“

”بس!... وڌيڪ سمجهائڻ جي ضرورت ناهي...“

”پليز... مونکي معاف ڪر...“. جمال ليلائڻ شروع ڪيو.

”ڪجهه ناهي ٻڌڻو... بس تنهنجي ضرورت آهي...!!“ جمال تيش ۾ اچي ويو.

”تنهنجي ضرورت جو پوراءُ پي هنڌان ٿي ويندو...!“

”چوان ٿي ته بس مونکي تون ٿو گهرجين...“ هن پيري ڪاوڙ مان جلدي جمال جي چولي کي سٽ ڏنائين. جمال ڳاڙهو ٿي ويو. اکين ۾ شعلا ٿي نڪتس.

”تو جهڙيون واحيات، ڇڙواڳ ڇوريون ائين نه ڪنديون ته پيو ڇا ڪنديون. خاندان ۽ والدين جي ننگ ۽ ناموس تي ڪارو ٽِڪو لائي ڇڏين. تون ته بيچڙي آهين، بي غيرت ۽ بد نسلي آهين. وڌيڪ ڪري به ڇا پئي سگهين. آئينءَ نه ٻڻ ٻڻياد تي...!“ وڏي ٿي وئي هئس. فوراً لتل ڪپڙو پائي اتان رفو چڪر ٿي وئي. جمال کي هن جي ويندي ماءُ جو خيال اچي ويو. وڏي گناهه جي

عذاب کان بچي ويو هو. بدنامي ۽ رسوائي خاندان، مئل پيءُ ۽ بيوه ماءُ مٿان مقدر ڀڄڻ کان اورتي رڪجي وئي هئس. مٿ مان جست جو وڏو گلاس پاڻي جو ڀري يڪ ساهيءَ ڏوگهي ويو.

ڀن ڏينهن کانپوءِ موٽيو هو، استاد جي آساميءَ لاءِ هڪ بيوروڪريٽ 50 هزارن عيوض پڪو آسرو ڏنو هوس. مطلب تہ آفر ليٽر مليو هوس. گهر ايندي ڪافي خوش خوش هو. هن جي والدين جي ڏٺل سمورن سپنن کي ساڀيان جي شڪل جو نمونو سامهون هو. هوءَ بہ آئي هيس. جمال کوبہ ڏيان کونہ ڏنس. ڪوٺيءَ جو در بند ڪيائين. جمال کي چت ڪري ڏسندي رهي. ٿوري ويرم کانپوءِ ڳالهايائين. ”جمال! تو چيو پئي نہ تہ پيو آءُ چاٽي ڪري سگهان...؟ اڄ مان توکي ڏيکارڻ ۽ ڏسڻ آئي آهيان تہ پيو آءُ چاٽي ڪري سگهان ڪنهن مرد کي آباد ڪري يا برباد. سڀ عورت جي هٿ آهي. مان عورت آهيان. منهنجا ڪيترا روپ ۽ رنگ آهن“.

جمال اڄ بہ ايلازن سان جند آجي ڪرائڻ جي سوچي رهيو هو.

”مان گهڻو ڪجهہ ڪري سگهان ٿي... ڏس تہ مان چاٽي ڪريان...“.

ائين چئي هن ڳچيءَ کان چولي کي سٽ ڏنائين. جمال تڙپي پيو ۽ لڏي ويو، هن کي روڪڻ ۽ ميڙ منٿ ڪرڻ لاءِ وڌيو، پر انهيءَ کان اڳ ڇوڪريءَ جي رڙين هن کي روڪي وڌو. هوءَ چئي رهي هئي ”بچايو... بچايو... ايلي ڙي... گهوڙا ڙي... بچايو...“.

جمال جون اکيون کليل رهجي ويون. وات ڦاٽل رهجي ويس. سڄو ساڪت ٿي ويو. حرارت رڪجي ويس. روايتي ڇوڪري، واقعي پنهنجو وارو وڄائي وئي هئي. جمال ڇوڪريءَ جي انهيءَ عمل جي پويان واري سزا کي پروڙي ورتو هو. اڄ حضرت يوسف وارو ورجاءُ ٿيو هو. هو بہ حضرت يوسف وانگي بي گناهہ هيو. حق تي هو. مظلوم هيو. پر هن وٽ اهڙو ڪوبہ ٻار شاهد طور ڪونہ هو، جيڪو هن جو شاهد بڻجي جمال کي ڏئي بيگناهہ ڪوٺي ها! ۽ جيڪڏهن اهڙو ٻار هجي بہ ها تہ شاهدي ڪنهن بہ ڪم جي نہ هجي ها! ڇو جو هن دقيانوسي ۽ مدي خارج سماج کان انصاف جي تقاضا ڪرڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ جيئن هئي. جمال اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ هو ڏسي رهيو هو تہ ڪيترن غيرتي جوانن جون اٽيپون ڪهاڙيون هن طرف جهومنديون ٿي آيون.

***

# جيجل منهنجي قسمت

**هڪ** ڀيرو وري تلخ، ڪڙي ۽ ٻچڙي روايت ”ڪارو ڪاريءَ“ جو ورجاءُ ٿيو هو، جنهن اسان جي گهر سان گڏ اوڙي پاڙي جي مسڪين ۽ اٻوجهه ماروئڙن جي سڪون ۾ زلزلو آڻي ڇڏيو هو. اکين ڳوڙهن جي حد عبور ڪري ريتو رت وهائڻ شروع ڪيو. هر پيءُ پنهنجي جوان ۽ ڪنواري ڌيءَ کي اکين جي محفوظ جاءِ ۾ لڪائڻ لڳو. ڀائرن پنهنجي ڀينرن تي بندش مَڙهي ڇڏي. هر مڙس جي اکين زالن جي اٺ، ويهه ۽ ڳالهه ٻولهه تي اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو. ڪارو ڪاريءَ جي انهيءَ مدي خارج ۽ فرسوده روايت هڪ ڀيرو وري خونخوار وار ڪندي اسانجي خاندان ۾ نفرتن ۽ ويڇن جو ٻج پوکي ورتو. دشمنيءَ جي ٻوليءَ ۾ واڌ شروع ٿي. دلين جي ميٺ محبت، سڪ ۽ خلوص، رشتي ۽ ناتي واري سڀ جذبي تي زنگ چڙهي ويو. زبانون ۽ نظرون نفرتن کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ ۾ لڳي ويون.

اسان جي ذات ۽ خاندان ۾ اڪثر اهڙا ڏڪائيندڙ ۽ ڇرڪائيندڙ دڪدائڪ واقعا ٿيندا رهندا هئا. توڙي جو ڌرتيءَ جي ٻين حصن جيان اسان جي تر ۾ به علم جو نور رَسي ويو هو، پر نندڙين ۾ سو به نه جهڙو!! ساڳي طرح ڪيني ۽ ڪدورت مفادن ۽ انائن وارا وڌڙا. سندن ڇوڙ موجب ”مرد درياءَ جي هُن ڀر ۽ زائفان وري اورين ڀَرِ، ٻن ٻولن ”ڪارو، ڪاريءَ“ جي ڪيڻ سان، هو

دنيا ۾ سماج جي نظر ۾ ڏوهي آهن. هنن جي لڳل انهيءَ داغ کي ملڪ جو ڪو به قانون، ڪوئي سماج ڌوئي، اڇو اُجرو ڪرڻ يا قبولڻ جي سگهه نه ٿو ساري سگهي. زندگيءَ جي پوئين پساهن تائين به ڪارنهن جي ان چُٽي جي ڪاراڻ رهي ٿي. اهڙو اثر ۾ اهڙي لوڙ نسلن تائين قائم رهندي پئي اچي.

حسد، بغض ۾ لالچ انهيءَ روايت کي هٿي ڏئي، بدلي پاڙڻ لاءِ دشمنيون زنده رکڻ لاءِ... نفرتون قائم رکڻ لاءِ... زمينن کي قبضي ۾ رکڻ لاءِ... سهڻي ۾ حسين ڇوڪري کي حاصل ڪرڻ لاءِ، هر ڪنهن وڏيري چور، لوفر ۾ مفاديءَ روايت کي استعمال ڪندي فائدا حاصل ڪيا آهن.

ڳالهه هيئن هئي ته گلو حسب دستور راتين جو رولاڪ ٻڻجي ڌڪا، ٿاٻا کائي مقصد کان ناڪام ٿي پره ڦٽيءَ ويل گهر پهتو هو. سياري جي سخت سرديءَ جي اثر کان گهٽ، پر چوريءَ جي ناڪاميءَ ڪري وڌيڪ ڏمريل هو. ڏمر ۾ ان وقت تيزي اچي ويس جڏهن نظر ڪوٺيءَ اندر ستل زال تي پيس. سوڙ کان منهن ٻاهر لالٽين جي ڏيمي روشنيءَ ۾ به ڀڪي رهيو هوس. شڪي طبيعت ڪر موڙي اپري پيس. جوٽس سڪينه جو ائين بي خوف ٿي سمهڻ تي، ٻاهه پڙڪي پيس. ڪاوڙ مان تيز ۾ خونخوار نظرن ۾ هاڻ ڦاڙ هڪل سان هڪ تيز ٿڦ ڳل تي نڪاءُ ڪيائينس... چرڪ... هرٽيءَ جيئن هيسجڻ... اکيون ڏرا ڏئي ويس، رنگ اُڏامي ويس. مڙس جي مار ڌاڙ ياد آيس، ڪنبي وئي- لٽين کهاڙين جا ڌڪ... گاريون... رڙيون... ڪوڪون... دانهون آسمان ڦاڙ... وڏو ڌڪ... هڪ وڏي، صفا وڏي رڙ... خاموشي... ۾ هوءَ ٻرڪي، تڙپي ختم ٿي وئي.

گلوءَ جو پيءُ رڙين، ڪوڪن تي ڊوڙندو آيو، پر پهچندي ساڪت ٿي ويو. رت ۾ ريتو ٿيل، ننهن جو بي ترتيبو لاش ڏسي، ڪاراتجي ويو. گلو کي تڪيائين، چهري مان رنگ اُڏاميل هئس، اکيون ڏرا ڏئي ويون هئس. پٽس کان بيهڻ ڪونه ٿيو. ڪوٺيءَ کان نڪري اڱڻ تائين آيو. پٽ تي ڪاوڙ ۾ ملال هيس، جيڪو جلد ئي ختم ٿي ويس. پٽ جي محبت ”جيڪو ٿيو سو گذريو“ اڳتي جو سوچي، چهري تي شيطاني ۾ حرفتي رنگ پکڙي ويس. عقل جي ڊوڙ ڊوڙي چڪو هو. ناحق مارڻ جي لعنت کان بچڻ ۾ ٻڏل ڳهو تارڻ لاءِ گلوءَ کي اچي ڪن ۾ ڪجهه سڻايائين. شيطانيت ۾ فاتح مرڪ گلوءَ جي مک تي مهڪڻ لڳي پوءِ رت ۾ رنگيل کهاڙي کڻي گلو گهر کان نڪري چيو ”ڪارو آ... نه ويندو سڃڻ... ڪارو آ... نه ويندو...!!!“ ڪجهه هڪلون ڪجهه گاريون... ماٺهو

گهرن مان هيسيل نڪرندا، عجيب و غريب نظرن سان ڏسندا رهيا. گلوءَ جو مقصد حاصل ٿي چڪو هو.

منهنجي گهر ۾ قيامت ڪڙڪي پئي هئي. اڪين رت روئڻ شروع ڪيو هو. چو ته "ٻاڙهي" ڏر وارا منهنجا پيڪا هئا ۽ "ڪاري" ڏر وارا وري ساهرا. هڪ پاسي پيت ۽ ٻي پاسي ٻاهه وارو ماحول جڙي ويو هو. قدرت واري منهنجي مٿان امتحان جي گهڙي سامهون آندي هئي. اهو امتحان وري منهنجي ذهني، روحاني ۽ جسماني حصن لاءِ اذيت ناڪ هيو. انديشا ۽ خطرا حقيقت ۽ يقين ۾ تبديل ٿي ويا. ڪجهه وقت لاءِ جهڪا ٿي ويل ايذاءَ ۽ ظلم وري روان دوان ٿي ويا. اڳ ته ڇڏائڻ وارو سجڻ هوندو هو، جيڪو پاڻ جي ڏمر ۽ ڏاڍ کان بچائي وٺندو هو. سو آسرو ته هڪ ظالم جي ڪيل ناحق ظلم سان ٽٽي دور ٿي چڪو هو، ۽ انهيءَ ظالم جي ڪارنامي شامت آندي هئي. مار...!! لتون... مُڪون... رڙيون... ڏڪ... گاريون... تنهنجي پيڻ... تنهنجي ماءُ... تنهنجون سٽئي پيڙهيون... زوردار ڏڪ... مٿي ڪي ڦيري... اکين ۾ آنڌيون ترورا... بيهوش...!!! ڪجهه مدت لاءِ آرام ۽ سڪون سان رهڻ جي عادي ڪيڏو نه درد ۽ ايذاءَ سنو هوم. ٿورو ڪي غلطي يا ٿوري ڏاڍيان ڳالهائڻ بعد قيامت مچي وڃي. مون سمجهي ورتو، محتاط ٿي ويس. سوچي سمجهي ڪم ۾ قدم ڪڻڻ لڳس. نيٺ ائين ڪرڻ ڪانپوءِ هن جي نيت جي پروڙ ٿي وئي، هن چيو "تنهنجي مائٽن ناحق ڪيو آهي".

خاموش زهر جو ڍڪ پي ويس.

"هٿ سان ماري مائي- الزام اسان تي هنيائون..."

هاڻي رهڻ ڪونه ٿيو ڳالهائي وڌم

"تو وري ڪهڙو حق ڪيو هو"

سارو ٻري تپي ويو. تنهنجي پيڻ.. ماءُ... ڪني رَنَ... پڙوي رن... سامهون ٿي ٿئين... ڪجهه وقت ڪان شريف چا ٿيم مٿي چڙهي وئي آهين. مار ۽ موچڙا- جيڪو ڏڪ هٿ اچي- منهنجي مٿان زيپاٽُ... منهنجا ڪن منهنجون رڙيون ۽ دانهون ٻڌڻ لڳا. ۽ پوءِ لوهه لڳل بانس جي لٺ نرڙ ۾ نڪاءُ ٿي وئي. رت ٽيندبيون ڪري وهڻ لڳو.

ڪجهه لمحن گذرڻ ڪانپوءِ انور جي ظلمن ڪي وساري پنهنجي مظلوميت ۽ معصوميت جي ڪهاڻي تي سوچڻ لڳيس. آئيني سامهون آيس نرڙ

تي خاڪ ۾ سُرمي ڪارڻ ڏک واري جاءِ تي چڱو خاصو ڪارو نشان ٿي ويل هو. پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي. زنده رهڻ جي خواهش ڪومائجي وئي. خودڪشي ڪرڻ لاءِ سوچيم، پر سال کن جي ڪير پياڪ ۾ ابهم زرينا منهنجي ڪوشش کي پوري دفن ڪري ڇڏيو. هن جي روئڻ زنده رهڻ ۾ حالتن سان منهن ڏيڻ جو حوصلو ڏنو. خدا کان دعا گھريم تہ هو مونکي هن ڏکي وقت ۾ صبر ۽ شڪر عطا ڪري.

اسان جو گھر ساري ڳوٺ ۾ سُکيو ۽ ستابو ليکيو ۽ سڃاتو ويندو هو. سٺي ڪاڻڻ ۽ چڱي پائڻ ڪري ڳوٺائي وڏيرو ڪوٺيندا هئا. زمين جي ٽڪري کان علاوہ ڪجھہ ڪلوميٽر پري شهر ۾ بابو سائين دوڪان هلائيندو هيو. بابو سائين پڙهيل تہ ڪونہ هيو، پر علم جي نور جي اهميت ۽ حيثيت کان واقف ضرور هيو. ان ڪري هن پنهنجي ٻارن کي علم جي نور سان نوازڻ جو موقعو ڏنو هو. ايتري قدر جو پرائمري پاس ڪرڻ کانپوءِ مڊل ۾ ساڳي طرح نائين درجي تائين رَسيس. ادي صابر سان روزانو گڏجي ٽانگي تي اسڪول ايندي، ويندي هيس. گھر ۾ ڪنهن بہ امير جي ٻار کان گھٽ ڪونہ پاليائين. هر شيءِ مهيا هوندي هئي، چوڻ آڪڻ جي دير هوندي هئي. خوشين ڀري هن گھر جي سڀ خوشي دشمن کان ڏٺي ۽ سَٺي ڪونہ ٿي. انور_ منهنجي روزانو شهر اچ وڃ خلاف مائٽن مٽن کي ڀڙڪايو... ”ڪيئن ذات ۽ خانداني عزت شهري گھٽين ۾ ٿي رُلندي وتي... ننڍين ذاتين وارا پاڻ تي ٺوڪون ۽ چٽرون ٿا ڪن تہ چوڪريءَ کي ٿا پڙهايو... ڪا خبر اٿو؟ پڙهڻ بهاني، ڪٿي ٿي رُلي ۽ گُهمي... ڪنهن کي پتو بہ آهي“. اتان جي سماج ۾ سوچ آهر انور جي اشاري ۾ ڳالهين ۾ وزن هو...!! سيئي مٽ، عزيز بابي سائين وٽ مڙي آيا... بابي سائين سڀن کي واضع ڪري ٻڌايو تہ ”اسان جي ذات ۾ خاندان ۾ واقعي ڪابہ ڇوڪري ڪانہ پڙهي آهي. پر اهڙي سوچ سيني والدين جي بي جا ۾ اجائي آهي. عورت آخر چونہ ٿي پڙهي سگھي؟ اڙي چريئو عورت نہ هجي ها تہ توهان جو نسل وڌي ۽ ويجهي نہ سگھي ها! ڪجھہ وقت اٿو، عورت جي حقن کي تسليم ڪريو. اها اڄ جي دور جي گھرج آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ پنهنجي حديث ۾ فرمايو آهي تہ علم مرد ۽ عورت ٻنهي تي هڪ جيترو فرض آهي.“ سيئي عزيز سندس ڳالهيون ٻڌي ڏمرجي ويا. شادي، غميءَ سميت ڳالهائڻ، ٻولهائڻ ۾ پيو اٿڻ ويهڻ بند ڪيائون. بابي سائين انهن جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ڪئي. اسان جي همٿ ۾

حوصلي ۾ اضافو آيو. صابر پنهنجي قابليت ۽ صلاحيت سان نوجوانن ۽ ننڍڙن ۾ علم جي نور سان گڏ پنهنجن حقن کي حاصل ڪرڻ جي ڳالهه، هر ماڻهوءَ جي ڪن تائين رَسائي. نتيجو خراب نه هو، پر ايڏو بهتر به ڪونه هيو. ٻي طرف مون وري عورتن جي مردن کان آزادي ۽ سندس جائز حقن لاءِ ڪين اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هڪ ٻن ڪانسواءِ سڀن کي ڏڀ ٿيو ته ڪٿي سندن مڙس اهڙين ڳالهين ڪرڻ عيوض نه ماري وجهن يا پاڪ ۽ پوتر خاندان مٿان نه لهندڙ داغ ڇهتي نه پون. صابر وڏيڪ محنت ڪرڻ لڳو. ماڻهن کي متاثر ڪرڻ پاڻ مڃرائڻ لاءِ سندن ننڍا، وڏا ڏک ۽ مسئلا شيئر ڪرڻ ۽ سندن پوري مدد ڪرڻ وارو نانءُ ڪم جو ٿيو. ڪافي تعداد ٿي ويو، جيڪي ادي جي سوچ کي حق ۽ سچ جي راهه ڪوٺڻ ۽ مڃڻ لڳا.

ڳوٺ ۾ هڪ بري سوچ رکندڙ انور کي پنهنجو جڙتو مقام ڪرندو محسوس ٿيو. ڇگ مڙسي لڏندي محسوس ڪندي. هن باقاعدي ادي صابر سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ اندروني طرح ڪوششون ورتيون. پاٿاريدار هجڻ ڪري، هن پنهنجن لُچن ۽ لفنگن کي زور ڀريو ته هو انهي سلسلي ۾ ڪجهه ڪن. هڪ رات جي پهرين پهر لڪي رستي سان بي خيالوءِ بي اونو ايندڙ صابر کي رت ۾ لال ڪيو ويو. هو صبح جو ڪٽ تي بي ساهو هجي ها. جيڪڏهن ماسات ظفر ڪراچيءَ کان ڳوٺ ڏي نه ايندو هجي ها! ماسي حياتان به ٻچڙي ۽ مدي خارج رسم جو شڪار ٿي هئي. نانو ماسيءَ جو منهن نه پسڻ واري ضد سان سندس وهانءُ ڏيٺ واري هنڌ جو ڪري وريو هو ته وري نه ويو هو نه ئي ماسي کي اچڻ سنائين، تان جو مري ويو. تنهن ڪانپوءِ ماسي ۽ سندس اولاد اچڻ شروع ڪيو هو. اڄ ظفر اوچتو پنهنجي ذهانت ۽ علمي قابليت سان ادي جي زندگي بچائي ورتي هئي. وقت سر سندس خون بند ڪري اچي ڳوٺ رَسيو هو. ظفر جي لاءِ منهنجي اندر ۾ عزت ۽ مان مرتبو وڌي ويو. وري هن جي مٺڙن ٻولن ۽ سٺين مُرڪن جي ڪري دل ۾ محبت جو ٻوٽو نسرڻ لڳو. سندس سيرت ۽ صورت جي تعريف جا به ڪريان ۽ جيتري ڪريان گهٽ هوندي. مون لاءِ دنيا جي سڀ خوشي سندس مک کي ڏسڻ سان ٿيڻ لڳي. ان دؤران مونکي هڪ بي نام محبتي مواد مليو. جنهن ۾ لکيل هيو.

منهنجي دل جي راڻي

شاهده!

سڪي ۽ سلامت رهندينءَ. آمين

مان تنهنجي حسين ادائن جو ديوانو ٿي چڪو آهيان. انهيءَ ڪري قلم ۽ ڪوري ڪاغذ جو سهارو ورتي ڪجهہ ارمان ۽ ڪجهہ آسون، اميدون اُڪري رهيو آهيان. زبان سان اظهار محبت ان لاءِ نہ ٿو ڪري سگهان، جو شايد ايتري سگهہ ڪانهي ۽ شايد مان بزدل بہ آهيان. هڪ ڀيرو ورِي لکان پيو تہ توسان محبت آهي ۽ سچي محبت.

تنهنجو اي. بي. سي

چٺي دل ۾ سمائي ڇڏي. چٺي جو انداز ۽ آواز منهنجي دل جو آواز هيو. پوءِ ڪجهہ ئي ڏينهن جي ڪجهہ ئي لمحن اندر چٺي وارو چور ظفر نظرون چورائيندي پڪڙجي پيو. اکين ئي اکين سان ديدار ٿيندا رهيا. زبانن مان واعدا ۽ وچن ٿي ويا. جيئڻ مرڻ جا قول ٿي ويا. اسان جي چوري اسان جي والدين کي بہ آئڙي، تڏهن ئي تہ اسان جي جيون ساٿي ٿيڻ جون پچارون سندن زبان تي ڦرڻ لڳيون. ڪيترا خواب... حسرتون، اميدون ۽ آسون جڙيون. پر شايد قسمت کي ورِي ستم ئي آيو ڪرڻو هو. واعدن ۽ وچنن جو پورائو نہ ھو لکيل، منهنجون حسرتون، ظفر جون آسون ۽ سڀ سهانا سپنا روايتن جي وهڪري ۾ وهي ويا. اسان جي سک ۽ خوشين جي دشمن انور جي دل ۾ اسان جي گهر جون خوشيون ۽ حسرتون زهر ٿي پيون. صابر جي وڌندڙ عزت ۽ مقام ڪارڻ پنهنجي چگ مڙسي ڍهندي، ڪرندي ڀانيائين. دشمني ۽ چالاڪي جي انتها ڪري، هن صابر کي پنهنجي زال حسنہ سان بي ڏوهي ڪارو ڪيو. بي ڏوهي ۽ ناحق هڪ عورت ڪنهن شريف مرد جي زندگي بچائيندي مڙس جي بندوق مان نڪتل باهہ جو شڪار ٿي وئي.

ميڙيون... نياڻيون... سندن سيني سان قرآن ۽ ميڙ... جوان، ٽين ميڙ تي مس راضي ٿيا. بابو بي وس ۽ مجبور فيصلي ٻڌڻ جي انتظار ۾، انور جي حرفت ۽ چالاڪيءَ جو نئون وار ٿيو... فيصلو ٻڌي بابي جي پيرن هيٺان زمين ڇڏائجي وئي. دشمنيءَ جو هي وار بہ ڌماڪو ڪري ويو. منهنجي ڀاءُ صابر جي زندگيءَ جي قيمت بڻي. بي وس ۽ بي پهچ پيءُ پٽ جي زندگيءَ لاءِ ڌيءَ جي سِرَ جي قرباني قبول ڪري آيو. ظفر مٿان قيامت ڪڙڪي پئي. بغاوت ڪرڻ لاءِ ڳالهائي ها پر ڪيس روڪيم: ”مقدر ۾ ملڻ نصيب نہ هو. ملي نہ سگهياسين تہ ڇا ٿيو. جذبن ۽ خواهشن جي ارپنا بہ هڪ ميلاپ آهي نہ ڪتندڙ، نہ ٽٽندڙ ميلاپ“ .

منهنجي ڳالهائڻ تي پابندي مڙهي ڇڏي هئي. منهنجي همٿ وڌائڻ لاءِ ڳوڙها وهائڻ بجاءِ پنهنجا ڳوڙها لڪائي ويو.

منهنجو وهانءُ ڪيڏو نه عجيب وهانءُ هيو. نه ونواهه هيو - نه ڳيچ ۽ نه وري جهمر... نه هئي ڇڄ ۽ نه هيا ساٿ ۽ سنوڻ. بس ٻن پاتل ڪپڙن ۾ انور طرفان نياپي موڪليل شام پنهنجن کان جدا ڪئي ويس. ڪٿي اکيون آليون هيون. دل ۾ درد ۽ اندر ۾ دانهون هيون. جيجل امڙ جي حالت تمام خراب ٿي وئي. مضبوط دل وارو بابو سائين به اڄ ميڻ نظر ٿي آيو. واقعي اولاد والدين جي سڀ کان وڏي ڪمزوري هوندي آهي. اکين مان ڳوڙها اُگهي آخري سمي ظفر ڏي نهاريم. وڏو جگر ۽ سمنڊ جيڏي دل هيس. مرڪي الوداع ڪري رهيو هو. اندر مان هڪ وڏي ڊنڊ ڪر نڪتي. موتين اکين ۾ ترورا آٽي ڇڏيا. مان جلديءَ ۾ هلي ڏنو. روئڻ ۽ سڏڪڻ جو آواز شروع ٿي ويو. پري ڪنهن هنڌان مائيءَ ياڳيءَ جو ڳايل گيت ڪنن تي پيو؛

"جيجل منهنجي قسمت
ڪنڊ نوايو.
لکيو لوهه قلم ۾!"

پنهنجي لڪئي کي ئي پنهنجون خوشيون ۽ حسرتون سمجهي جهوليءَ وڌي. انور جي ذهنيت کي بدلائڻ ۾ لڳي ويس. مار ڪائي، وڙهي، رسي ۽ پرچي ڪوشش ۾ ايترو ڪامياب ويس، جو هن جي سوچ بلڪل ٿڏي ۽ انسانيت پرست بڻجي وئي. پاڙاريداري ۽ جوئا وارو شوق به هلندو، هلندو زرينا جي جمڻ ڪانپوءِ ختم ٿي ويس. مان ڪامياب ٿي وئي هيس، هن کي مٿائي ڇڏيو هوم. پر پوءِ به ڪڏهن، ڪڏهن ساڳي رڳ تي ايندو هو ته ڪُتي لاهيندو منهنجي ڇپن مان ملندڙ مار ڪري دانهون نڪرنديون هيون.

"ڪتي آهين... مار پوئي... ڳاتو پڇئي... ڪتي آن..."

انور جي ڪڙڪيدار هڪلن ماضيءَ مان حال ۾ اچي پهچايو.

"گلو ٿاٽي تان پئسا ڏئي جان ڇڏائي آيو آهي... تون ڪجهه زائفن سان قرآن ڪڍائي هل... ته مان سيد سڳوري کي اوطاق مان وٺي اچان... جلدي ڪر... !!!

حڪم جي غلام عورت ۽ مڙس جي چوڻ سان تياري ورتم ناهه ۽ فيصلي لاءِ سيد سڳورو اڳ ۾... سندس پويان ڪجهه نياڻيون ۽ ڪين ساڻ قرآن

شريف ۾ اسان جي پويان انور ۾ سندس خاندان وارا. چڱ مڙسي ۾ ڏاڍ مڙسي پر ڪري اُڏامي وئي هئس. بابي وانگر بي وس ۽ لاچار هيو. قسمت جي انهيءَ چڪر ۾ ڪرشمي ڪي ڏسي توبهہ ڪرڻ لڳس. انور جو غرور ۾ تڪبر سڀ مٽيءَ ۾ مليل هئا. ڪيڏو نہ مسڪين ۾ شريف ماٺهو پئي لڳو. ائين جيئن ڪجهہ سال اڳ بابو سائين! پهرين ميڙ... ٻي ميڙ... ٽين ميڙ... مس وڃي راضي ٿيا. فيصلو ڳالهيون... مفاد... خواهشون... ارمان... ٺاهہ ٿيو. جهڳڙو ٽريو، پر مونتي قسمت جو تڪو وار ٿي وريو. منهنجي هڪ سال جي ڪير ٻپاڪ زرينا ڪارنهن جي پورائي سڱ طور ۾ پيٽ جي ٻاهہ ٻرڻ لاءِ چاليهہ هزار حرج پيو. هڪ دل چيو تہ انهيءَ فيصلي تي رڙيون ڪري احتجاج ڪريان... دانهون ڪري انصاف گهران... پر هت سڀ مرد هئا. جيڪي مفادي هئا. جيڪي انڌا بہ هئا تہ ٻوڙا بہ هيا. هي سماج ئي اهڙو هيو، جتي عورت ئي مرد جي تڪرار نبيرڻ لاءِ... شادي جي ضرورت لاءِ... مطلب هر قسم جي ضرورت لاءِ عورت تہ پوءِ ضرورت وارين ٻين شين جيان ڪيس اهميت ۾ عزت ڇونہ ٿي ڏني وڃي.......؟؟؟ انهن سوالن جو ڪوبہ جواب ڪونہ هيو. انور اڄ ٽُٽِي وِڪري ويو هو. سندس ويجهو ويس ڪلهي تي هٿ رکيومانس تہ روئي پيو، ٻارن جيئن ڳوڙها منهنجي اکين ۾ تري آيا. رشتن جي اهميت ۾ اولاد جي قربانيءَ جي احساس ۾ درد جي پروڙ پئي هئس. سَٽ ڏئي زرينا ڪسيائين ۾ ان ڪي ٻاڪر ۾ ڀري چمڻ لڳو ۾ گڏوگڏ ڍنڍڪر ڏئي روئڻ لڳو. منهنجي نظر نئين نسل ۾ نوجوانن طرف هئي، جيڪي علم جي نور سان روشن ٿي رهيا هئا. جن ڪي سياڻو سنياڻو هيو، جيڪي اڳتي هلي عورت کي سندس اصلي ۾ حقيقي روپ ونِي ڏيندا، جيئن ڪا عورت روايتن جي ڦاهيءَ تي نہ چڙهي!!!

***

# چرياڻ

**ٿيهارو** سال ٿي تہ عمر هئس، پر لڳندو چاليهن کان چڙهيل هيو، اڏ کان وَڌِ اچا وارَ، مٿي ۾، ڏاڙهي ۾، زماني جي ظلمن، دلي صدمن ۽ ذهني پيڙائن، نرڙ تي ڪئي گهنج ڏئي ڇڏيا هئس. ڪاڏيءَ اندر لٽل ٻئي چُگ٥٥ جُهورَ پوڙهي جو چٽو نمونو پاسندا هئس. پوري زندگي، خوشين لاءِ سِڪيو هو، هر پاسي، ماڻهن جي روين ۽ عملن ڏڪائي هانءُ هيٺو ڪري جيئڻ عجيب تر ٻڻائي ڇڏيو هوس. وڏي سهپ، وڏو حوصلو، سمنڊ جيڏي دل رکڻ وارو عباس! دنيا جي سپني رنگن کي ڏسي ۽ پَسي چڪو هو. ڇاتائين حق ۽ ناحق کي، سچاتائين سچ کي- ڪوڙ کي، پروڙيائين، نيڪي ۽ بَدي کي، سمجهيو هئائين پيار ۽ تڪرار کي_ پَسيائين، انسانيت کي ۽ شيطانيت کي! گڏوگڏ ريتن- رسمن، عزت، وقار، چمچاگيري، چاپلوسي، خواب، حقيقت، لالچ، لوڀ پڻ ڇاڻي ورتائين. اڏ ڪان گهٽا، شايد اچان بہ گهٽا ظالم ۽ ظالمن جو پاسو هئا، جيڪي پوري معاشري تي ڇانئجي، جُڳاڙ ۽ بِگاڙ ٻڻائي، وقت کي پنهنجي مرضيءَ سان هلائي رهيا هئا، پئسي جي زور تي، ذاتين جي ٽيڪ تي، پائرن جي آسري، زبان سان، هٿ سان، سوچ سان عمل سان، مفاد ۽ انا ساڻ ڪيون، ڪنهن ديوَ ڪان پڻ بدتر شڪل ڻاهيون، مظلومن ۽ هيڻن، غريبن، ۽ مسڪينن کي ڳِڙڪائڻ ۾ مشغول هئا. حساس ۽ ساچاهہ وند هجڻ ڪري زماني وارن جا سپئي سور پنهنجا محسوس ڪندو هو. انفرادي ۽ اجتماعي طور ڪجهہ سور پنهنجا پڻ هئس. انهن آهنجن ۽ ايذائن جون خبرون ماڻهن ڪان ٻڌي، انسانيت تي ميار ڏيندي اهڙن ڪِريل

عملن تي افسوس ڪندو هو. پين سان ٿيندڙ ناجائزين ۽ اُرهه زوراين تي ته چپ پر پاڻ سان ٿيندڙ ويڌنن ۽ ناانصافين تي به خاموش! ڏوهه ڏيندو هو علم ۽ شعور تي! اڪثر چوندو هو ”جهالت ئي سڀني براين جي جَڙ آهي جنهنڪري معاشري جو توازن بگڙيل آهي“ اها ڳالهه چوندي گهري سوچ ۾ ٻڏي ويندو هو. ”هيءَ به ڪا زندگي آهي؟ هيءَ به ڪا انسانيت آهي؟ هيءَ به ڪا مسلماني آهي؟ هي به ڪو جيئڻ آهي؟؟“ انهن سوالن تي سوچيندي، اڪيون آليون ٿي وينديون هئس. اڪيلو هو، ڪا طاقت، ڪو اختيار نه هئس، جو ظالم کي ظلم کان روڪي، مظلوم کي داد رسائي سگهي. مان وري سڀني ڳالهين جي اجائي چڪ ۾ بک کان پٽائي سرڪار جو هي بيت پڙهي ٻڌائيندو هيو مانس-

”جَووڙ جُڙي جَن سين، سي وڙ سوئي ڪن..“

سدائين منهنجي سوچ جي حمايت ڪرڻ وارو، چڙي پيو. جهڙو ڪر وڙهي پيو. ”زاهد! ظالم کي ظالم نه ٿو چئي سگهين ته نه چئه، پر هن کي ظالم ته سمجهه.“ مون کي به آيو غصو دير ئي نه ڪيم چيو مانس. ”وڏي ۾ وڏو ظالم ته اهو آهي، جيڪو پاڻ تي ظلم سهي ٿو“. ڏک لڳي ويس_ سدائين هارائڻ وارو اڄ پاڻ هارجي ويو هو. ان ڏينهن کان پوءِ ٻُڌل، پڙهيل ۽ اکين ڏٺل ناجائزيءَ تي ڪليل احتجاج شروع ڪيائين. حق کي حق، ظلم کي ظلم، گناهه کي گناهه، دوکي کي دوکو، غلط کي غلط، سچ کي سچ چيائين. اندر جي آهه، سوچ ٻڻجي زبان تي آيس ته ماڻهن تماشو ناهي ورتس. رونشو ٿيڻ لڳس. ڪيئي خطاب، ڪيئي لقب ڏنائونس. ڪنهن انسان ڪوٺيس، ڪنهن ڪامريڊ، ڪنهن مُلو ته ڪنهن دهريو، ڪنهن ايجنسين جو ماڻهو ته ڪنهن چرياڻ. مطلب ته جيترا وات اوتريون ڳالهيون. عباس لاءِ ماڻهن جا لقب، ۽ خطاب واقعي مونکي به سچ سُهندا هئا، ڇو جو نشانيون ٻڌائي ۽ پاڻ پسائي رهيون هيون.

”انساني جيون انمول آهي. انهيءَ املهه جيون جو قدر ڪيو، هن جي قيمت، اهميت ۽ افاديت کي نه لڄايو. دهشت گرديءَ، قبائلي تڪرارن، ڪاروڪاريءَ جي واقعن، دشمنين ۾ انساني رت وهائي، انسان جي اشرف المخلوقات جي لقب کي نه لڄايو. انساني رت پيئندڙ زمين، توهان جي انسانيت تي ٿوڪ ۽ ننٺول ڪري ٿي. ان کان علاوه ٻي مخلوق به، انسان جي سڀني عملن جي نندا ڪري ٿي.“ ڇڳي خاصي مجموعي ۾ شهر جي وڏي چوڪ تي وڏي واڪي خطاب ڪري رهيو هو. ”محبت ڪريو، محبت ۾ ئي عزت، وقار،

حق، سچ، انسانيت ۽ مسلماني آهي. محبت منزل مقصود آهي.“ ڪنهن ٺوڪيس ”محبت جي ڪڍ لڳاسين تہ پوءِ پيٽ ڪيئن پريندا سين“ جذباتي ٿي ويو، چيائين ”هن دنيا جون سڀوئي برايون ۽ سموريون لڙايون هي طبقا، طبقاتي سوچ ۽ عمل پيٽ جا ئي پيدا ڪيل آهن. انهيءَ پيٽ ضرورتون ناهيون، ضرورت، دل دماغ ۽ هڏن سان، حيلا وسيلا ناهيا، ۽ تلاش ڪيا. تلاش ڪنهن ڪي حلال ۽ جائز پاسي تہ ڪنهن ڪي حرام ۽ ناجائز پاسي گهلي وئي، حرام ۽ حلال، حق ۽ سچ، صحيح ۽ غلط جي توازن ڪي برقرار رکڻ ۾ اسان وساري ويٺاسين، تہ انساني معيار قدر ۽ ماپا ڇا ٿيندا آهن. ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، ائٽمي قوت، چنڊ ڪي ۽ ٻين انيڪ منزلن ڪي ڇُهيوسين، پر پوئتي نظر نہ ڪئي سون، اڳيان لڳا مصري، پويان ويا وسري ..“ گهڻو ڪجهہ ڳالهائي ها! پر گشتي پوليس اچي وئي هئي، رونشائي مجموعو ڪسڪي ويو، پاڻ پڪڙجي پيو هو. پيو ڪوئي جڳ جهان ۾ نہ هئس، مجبورن مونکي ئي وچڻو پيو. پوليس چئي ”مَس هٿ لڳو آهي، وڏي وقت ڪان اسان ڪي ڳولا هئي. هي تہ غير ملڪي جاسوس آهي“ پيوي چوي ”نہ هي دهشت گرد آهي، شهر جا لساني فساد هن جا ڪرايل آهن.“ مطلب سڀني پنهنجي باهہ ڪڍي. ڪنهن فرقيوارنہ فسادن ۾ ملوث ڪيس. ڪنهن ڪامريڊ تہ ڪنهن ملڪ ٽوڙ باغي چيس، پر جڏهن منهنجي ڪيسي مان نڪتل 20 هزارن، بيگناهہ ڪونيس تہ پوءِ پوليس عزت ۽ احترام ڏئي، ڪيس باعزت طريقي سان آزاد ڪري ڇڏيو.

ٿاڻي ڪان ايندي پورو ساهہ ئي نہ ڪنيائين تہ، ٻُڪين تي ڪٽي ڏنو مانس، ”ڏس عباس! پنهنجي سِر ڪان ڪَڪِ آهين تہ پوءِ ٺيڪ آهي... پر خدا جي واسطي منهنجي عزت جو خيال ڪر، سڀني جون نظرون ۽ اشارا تنهنجي حوالي سان مون طرف آهن. هٿ ٿو ٻڌانءِ، چئين تہ ڳاڙهي جو ديدار ڪرايانءِ... انسانيت جو واسطو ۽ ميڙ اڻئي مون تي رحم ڪر!“ چپ، چپ ۽ صفا چپ! ان ئي عادت ۽ خصالت جي ڪري تہ وڻندو هو. ڪاوڙ ڪان ڳالهيانس، چنڊ پٽيانس اصل نہ ڪچي نہ ئي دَبِري- اهڙي حالت تي چنڊ لمحن ڪانپوءِ وڏي ڪان وڏي ڪاوڙ لهي ختم ٿي ويندي هئي تہ هن تي احساس ۽ رحم ٿيڻ لڳندو هو، نہ تہ هو ڪيرُ ۽ مان ڪير..!! ٻن سالن جي مختصر عرصي واري ڪاليجي واقفيت جو ڪو واسطو هو جنهنجي تندُ، ساٿ ۽ سهارو ٻڌي، نہ تہ پنهنجن تہ ڏاريوءِ اڪيلو ڪري، وقت جي وار سان وار ڪري چڪناچور ڪيو

هوس. پٽنس مئي، وڏيري ڪرم علي خان منڇي ڪري رڪيس، پر وڏيري، ڪمدارن ۽ ڪاراون جي ڪڙمين سان ٿيندڙ ويڌنن ڪري گهڻو وقت رهي نہ سگهيو، ننڍڙڪو ۽ ويچارو سمجهي، مگ ۽ محبوبہ سهٽي ڪي ٻي هنڌ پرڻايو ويس. هڪ دل باغي ٿيس. سهري، سهٽي ۽ سندس ور سميت سمورن رشتيدارن ڪي ماري، مات ڪري دلي سڪون حاصل ڪري، پر ظالم جو ڪردار بڻجڻ ڪان پاڻ هاري نڪري پيو، ڪٿي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري نوڪريون بہ ڪيائين. طبقاتي نظام، پيائي- ڪوڙ، فريب ۽ دوڪي سان گڏ چا چا نہ ڏٺائين. ظاهري حسين دنيا جي اندروني داغن ڪي پرکيندي مون وٽ آيو ۽ منهنجي روين ۽ ڪردار جي ڪري رَهي پيو، انهن شروعاتي ڏينهن دؤران هڪ ڏينهن چيومانس: ”عباس! تو جهڙي فرشتي لاءِ هيءَ دنيا، ٺيڪ ناهي، انهيءَ ڪري تون آسمان تي هليو وڃ. تنهنجي اصل ۽ بقا واري رهائش اُتي ئي آهي، سو تون سوير ئي مٿينءَ منزل جو سفر شروع ڪر..!!“ بنان رنڊ روڪ جي ڪڙڪ آواز ۾ چيو هئائين ”زاهد يار! تو انسان ڪي فرشتو بڻائي، انسان ۽ انسانيت جي گهٽتائي سان گڏ توهين بہ ڪئي آهي.. انسان تہ اشرف المخلوقات آهي، رهي ڳالهہ هن دنيا ڪي ڇڏڻ جي، سو يار توڪي ٻڌايان تہ مان اجان هن جهان ۽ جهان وارن مان نا اُميد ناهيان ٿيو، تبديلي جي آسَ ۾ حياتي ڪي چنبڙي پيو آهيان“.

جمع ڏينهن 8 وڳي آفيس ڪولي، چنڊ ڦوڪ ڪري مس ٿڌو ساهہ ڪنيم تہ آفيس ۾ گهڙي آيو. پاسي تي رکيل صوفي تي ويهندي ئي روئڻ ۾ شروع ٿي ويو ۽ روئيندو ئي رهيو. مان حيران هوندي بہ دَم دلاسا ڏيندو رهيومانس، ڪافي لمحن ڪانپوءِ مات ڪري منهنجي اصرار تي ڳالهايائين. ”يار زاهد! اڄ پوري انسانيت دَم ڏئي ڇڏيو! هڪ مرد ٻي مرد سان نڪاح ڪري ورتو_ هاڻ سڀ ڪجهہ ختم ٿيڻ گهرجي، دنيا فنا ٿيڻ گهرجي، هاڻي قيامت اچڻ گهرجي.“ گهڙي ڪن لاءِ مان بہ ساڪت ۾ رهجي ويس. پر پاڻ سنڀالي، دلجاءِ ڏني مانس ”ڇڏي ڏي دنيا جون سيئي ڳالهيون_ گهڻو ئي دنيا ڪي ٻاهران ڏسي ورتئي. هاڻي دنيا جي اندر يعني گهر اندر جنتن جو ڀي سير ڪرِ، سموريون ٻي جا گڏ ٿيل هوائون دماغ مان نڪري ويندئي..!! ايندڙ جمعي تي منهنجي شادي ۽ گهر وَسائڻ ڪانپوءِ تون بہ گهر وسائڻ جي تياري ڪرِ، سڀ ڪجهہ منهنجي ذمي! تون ڪا دوشيزه پسند ڪر، باقي سڀ بندوبست منهنجي ڪاتي آهن!!“ ڪيترن

لمحن لاءِ منهنجي اکين، عباس جي چهري تي اڀري آيل خوشين جي لهرن کي ڏٺو ۽ سڪون حاصل ڪيو.

شادي ٿي، منهنجي زندگي خوشگوار گذرڻ لڳي، پر عباس نہ آيو. مان حيران ۽ پريشان ٿيس، پر ثريا کي محسوس نہ ڪرائڻ لاءِ سڀ خيال هٽائي، زندگيءَ جي حسين ۽ دلفريب رنگن ۾ وڃائجي ويس. پورن پندرهن ڏينهن کان پوءِ هُو گهر آيو، ساڳيائي حال هئس، ثريا سان تعارف ڪرايو مانس تہ چهري تي ڪيئي رنگ آيس. ويس، هن جي خاطر تواضح لاءِ ڪچن ۾ ثريا سان مدد ڪرائي، چند منٽن کان پوءِ وريس تہ خالي صوفا ڪلي، چٽرون ڪري رهيا هئا. حيرت بہ ٿي تہ ڪاوڙ پيي آئي، هُو ائين گم ٿي ويو، جو ڳولا جي باوجود هٿ نہ آيو. سڀئي ڪوششون ناڪام رهيون. پوري هڪ مهيني کانپوءِ هن جو خط پوسٽ ذريعي مليو. کولي پڙهڻ کانپوءِ پوري جسم ۾ بجليءَ جا شاڪ لڳي ويا. خط کي پرزا، پرزا ڪري ڦاڙي ڇڏيم. پنهنجي چونڊ ثريا تي ڀروسو ڪيان ها، يا ثريا جي مليل محبت تي، يا اعتبار ڪيان ها عباس تي، جنهن لاءِ مُلي کان وٺي چرياڻ جا خطاب هئا، چٺي ڦاڙڻ باوجود پني جا وکريل ٽڪرا بہ ڪلي، ٻڙڇيون ۽ پالا هٽي رهيا هئا، جنهن ۾ لکيل هو. ”زاهد! هڪ ڀيرو وري تو دوکو کاڌو، دنيا جي ظاهري حالت نہ ڇاڻي سگهين، تون جنهن کي پنهنجي جنت ۽ محبت ٿو سمجهين، سا تنهنجي ئي شهر جي مشهور ڪال گرل رهي چڪي آهي!!“

***

# ماڻهپي جي سوڀ

**جڏهن** هوش سنڀاليم تہ سڄو گهر غربت جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيو هو، ڇو تہ ان وقت بابو مزدوريءَ تان موٽندي هڪ خطرناڪ ايڪسيڊنٽ جو شڪار ٿي معذور بنجي ويو هو. وقت جي وهڪري گهر جو سڄو بار منهنجي نازڪ ڪلهن تي آڻي بيهاريو هو. گهر جي خراب حالتن ۽ بابي جي بيوسيءَ مان وهندڙ ڳوڙهن مون کي ان وقت کان، اڄ تائين مسئلن ۽ مونجهارن سان منهن ڏيڻ سيکاري ڇڏيو آهي. هوٽل جي بيراگيريءَ کان مون پنهنجي محنت سان جدوجهد شروع ڪئي ۽ اڄ هن ئي شهر جو سٺو ۽ مڃيل بورچي آهيان. ان عرصي دوران حالتن ۽ گهر جي خرچن جو پورائو ڪندي، علم جي اهميت کي سمجهندي انٽر تائين تعليم بہ حاصل ڪري ورتي هئم.

حڪومت جي غلط پاليسين جي ڪري، انٽر تائين نہ چاڻ ڪهڙن ڏکن ۽ اٽانگن پيچرن مان گذريو هئس ۽ نوڪريءَ جي تلاش لاءِ وري ڪيترن ئي ڪامورن، وزيرن جي در تي ڌڪا ٿاپا کاڌا هئم پر بيروزگاريءَ جو شديد احساس، صوبيدار گامڻ خان جي گهر جو بورچي بڻجڻ کان پوءِ ٿورو دور ٿي ويو هو.

”اسلم تون هڪ خوبصورت نوجوان ۽ سيبتو بورچي آهين!“ صوبيدار گامڻ خان جي تعريفي جملن ڪري احساس ٿيو هو تہ آئيني ۾ پاڻ کي چتائي ڏٺم ۽ پاڻمرادو چئي ويٺم تہ ”يار واقعي مان خوبصورت بہ آهيان“ ۽ پوءِ اهو احساس وڪوڙي ويو تہ مان بہ ڪا حيثيت رکان ٿو. سَرهائيءَ واري احساس ۾ ٽاٽي جي اولهندي پاسي ٻين ڪوارٽرن کان پري ۽ مختلف ڪوارٽر ۾ ڪم ڪري وڏيڪ سرهائي محسوس ڪري رهيو هئس. وڏيڪ اتي موجود گامڻ خان جي زال زينت ۽ ڌيءُ شهربانو طرفان ملندڙ خلوص ـ عزت ۽ ٻن ننڍين پٽن، شاهد

۽ زاهد جي پيار ۾ هيءُ گهر مون کي ڄڻ پنهنجو ئي گهر محسوس ٿيڻ لڳو. منهنجي سچائي ۽ ايمانداريءَ جي ڪري اُهي ٻئي (مائر ڊيئر) گهور، گهور وجڻ لڳيون، پر بعد ۾ خبر پئي تہ اهو گهورجڻ بہ منهنجي سچائي ۽ ايمانداريءَ جي ڪري گهٽ، پر منهنجي شڪل ۽ صورت جي موچاري هئڻ تي وڌيڪ هو. ٻنهي ڄڻن ڪان مليل خلوص ۽ عزت وگهي دل مستيءَ ڪان جهومڻ لڳي، ڇو تہ شهربانو جي قيامت خيز وجود ۽ چال چلت من موهي وڌو هو. ان ڪري ٿاڻي تي ايندي، منهنجي دل کي ڪجهہ سڪون حاصل ٿيو هو.

منهنجي انهيءَ سڪون ۽ آرام ۾ تڏهن زلزلو ٿي آيو، جڏهن ٿاڻي جي حالتن ۽ واقعن طرف ڌيان ٿي ويو. روز جو معمول ۽ واسطو هئڻ ڪري ٿاڻي جي عملدارن ۽ اتي جي اچ وڃ ڪرڻ وارن ماڻهن بابت انڪشاف ٿيا تہ دنيا ئي ٻي نظر اچڻ لڳي. جنهن دنيا جو ٻاهران ناٽ ۽ باٽ سٺو ۽ سهڻو هو، سا اندران ناقص هئي. ٿاڻي تي سرڪاري ورديءَ جي عزت، مان ۽ مرتبو وِڃايو ويو هو. رشوت ۽ لالچ جي ڀرپور مارڌاڙ... مڪاري، فريبي... چغلي ۽ هُشي... انساني حقن جي لتاڙ... عورتن ۽ ڇورن سان رنگ رليون... ڪڪڙن، ڪتن جو شوق... شراب ۽ جوا جو ڪلي عام واهپو، مطلب تہ معاشري جي هر برائي جو ٽوڙ ڪرڻ وارا خود ان برائيءَ کي واپرائي ۽ وڌائي ان جو ڦهلاءُ ڪري رهيا هئا.

گامڻ خان جي ايندي ئي ٻين براين ۽ ظلمن کان علاوه ڇورن ۽ ڀاڙاريدارن جو راڄ بہ شروع ٿيو. گامڻ خان، جمعدار يوسف ۽ تر جي نامور ڀاڙاريدار شهباز خان جي ٻيگهيءَ جي ڪري، تَر جو مسڪين ۽ اٻوجهہ عوام رهندو بہ دٻجي ۽ هيسجي ويو. ظلم ۽ ڏاڍ کان علاوه انساني حقن جي ڪلي عام لتاڙ ٿي، تَر جي چڱن مڙسن پنهنجي نيڪيءَ ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ ٽيليفون ڪيا. پر.......! اعليٰ آفيسرن جي عاليشان بلڊنگن مان سندن حيثيت کي سمجهندي بہ جواب ”سوري“ جو آيو. ان وقت چڱن مڙسن کي احساس ٿي ويو تہ گامڻ خان ڪيتري هلنديءَ پڄنديءَ وارو صوبيدار آهي ۽ پوءِ جڏهن هلندي وارو هلندو آهي تہ هڪ الڳ تاريخ جوڙيندو آهي ۽ گامڻ خان بہ ظلم ۽ جبر جي تاريخ جوڙي رهيو هو.

گامڻ خان جي ڪيس ۽ قهر جا ظالم ساٿاري، جمعدار يوسف ۽ ڀاڙاريدار شهباز خان ساڻس گڏ گڏ هئا. يوسف جيڪو گذريل ٻن سالن کان هن ئي ٿاڻي تي موجود آهي سو ٿاڻي جي حد جي ڌوهارين، ڀاڙاريدارن، شريف ۽ عزتدارن

کي چگھيءَ طرح سڃاڻي چُڪو هو. شهباز خان پراڻي وقت جو رهزن ڌوهاري هيو.

سندن مسڪين ۽ ابوجهه مارو‍ئڙن مٿان جبر ۽ ڏاڍ ڏسي اکين رت روئي ڏنو ۽ مان اکين سان اهڙا عذاب ۽ اذيتون نہ ڏسي سگهڻ ڪري واپس هوٽل تي (نوڪريءَ لاءِ) هليو آيس پر اتي بہ گامڻ خان جي ڊپ ۽ دهشت ڪان ڊڄي مالڪ مون کي هوٽل تي ٻيهارڻ ڪان نابري واري ڇڏي. گهر ويهڻ جو سوچيم تہ گهر جون بکون، تنگيون منهنجي آڏو فلم وانگر ڦرڻ لڳيون. مجبور ۽ بيوس ڪردار وانگر مان ساڳي اذيت گاهہ تي واپس پهچي ويس.

صوبيدار گامڻ خان جمعدار يوسف ۽ شهباز خان جي ڀيگهيءَ جي ڪري راڄ ڪُتجڻ لڳو. انهن، ڌوهي بي ڌوهي ۽ مظلوم ماڻهن کي ڪٽڻ لاءِ ٿاڻي جي سيني عملدارن کي کلي عام ڇوٽ ڏني هئي، ڪيترائي ماڻهو ٿاڻي جي نالي ڪان ڪنبڻ لڳا پئسا ڪيڻ لاءِ صوبيدار گامڻ خان نوان ۽ انوکا حُربا استعمال ڪرڻ شروع ڪري ورتا هئا. پهريون حُربو، ٿاڻي جي بلڪل سامهون واري کليل ميدان ۾ چار ڪلا هٽائڻ هو ۽ پوءِ واردات ڪرڻ دوران هٿ پير ڪلن سان ٻڌي، ننگو ڪري، سچو پٽرن سان، لئين سان ۽ خطرناڪ طريقي سان مارڻ ۽ ڪٽڻ"_ هن حربي تحت ڪيترن ويچارن، پنهنجي جان عذابن ڪان ڇڏائڻ لاءِ اوڌر ورتي ۽ ڪيترن گهر ڪپايا.

ٻيو حربو تمام خطرناڪ هو. ٻنهي هٿن ۾ هٿڪڙي هٽي، لاڪپ جي لوهي گيٽ ۾ زمين ڪان ٽي چار فوٽ مٿي ٽنگيندا هئا. انهيءَ عمل ۽ طريقي جي ڪري تہ ڪيترائي همراهہ بيهوش ٿي ويا هئا. حُربن جي هاڪ ڪيترن ئي ماڻهن کي ڇرڪائي وڌو ۽ هُو ٿاڻي ۽ پوليس جي نالي کان بہ ڪنبڻ ٿي لڳا.

گامڻ خان جي ساٿاري ۽ ڀيگهيءَ جي ڪردار شهباز خان، پنهنجي پاٿاريءَ جي چورن ۽ ڇاڙتن کي کُلي عام موڪل ڏئي ڇڏي هئي. چورن ۽ لوفرن تَر جي مسڪين، مالوند ماڻهن جي راتين جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون. ڳوٺن ۾ چورين ۽ زورين جا ڪيترائي واقعا روز روز ٿيڻ لڳا. چوريءَ جي واردات جو پيرو سِڌو شهباز خان جي ٻُوڙن سان ڊڪيل اوڏڪي اوطاق تائين پهتو ٿي تہ هرڪنهن پئي چيو"هاڻي سمجهو تہ ڊور زمين ڳهي وئي، يا آسمان کائي ويو، ڪجهہ نہ ٿيندو، سنو، اٿوَ تہ ساڃهر سويل پوئتي ورڻ جي ڪريو نہ تہ ڏاڍا بيعزتا ۽ بدنام ٿيندؤ" اهڙي تلقين ڪانپوءِ بہ جڏهن ڪو اوطاق

تائين ويندو هو تہ ڪيس ڳارين ۾ موچڙن جو منهن ڏسڻو پوندو هو ۽ ڪيترائي مسڪين ۽ ابوجهہ ماروئڙا پنهنجو سڀ موٽائڻ لاءِ شهباز خان وٽ قرآن شريف کڻي ويندا هئا، پر هي همراهہ ڪين منهن ڏئي نہ ڳالهائيندو هوءِ ۽ چوندو هو "اهو قرآن شريف لپائيندوَ ابا......!" پوءِ وري ٻي ڏينهن پُنگ تي ساڳيو ئي سڀ ان ئي واطاق تان پاڳيو ڪاهي ويندو هو.

غريبن ۽ مسڪينن جي مجبوريءَ هٿان مليل پئسو صوبيدار ڳامڻ خان وٽ رهي نہ سگهندو هو. ڇو تہ ڳامڻ خان جا ڪيترائي شوق هئا. جن ۾ چوري بازي اهم شوق هوس. هو هاڻي هن ئي شهر جي ڪيترن ئي سهڻن پر بدچلن ۽ آواره ڇوڪرن ڪي ساڻ کڻي هلڻ لڳو ۽ گهر واريءَ جو حق....... هو ڪافي عرصي کان انهن ئي ڳالهين جو هيراڪ ۽ شوقين هو. شايد هن مون کي بہ اڇي چمڙيءَ جي ڪري ئي گهر جو بورچي بڻايو هو. هو منهنجي ڪڍ لڳو پر......! مان تہ ان قسم جو عادي ۽ هن جي آرزوئن جو شوق نہ هئس....... جنهن ڪري هن منهنجو پيڇو ڇڏيو ۽ منهنجي سچائي ۽ ايمانداريءَ جي ڪري هن مونکي پنهنجي گهر جون سڀ ذميوايون ۽ سار سنڀالون سونپي ڇڏيون. جنهنڪري گهر ۾ رهندڙ سڀني انساني وجودن جي فطرتن ۽ عادتن کان واقف ڪار ٿي ويو هوس. اتي هڪ انڪشاف ٿيو تہ بيگم صاحبا پنهنجي وَرَ جي گهر کان بي توجهيءَ ۽ پنهنجي حق نہ ملڻ ڪري ٻين سان پيچ ۾ ناتا اڙائي ورتا هئا. هتي ايندي ئي هن جون پهريان نظرون مون ۾ هيون پر.......! مان پاڻ بچائي ويس جو هوءَ منهنجي امڙ جيڏي هئي ۽ ڪيس عزت بہ امڙ جيڏي ڏيڻ لڳو هئس ان کان علاوه هن جو وڏو پٽ شاهد بہ تہ شهر جي بدچلن ڇوڪرن جيان ٻين (سپاهين، جمعدارن) جي سهاري پلبو هو ۽ عادت جو پورائو ڪندو هو. سڄو ٿاٺو ڇڻ انڪشافن جو گهر هو. ڪيترائي انوکا انڪشاف ۽ راز ڏسي ورتا هئم. انهن انڪشافن جي ڪري ذهني مريض مريض ٿي پوان ها....... جي شهربانو پنهنجي شرابي نيڻن سان منهنجي دل نہ موهي وجهي ها.... مان هاڻ ٻين مسئلن تي ٿورو سوچڻ لڳس ۽ شهربانو جي خوبصورت چهري کي هر وقت تصور ۾ آڻڻ لڳس...... هن جا گول گول ماس وارا ڳل....... هن جون ڪاريون ڪجليدار اکيون...... پرون جاڙا........ چپ ڳاڙهاڻ مائل ۽ هر وقت شرم ۾ پوتيءَ جيان ڳاڙهو سندس چهرو. منهنجي اندر جي تهن ۾ لهي ويو. مان پنهنجي بيوسي

(بورچي هجڻ) ڪري اظهار نہ ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پيس ۽ خاموشيءَ جا ڪڙا ڍڪ پيئڻ تي مجبور رهڻ لڳس.

ان ڏينهن مان جيئن ئي سومهڻي ڏاري، ڪم ڪار کان جند ڇڏائي گهر واپسيءَ جي تياري ڪري ٻاهر نڪرڻ تي هئم تہ بيگم صاحبا منهنجي آڏو چادر اوڙهي ٻاهر نڪري چُڪي هئي. مان حيرت جي نظرن سان کيس ڏسندو ۽ پويان لڪندو سندس ڪڍ لڳس. منهنجي حيرت گهڻي دير تائين برقرار نہ رهي سگهي، پر وڌي ضرور وئي. ڇو تہ بيگم صاحبا پنهنجي وجود کي وڪڻڻ لاءِ جنهن ڪوارٽر ۾ وئي هئي اهو ڪوارٽر جمعدار يوسف جو هو. باغي خيال ڪر کڻي اڀا ٿي ويا. آرزوءَ تمنا جاڳي پئي ۽ شهربانو جي قيامت واري جسم جو هر انگ منهنجي آڏو نچڻ لڳو. مان جلديءَ ۾ شهربانو وٽ پهچي ويس. ان وقت مون کي ڪو بہ ڊپ، ڊاءُ نہ هو. صرف هڪ خيال هو شهربانو کي حاصل ڪرڻ جو........!

مون کي پنهنجي مٿان اوچتو ڏسي شهربانو حيرت ۾ وڪوڙجي وئي. جنهن ۾ شرم ۽ حياءُ جو پهلو بہ نمايان هو. هن جي شرابي نيڻن ۾ نهاري مون پنهنجي اچڻ جو مقصد کيس اشاري ۾ ٻُڌائي ڇڏيو. هوءَ شرم ٻوٽيءَ جيان ڳاڙهي ٿي وئي ۽ اٿي بيهي رهي، گهڻي دير تائين ساڳي ڪيفيت ۾ محو هئي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ هن جي چهري تي ڪي خوشيءَ جا آثار اڀري آيا ۽ مون هن کي بي صبرو ٿيڻ جي پاڪر ۾ ڀري ورتو. هن ڇڏائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ منهنجي پاڪر ڍري ٿيڻ ڪانپوءِ هن چيو"اسلم تو نہ ٿو ڄاڻين تہ ڪيتري عرصي کان منهنجي من مندر ۾ بہ ڪنهن مرد جي مورتي ٺاهي رکڻ جي آس هئي. پر هن ٻگهڙن واري ماحول ۾ مون کي ڪو بہ مرد ( شريف) نظر نہ آيو، سڀ ڪو ٻگهڙ هو، وحشي هو. سڀني جون نظرون منهن جي جسم تي ڪپنديون هُيون نہ وري منهنجي نيڻن جي اشارن تي ۽ نہ منهنجي مقصد (حقيقي زال مڙس واري رشتي) تي. هتي ايندي مون توکي ئي حقيقي مرد سمجهيو ۽ توکي ئي من مندر ۾ مورتي بنائي ڇڏيو، گذريل عرصو مان ڪيئن صبر ڪندي گهاريو آهي اهو مان ۽ منهنجو خدا ٿو ڄاڻي، ڪيتري نہ اذيت ۽ پيڙا سٺي." هن وري چيو" اسلم خدا جي واسطي مون کي هن جهنم مان، هن ٻگهڙن جي ديس مان ڪڍي هل. مون کي بچائي هل. مان تنهنجو سڀ ڪجهہ مڃڻ لاءِ تيار آهيان، تون مرد آهين. مونکي هن باهہ مان ٻاهر ڪڍڻ جي لاءِ تون ئي بهتر آهين. ڇو تہ تنهنجي

ڇهري ۾ نيڻن ۾ اها ٻگهڙن واري چمڪ نہ آهي. پر منهنجي ڇهري ۾ نيڻن ۾ بہ ٻگهڙن وارا آثار اچي ويا هئا ۾ هڪ بيوس ۾ مجبور ڇوڪري پنهنجي آرزوئن ۾ تمنائن جي خاطر هڪ مرد جي شيطاني ضرورت جو شڪار ٿيڻ لاءِ راضي ٿي هئي. جسم تان ڪپڙا لهي ويا ۾....... ۾....... حاصلات وارو تجسس وڌي ويو....... جسم پاڻ ۾ پڪوڙجي هڪ ٿي ويا ۾ پوءِ ڪجهہ پل دير....... آسمان ڦرڻ لڳو.

هڪ ڏينهن ٿاڻي جي ڀاهران هڪ ڳوٺ جي رهندڙ نورل جي پٽ اختيار ڪي پوليس، شهباز خان جي هُشي تي گرفتار ڪري آئي. نورل ويهارو سال اڳ نامور رهزن ۾ چور هو پر حق ۾ ناحق جي تميز، قرآن شريف ۾ عورت (ست قرآن) جي عزت ڪان واقف هو. تر ۾ هو سنو اثر رکڻ وارو هو. ان اثر دؤران هن ڪڏا ڪم تہ ضرور ڪيا ۾ ڪرايا پر ڪڏهن بہ ڪنهن مسڪين ڪي خالي هٿين نہ موٽايائين. قرآن شريف ڏسي ڪيس چنبڙي پوندو هو. وڏن جي عزت ڪندو هو ۾ ننڍين سان پيار ڪندو هو. اهو جذبو شايد ان ڪري هن ۾ موجود هوندو هو جو، هو خود پاڻ هڪ مسڪين ۾ همدرديءَ جي لائق هڪ ڪڙمي ۾ محنتي ماڻهو هو. پر تر جي هڪ چڱي مڙس گلڻ خان جي ظالم جو شڪار ٿيو هو. نورل جي گهر واري سڪينہ هڪ حسين و جميل عورت هئي ۾ ان ئي سبب جي ڪري، گلڻ خان ڀين جي عزت (عورتن) سان ڪيڏڻ وارين عورتن مان هن ڪي سمجهيو هو، پر....... هو غلط هو. سڀ عورتون هڪ جهڙيون نہ هونديون آهن. نورل ڪي جڏهن خبر پئي تہ هو معاملي ڪي سمجهي گلڻ خان ڪان نفرت ڪرڻ لڳو. پر جلد ئي هو پاڻ گلڻ خان جي حسد ۾ نفرت جو شڪار ٿي لاڪپ پهچي ويو. گلڻ خان مائونٽ ايورسٽ جي چوٽيءَ تائين پهچڻ لاءِ رستو صاف ڪري ڇڏيو هو. مائونٽ ايورسٽ پنهنجي توهين سمجهي ڪيس ڌڪا ڏئي بيعزتو ۾ خوار ڪيو ۾ جلد ئي هوءَ پيڪين هلي وئي، جنهن ڪي گلڻ خان ڳوناٽن ۾ غلط رنگ (پيچڻ) پيرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي. پر شايد هن جا ڏينهن خراب ٿيڻ وارا هئا جو نورل ٿاڻي مان ڇٽڻ ڪانپوءِ زال ڪي گهرايو ۾ ڪيس پنهنجو خواب ٻڌايو ۾ ان خواب جي حقيقت جلد ئي سامهون اچڻ لڳي. گلڻ خان جي گهران چورين، زورين جون وارداتون معمول بڻجي ويون. جنهن جي ڪري هو ڪجهہ ئي مهينن اندر انجام تائين پهچي، ڪنگال بڻجي ويو. ان وقت نورل جي ٽولي ۾ شهباز خان بہ شامل هو. هڪ ڏينهن پنهنجي ڪيل چوريءَ جي وڏيڪ حصو

ڪٺڻ واري لالچ تي نورل هٿان مار کاڌي هئائين ۽ اها اڄ تائين ياد هئس. هو پنهنجي طاقت جي زور تي بدلو وٺڻ جو سوچي رهيو هو پر دل ٻڌي نہ سگهيو هو ۽ آخر بدلي جي باھ وسائڻ لاءِ پوليس کي هُشي ڏئي نورل جي پٽ کي ٻُڌرائي ڇڏيائين.

نورل تر جي چڱن مڙسن جي مدد سان پٽ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پر...... هن کي پوليس آڏو پيش ٿيڻ جو شرط وڌو ويو. هن منهن (پاڻ) تہ ڏنو. پر....... پُٽهنس اهو ئي قابو۔ نہ ڇڏيائونس، ان ڪري هن جا ڪجھ ڏينهن اندر فرسٽ ايئر جا امتحان شروع ٿيڻ وارا آهن. هن رڙيون ڪيون، ڪوڪون ڪري چيو خدا جي واسطي منهنجي پٽ کي ڇڏيو. هن جو قيمتي سال ڪري ويندو. پر ٻوڙن هن جي ڳالھ ڄڻ ٻُڌي ئي نہ هئي. هن جي ذهن ۾ باغي ٿيڻ وارا خيال اچڻ لڳا. هن افسوس منجهان هٿ مهٽڻ شروع ڪيا. اولاد ڄمڻ ڪانپوءِ ۽ پنهنجي مقصد پوري ٿيڻ کان پوءِ بہ هو رهزن ۽ پاٿاريدار هجي ها تہ شايد لاڪپ ۾ نہ هجي ها ۽ جيڪڏهن هجي ها تہ صوبيدار جي پرسان واري ڪرسيءَ تي ويٺل هجي ها. ان ڏاڍ خلاف ڳوٺ جي هڪ اظهر جو نہ رڳو پر ڪيترن ئي مظلومن جو آواز پڻ گڏ هو. حق ۽ انصاف لاءِ آواز....... پر امن ريلي....... انساني حقن جي ڪميشن کي يادداشت....... ۽ پريس ڪانفرنس.......

پاڻي مٿي کان چڙهي ويو هو....... صبر جو پيالو ڇلڪي پيو هو....... ٿاڻي جي پيگهيءَ دارن انهي آواز (اظهر) کي بہ گرفتار ڪري ورتو. مظلومن جو آواز....... همدرد ۽ هڏ ڏوڪي...... لاڪپ جي اذيتن ۾ گذارڻ لڳو. هڪ شام ڇٽڪار ڏنل ميدان ۾ اظهر. نورل ۽ اختيار کي آندو ويو تہ هٿ ڪڙين ۾ جڪڙيل ٽنهي ڄڻن جي هٿن جون ويٽيون هٿڪڙيءَ جي سور ڪري ڏکڻ لڳيون...... خاص ڪري اختيار جي نازڪ ۽ خوبصورت هٿن مان تہ رت وهڻ لڳو...... ان وقت منهنجي اکين مان بہ ڪارا لڙڪ، منهنجي بيوسي ۽ مجبوريءَ تي ڪلندا ڳلن تي لڙي آيا تہ اگهي ڇڏيم. معاشري جي همدرد ۽ هڏ ڏوڪي ماڻهن کي هيٺ ويهڻ لاءِ چيو ويو. نابري وارڻ ڪانپوءِ صوبيدار گامڻ خان جي دهشت ناڪ هڪل ڪانپوءِ نيت جي لڪڻ اختيار کان تيز رڙ ڪيرائي ڇڏي. سڀ ويهي رهيا. ڪپڙن لاهڻ ۽ ننگو ٿيڻ وارو سوال اڀريو....... نابري ۽ انڪاري...... اختيار جو نازڪ ۽ ڪمزور وجود....... صفا ننگا....... اونڌو

ليٽڻ تي مجبور....... ٺهڪڙن، ٺوڪن ۽ ڇٽرن جا ڪيترائي آواز....... خاموشي....... سچو پٽرن جو ويهڻ واري جاءِ تي لڳڻ....... آسمان جو ڦرڻ زمين جو لهي وڃڻ. هڪلون....... مظلوم جون رڙيون ۽ ڪوڪون....... نازڪ وجود جي نازڪ ڪل رت سان ڀرجي وئي....... هڪل سان گڏ ٻيا سچ پترا....... وڏي هانءَ ڦاڙ رڙ....... ۽ پوءِ بيهوشي....... هاڻ اهو دردناڪ منظر وڏيڪ تماشائي ٻڌجي ڏسي نہ سگهيس ۽ ڪوارٽر تي هليو آيس.

جنگيون منهنجي ننڍي ذهن ۾ ڊوڙي آيون. هڪڙي جنگ انڌير نگريءَ جي ٺاٽيدارن جي ٻيگهيءَ واري ظلم ۽ جبر جي جنگ....... بيگناهہ ٻن وجودن هڪ شاعر ۽ سوشل ورڪر ڪي سندس تنظيم طرفان ڪيل ڪوشش، اعليٰ آفيسرن ۽ ڪامورن جي ٽيليفونن تي سوالن ۽ پوليس طرفان انهن سڀني کي ڏوهي قرار ڏيڻ واري جوابن جي جنگ....... ٻي جنگ ۾ ڪو بہ تشدد يا ظلم نہ هو. اها پيار جي جنگ هئي. حاصلات جي جنگ هئي....... شهربانو جي چهري تي هر وقت آرزو ۽ تمنا جا تاثر نمايان بڪندا هئا....... پر منهنجي اندر ۾ گامڻ خان لاءِ جا نفرت جُڙي چُڪي هئي. تنهن کي ٽڏو ڪرڻ لاءِ مان شهربانو جي حسرتن ۽ تمنائن سان ڪيڏي ڪيس آزادي ڏيڻ جا ڪوڙا وچن ڏئي هن جي ڪير جهڙي اڇي بدن سان ڪيڏندو هئس....... پوءِ احساس ٿي ويو تہ پڇتاءُ جو اڇلايل پٿر منهنجي من دٻي (پاٽي) ۾ چوليون پيدا ڪندو رهيو. مان هن کان دور ٿيڻ لڳس. پڇتاوَ جي احساس کان....... ٻائرن جي مستقبل جي ڪري....... يا گامڻ خان جي ڊپ کان.......!

اخبارن ۾ خبرون، احتجاج ۽ ان کان علاوه صوبي جي گورنر صاحب جي هائوس مان بہ ٽيليفون آئي. گامڻ خان اظهر ۽ ان جي سماجي تنظيم جي طاقت کان خوفزده ٿي ويو ۽ اظهر واري سموري ڳالهہ ۽ مسئلو، پنهنجي ڪنڌ ۾ پوندي محسوس ڪيو ۽ ان جا آثار بہ هئا.......هن ڪميٽائيپ جي تہ حد ڪري ڇڏي هُئي. انڪوائري آفيسر (ايس ڊي ايم) جي آڏو پاڻ کي بيگناهہ ثابت ڪرڻ لاءِ هن ڪيترائي قسم کنيا، پر ايس ڊي ايم هن جا تارا ڦوٽرائي ڇڏيا تہ ”گامڻ خان هاڻي تنهن چالاڪي وڌيڪ هلي نہ سگهندي، تنهنجي پڇڻ جي پيٽي پر نہ آهي....... تون ظلم، ڏاڍ ۽ سفاڪيءَ جي انتها ڪري ڇڏي، تون نسورو ناحق ڪري مسڪينن ۽ شريف ماڻهن کي ڏاڍيون اذيتون ڏنيون ۽ ويل وهايا، تون انهن بي ڏوهي ماڻهن (اظهر، اختيار ۽ نورل) کان معافي وٺ، جيڪڏهن پاڻ کي

بچائڻ گهرين ٿو تہ....... نہ تہ انڪوائري جا ڪاغذ پٽ اعليٰ آفيسرن تائين وڃڻ لاءِ تيار آهن."

گامڻ خان سڄي عمر ۾ هارائڻ ۽ شڪست کائڻ تہ نهيو، پر ان لاءِ سوچيو بہ نہ هو....... پر.......! وقت جي وهڪري جي ڪري مظلوم ٻٽيل هو ۽ رحم جوڳيءَ حالت ۾ هو. پڇتاءَ جي هڪ لهر....... هر عهد ٽٽي پرزا ٿي ويو....... هار مڃڻ تي مجبور ٿي پيو....... حق جي فتح ٿي....... ناحق هار کاڌي....... انڌيرو باک ۾ تبديل ٿي ويو....... اڄ گامڻ خان اڪيلو هو. تنها هو، ساٿس گڏ شهباز خان هو. نہ وري جمعدار يوسف. سڀ هن کي اٽانگي ۽ مشڪل وقت ۾ ڇڏي پري تماشائي بڻجي مڇون وٽيندا گهمندا ٿي رهيا. انسانيت جي ستل مرد ڪر ڪنيو ۽ تڙپي اٿيو. ڪيترن ئي ظلمن ۽ ڏاڍاين جا باب هن آڏو فلم وانگر ڦرڻ لڳا....... گامڻ خان دل جي سچائيءَ سان اظهر آڏو ليلائي رهيو هو. پيرن مُرشدن جا قسم ۽ واسطا وجهي رهيو هو. پر اظهر جا تہ جڻ ڦٽ چُڪي پيا. هن گامڻ خان کي سزا ڀوڳيندي ڏسڻ چاهي، پر گامڻ خان قرآن شريف کڻڻ لاءِ اٿيو....... تہ اظهر اختيار ۽ نورل کان پنهنجي مٿان سَٺل اذيتون ۽ وارداتون يڪدم وسري ويون، دل جي سٺائي ۽ انسانيت جي همدردي رکڻ واري مرد، هن جي سچائيءَ سان ظلم کان توبهہ ڪرڻ تي ڪيس معاف ڪندي چيو تہ "مون لاءِ اها ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو هڪ راهہ ڀٽڪيل ماڻهو سڌي راهہ تي اچي. مون توکي سچي دل سان معاف ڪيو گامڻ خان."

مون اظهر جي آزاديءَ تي ڪيس مبارڪون ڏنيون تہ هن ورائيو تو شايد ڏرتيءَ جي انقلابي شاعر سرڪش سنڌيءَ جي غزل جا هي بند نہ ٻڌا آهن.

غريبن کي گهوگها گهتا ڪيستائين؟؟
پيا ڏيندا، ڀٽڪي لتا ڪيستائين!؟؟

اونداهيءَ رات جو اٽڪل هڪ وڳي صوبيدار گامڻ خان، اظهر ۽ نورل کي سندن گهر ڇڏي اچي ٿاڻي تي پهتو تہ هن کي گهڻو ڪجهہ ياد آيو. هو تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو پنهنجي ڪوارٽر طرف وڌي ويو. مان سندس ڪڍ هئس، در تي ايندي ئي جوٽس ڪيس ٻُڌايو تہ "صبح جي ويل شهربانو هن مهل تائين گهر نہ پهتي آهي. الائي ڪاڏي وئي...؟"

”شهربانو الائي ڪاڏي وئي؟“ مان حيران ٿي ويس. مون کي ياد آيو تہ هن چيو هو”اسلم خدا جي واسطي مون کي هن جهنم مان هن بگهڙن جي دنيا مان ڪڍي هل، مون کي بچائي هل...!“

آخر شهربانو ڪيڏانهن وڃي سگهي ٿي!؟“

گامڻ خان سوچ ۾ پئجي ويو، ”شهربانو ڀڄي وئي..!!!“ منهنجي دل ۾ چيل ڳالهہ شايد هن پُڌي ورتي هن جون اکيون ڦاٽي ويون ۽ هو بيهوش ٿي ڪِري پيو.

***

# پيار ڪانپوءِ

**تن** من تي سوين مٺن جو بار پائيندو آهيان، ان ڏينهن جنهن ڏينهن اندر جي آنهُن ڪي لفظن جو روپ ڏئي زبان مان نہ اُڪلايان، يا وري قلم جي نوڪ سان ڪوري ڪاغذ تي نہ اچاريان تہ جهڙوڪر من اندر ۾ سنڌوءَ جي موجن جيان اُٿل پُٿل پئي رهندي اٿم.

اها حالت گذريل ٻن سالن جي اذيتناڪ ۽ ڏکهي وقت ڪان مسلسل هلندي پئي اچي، اجهو هينئر تہ ڪنهن وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي وئي اٿم. صائمہ ڪي جڏهن ڪان ويجهو ۽ دل جي گهرائيءَ ۾ ڏٺو هوم تہ هن جي جادوءَ جهڙن اٿرن ڪان پنهنجي دل قرائي ويٺم. صائمہ مامي گل محمد جي وڏي ۽ خوبصورت ڌيءَ هئي. ان ڪان علاوه مامي ڪي ٻہ پٽ هئا. پر مان اهو ضرور چوندس تہ مامي جي ٻين ٻارن ۾ وصف انگ ۽ اڪرن جي حساب ڪان صائمہ گوءِ ڪٽي وئي هئي، ان ۾ منهنجي ڪا بہ تعريف نہ سمجهجو. ڇو تہ هوءَ بنا تعريف جي هڪ وٽندڙ ۽ ڇُهندڙ هستيءَ جي مالڪ هئي ۽ ان ڪان وڌ ڳالهہ تہ هوءَ جوانيءَ ۾ هئي، جوڀن ۾ هئي ۽ مستيءَ ۾ هئي!

ڪيئي ڀيرا اڳ بہ تہ هن ڪي ڏٺو هوم، پر الائي ڇو ان ۾ ڪا خاص ڪشش واري ڳالهہ نظر نہ ايندي هئي. هنن جو اڪثر پنهنجي ننڍڙي خاندان سان شهر ڪان ڳوٺ طرف شادي غميءَ ۾ اچڻ ٿيندو هو، ان وقت هوءَ مون ڪي بہ ڪنهن عام ۽ رواجي ڇوڪرين جيان لڳندي هئي.

تازو جڏهن فضل وارن جي طهرن جي ڪاڄ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پنهنجي فيمليءَ سان آئي هئي، تہ اصل قيامت لڳي هئي. هن جي هر عضوي ۽ هر ادا ۾ شور هو - طوفان هو ۽ مان پنهنجي دل قرائي ويٺو هوس. بهار جي موسم پنهنجي اوج تي هئي، جوڀن ۾ هئي مستي ۾ هئي ۽ مٿان وري هڪ حسين

دوشيزه جا ناز. مان پاڻ هارائي ويٺو هوس، هن جي دوستيءَ جي رشتي سان گڏ پيو رشتو پيار ۽ عشق جو جڙي ويو هو.

چيائين ”پنهنجون زمينون گهمائڻ هل“... وراڻيم تہ ”اکين تي“... اندر جي ڳالهہ زبان تي آڻڻ لاءِ هڪ موقعو ملي ويو. قسمت جي ديوي راضي هئي. پاڻس زبير بہ پويان لڳو. مون کي ڏک لڳو، پر اڳتي هلي جڻ درد ئي ڇڏي ويو، زبير منهنجي ڀنيءَ مٿان بيٺل مَکئي پيرين طرف لڙي، اسان کي آزادي ڏئي ويو. چوڌاري ساوڪ هئي، سرسبزي هئي، شادابي هئي ۽ وري مٿان تيز هوا، جنهن تہ مون کي هر هر ڏکائي ٿي وڌو، هوا وجود سان ٽڪرجي سيٽاٽو پيدا ڪندي منهنجي انگ انگ ۾ ڏڪڻي ٿي پيدا ڪئي. هوا جي زور جي ڪري ڪڻڪ ۽ سرنهن جي بيٺل فصل ۾ بي سڪوني بہ دل کي تسڪين پهچائي رهي هئي.

چيو مانس، ”ڪٿي وڃائجي وئينءَ“ مون ڏانهن ڏنائين، اکين ۾ سمنڊ جيان گهرائي هئس، شورسان گڏ بي سڪوني پريل هئس، اکين ۾ شور هئس ۽ هڪ قسم جو جادو هئس. هميشہ جيان هن جي نظرن جي سحر کان نظرون هٽائي، نٽائي ويس، هرپيري جيان، هن پيري بہ پنهنجي، بيوسي ۽ بي حسيءَ تي ڪاوڙ آئي، ڪجهہ چوان يا وري ڪجهہ ڪريان ئي ڪريان تہ هن چيو، ”شهر جي آلودگي ۽ شور کان پاڪ فضا ۽ صاف ماحول جي انهن سرسبز ۽ شاداب منظرن کي نقش بڻائي هميشہ جي لاءِ قيد ڪرڻ ٿي چاهيم“.

”صائمہ هن موسم ۾ انسان جو وجود تہ ڇا جانور بہ پنهنجي هوش حواس ۾ نہ رهڻ ڪري، مدهوشيءَ ۾ هوندا آهن.“ ڳالهائيندي هٻڪندو رهيس، منهن ورائي ڏنائين، ساڳيو ئي سحر ۽ نشو هئس، نہ سمجهڻ واري انداز ۾ چيائين، ”شايد....“ ڪجهہ وقت خاموش هلندا رهياسين، هلندي هلندي ڏنائين، ڪا ڳالهہ چپن ۾ جنبش بڻجي رهجي ويس. دل کي ڏک لڳو، ”مان ڊڄڻو آهيان - بزدل آهيان........!“ چو تہ مان ڪيتري عرصي گذرڻ جي باوجود پرينءَ کي سامهون ۽ اڪيلائيءَ ۾ ڏسي بہ پنهنجي پريت ۽ پنهنجي عشق جي درد جي دانهن بہ ڪيس ڀڏائي نہ ٿو سگهان. آخر ڇو..... آخر.....!!

”ڪڏهن محبت ڪئي اٿئي؟“ اوچتي ڳالهہ جي ڪري ڇرڪ نڪري ويو. ڪجهہ دير بعد ۾ چيم، ”صائمہ ازل کان وٺي انسان محبت سڪ ۽ عزت جو تلاشي رهندو آيو آهي، ان جي جسم ۾ پين مختلف عضون کان علاوه حساس

عضوو دل به هوندو آهي، جنهن ۾ پيار ۽ عزت جو جذبو سدائين رهندو آهي، پوءِ انهن چاهيندڙن مان ڪي سورهيه ته ڪي وري بزدل ۽ ڏڄڻا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي محبت ۽ پنهنجي دنيا ڪي سامهون ڏسندي به پنهنجي محبت جوا اظهار نه ڪري سگهندا آهن.“ منهنجي نامڪمل تشبيهن تي سرسري سوچ ڪرڻ ۽ تنقيد ڪرڻ بجاءِ، منهنجا ڦهر ڀريا جملا ٻڌي هن ڪي مزو آيو ۽ چيائين، ”تون ڪهڙن ماڻهو آهين؟؟ وچون ڏنگي وڌم جهڙوڪر! ڇا جواب ڏيان، ڇا ڳالهايان، انتها ٿي چڪي هئي، هن جي طرفان چاهت جي اشارن جي ۽ اظهار جي عمل ڪي ڏسي چيم، ”ڪجهه بزدل آهيان ۽ ڪجهه سورهيه.....“ وچ ۾ ٽوڪيندي چيائين:”اهو وري ڪيئن......؟“

”جڏهن مان پنهنجي دل ۽ من جي راڻي ڪي پنهنجي محبت ۽ پنهنجي عاشقيءَ جو احوال لفظ به لفظ ڪري ٻڌائڻ ۽ پنهنجي منزل ڪي پائڻ لاءِ جبل جيڏو مضبوط ٿي ويندو آهيان پر جڏهن هن جي سامهون ويندو آهيان ته ڪپهه ڪان به نرم ٿي ويندو آهيان.“

”معنيٰ ته تون بزدل آهين؟“ مختصر چيائين.

مان ڪجهه چوان ئي چوان، جو هن ڏنو، پانيم چوندي هجي، ”واقعي تون بزدل آهين ڏڄڻو آهين جو پنهنجي محبت ۽ پنهنجي چاهت ڪي سامهون ڏسندي به زبان نه ٿو کولي سگهين.“ هڪ پل لاءِ هن جي چهري تي مايوسيءَ جون لڪيرون اڀري آيون. پاڻ مٿان ڏاڍي ملامت ڪرڻ لڳس. موضوع مٽائيندي چيم، ”هوءَ سامهون اها ئي جاءِ اٿئي، جتي تون مونکي سرنهن جي پيلن گلن جي نازڪ حملي جي جواب ۾ سونهن جو ٿلهو ڳنر وهائي ڪڍيو هو. اکين ۾ هڪ قسم جي چمڪ اڀري آيس. ڪنڌ ڌوڻيندي هائو ڪار ڪيائين.

”پنهنجي زيادتيءَ جو اعتراف ٿي ڪرين.“

”ها! مون توسان ڏاڍي زياد ڪئي هئي رياض!“

محسوس ڪيم ته هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا ۽ لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا هئس، جڻ ڪي ڦٿ چڪي پيا هئس. ڪجه دير خاموش هلندا رهياسين. ٿورو اڳتي هلي چيائين، ”هيءَ اها جاءِ آهي نه رياض! جتي تون ۽ مان مائيتاٽين جي پنيان لوسڻ لُٽائڻ هليا هئاسون، جو، هتي اقبال جوڳي جي مُرلي جي آواز ڪان مان ڏڃي پڳي هئس ۽ تون وڏيڪ ڏيڄارڻ لاءِ ريڊيي جو آواز وڌائي ڪڍي ڊوڙيو هئين.“

سڄي سرير ۾ خوشيءَ جي هڪ لهر ڊوڙي وئي هئي. هن کي مون سان ننڍپڻ واريون گهاريل گهڙيون بہ ياد هيون. هن منهنجي محبت جي اظهار جي لاءِ اشاري جو جواب اشاري سان ڏنو هو. ”مون کي هاڻي دير نہ ڪرڻ گهرجي، ائين نہ ٿئي تہ ڪٿي، ڪو ٻيو.....؟ نہ ..... نہ مان هُن کي پنهنجي دل جي ڳالهہ چئي ڏينديس، مان هُن کي کولي ٻڌائينديس تہ توکي ڪافي عرصي کان دل جي گهراين سان چاهيان ٿو.“ سڄي وجود منجهہ بيچينيءَ بجاءِ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. منهنجو سڄو وجود سڪونيت ۾ اچي ويو. اوچتو صائمہ هلڪي رڙ سان گڏ مون سان چنبڙي سيني سان اچي لڳي.....؟ اصل باهہ لڳي وئي. سڄو وجود ڪنهن ٻنيءَ جيان تپي ويو، محسوس ڪيم تہ هن جو وجود بہ ان لمحي باهہ جي ڪوري کان گهٽ نہ هو. جذبن کي ٻڙڪو آيو، لڪل ۾ خاموش چاهت جاڳي پئي، محبت جي شدت وچان ٻاڪر ۾ ڀريومانس، روئي ڏنائين، اصل ڇڄي پئي- چيائين، سُڏڪن ۾ رياض ”آءِ لوَيو..... ري ئلي آءِ لوَيو“ وري بہ ٻاڪر ۾ ڀري ورتومانس، جڻ جذبن جي شدت ڪارڻ جهڙو ڪر هڪ قسم جو دؤرو اچي ويس، منهنجي منهن ۾ ڇاتيءَ تي چمين جي برسات لائي ڏنائين. ذهن سوچڻ مٿان ٻين سوچن ۾ خيالن غالب ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اڳيان منهنجي چاهت هئي منهنجي دنيا ۾ منهنجو سڀ ڪجهہ پڻ! بيڪار خيالن کي جهٽڪو ڏئي ذهن مان ڪڍي ڇڏيم. جذبن ۾ ماٺار آئي تہ چيومانس. ”هيءَ اها جاءِ اٿئي، جت تو هڪ ڀيرو اڳ بہ ڏيڏر جي ڊپ کان منهنجي ڳلي لڳي هئينءَ.“ شرم و حياءَ جو مڪمل مجسمو بڻجي وئي، شرمائيندي ڪنڌ جهڪائي هائو ڪار ڪيائين. مون کان ٽهڪ نڪري ويو، هوءَ بہ ڊيپل ڪل ڪلڻ لڳي. ٻانهن کان ڇڪيومانس. چيائين ”ظالم! جڏهن تو کي مون سان محبت بہ هئي، پوءِ باقي مونکي ڇو ٿي جلايئي، تون اشارو ڪرين ها تہ مان اڏامي اچان ها!!“......

مان بہ تنهنجي شمع بڻجي سڀ رنڊڪون ٽوڙي توسان ملان هان!“

”شرير ڪنهن جاءِ جا..... خاموش رهہ ڊڄڻا.....!“ ڪلڻ سواءِ رهي نہ سگهيس ۽ هوءَ بہ خوشيءَ مان ڪلڻ لڳي.

اڳئين ڏينهن طهرن جي ڪانڌ هئي. اوري پري جي مهمانن دوستن ۽ رشتيدارن سان ڪلندي ڳالهائيندي ۽ هِنَ، هن کي پيت وغيره ڪارائيندي پيئاريندي سڄو ڏينهن وهامي ويو، دوستن ۽ عزيزن جي خدمت چاڪريءَ منجهان سج لٿي مس وجي واندو ٿيس، ٿڪجي پيو هوس، سڄي ڏينهن ۾ پيٽ

جي بک بہ ماپي نہ سگھيو هوس. سوچيم پہ گراهہ هٽان، ان ڪري فضل جي گھر جو رخ ڪيم. گھر ۾ اندر سهرن ۽ ڳيچن جي ڏوم متل هئي. ڍُهل ۽ شرنايُن جو سُريلو آواز نوجوان ۽ الھڙ ڇوڪرين جي رم جھم موهي وڌو. الھڙ ڇوڪرين جي وجود جون سپئي مستيون ۽ تيور هنن جي هٿن ۽ پيرن جي اُڇل سان ڏسڻ وارا حيران هئا، وسري ويم تہ هتي ماني کائڻ آيو هوس، کائڻ لاءِ سوچيم ئي پئي تہ ٽڪ ڪري اکيون ڀوتڄڻ لڳيون، گھر اڃي سُمهي پيس. پئي گھر گڏ هئا. گوڙ ۽ شور جي ڪري مٿي ۾ سور پوڻ لڳو. گھران بہ رليون ۽ ويهاڻو ڪڍي پنهنجي ڪوٺي ۾ پٿاري آهلجي پيس تہ ننڊ اچڻ لڳي. اڃا ويرم ئي ٿوري گذري هئي تہ ڪنهن جوان وجود جي خوشبوءِ سان سڄو اندر سراپجي ويو. وجود ۾ سرور واري ڪيفيت طاري ٿي وئي، ڪٽي جو نهاريان تہ صائمہ مٿان چنچل نيٽن سان گھوري بيٺل هئي. ڪنڌ سان ويجهي اچڻ جو اشارو ڪيومانس تہ ويجهو وڌي آئي. سڄي وجود مان سيسراٽيون نڪري ويون، وجود کي ٽامٽي جيان پانيم. ڪنڌ ڪٽي نشيلن نيٽن سان نهاري اصل ڪُهي وڌائين ـ ڇا تہ ادا هئس ۽ ڇا تہ ان جو اثر هو. پرسان آئي هن جي ساهن جو هٻڪار رڳ رڳ ۾ پکڙجي وئي. ڪنڌ مٿي ڪٽي اکيون اکين سان ملائي پهرين محبت جي هڪ ڊگھي چُمي ورتي مانس.

هُن جو حسن جهڙو ڪر پري رهيو هو. گھرن گول لسن ڳلن تان روشني تر ڪندي جهلڪا ڏئي چرڪ پئي ڪڍيا. چيومانس، ”تون تہ ڏاڍي خوبصورت آهين.“ وڏو ٺهڪ ڏنائين. ڪجھہ پلن ڪانپوءِ اکين ۾ شيطانگري تري آيس. هن حسين ۽ پُرمسرت رات جي ڪا يادگار نشاني ڇڏيون.....“ نہ سمجهندي هائو ڪار ڪيم تہ بنا دير اچي سڄي ڳل تي اک جي هيٺان ڪٽي چڪ وڌائين. چڪ ڇا وڌائين اصل ظلم ڪري ڇڏيائين، ساهہ ڀوساڄي ويو. رڙ ڪرڻ کان بچڻ جي لاءِ ڪٽي وات ۾ هٿ وڌم. جڏهن چڪ ڪڍيائين تہ ڳل جو اهو حصو سارو ٺري ويو. ڪجھہ پلن بعد درد جُڪڻ لڳو. چيومانس ”پيلي ظلم ڪري ڇڏيئي......!!“

چيائين،”ڪونہ ظاهر ٿيندئي. اڄ تون بہ ڪا نشاني ڪر“. پر ڳل تي اهو چَڪُ اڄ تائين داغ جي شڪل ۾ آهي، گڏوگڏ خوش بہ آهيان ڇو جو هڪ دلفريب ياد بہ آهي.

سڄي ڳوٺ ۾ مان ۽ ظفر تمام سُٺا دوست ۽ ياَر ڄاتا، ويندا هئاسين. هو ۽ مان ٻئي گهر جي مسئلن راز جهڙين ڳالهين ۽ ٻين معاشرتي مونجهارن جي حل لاءِ هڪ ٻئي کان صلاح وٺندا هئاسين. مونکي مونجهه ۽ مشڪل ان لاءِ پيش آئي، جو ابي ۽ مامي گل محمد جو پاڻ ۾ ناهه نه هو. انهيءَ ڪري ظفر کان صلاح مشورو وٺڻ چاهيم، سوچيم ته پنهنجي چاهت ۽ محبت جي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌايانس، جيئن هو ڪا سٺي صلاح ڏئي. تنهن ڪري سندس گهر ويس پر گهر ٻاهران ننڍڙي ڀيڻس زرينا ٻڌايو ته ادا سوير گهر مان نڪري ويو آهي، واپس گهر آيس.

صائمه وارا ٻين مهمانن جيان موڪلائڻ ۾ هئا. اندر ويس ته صائمه به ڪيڏي لڳي آئي، اکين جا اشارا اثر ڇڏيندا ويا. وڏي وڇي ياَڪر وڏو مانس ٻئي وجود دنيا و فيها کان بي خبر... سوز ۽ سرور واري ڪيفيت ۾ محو هياسين. پيار جو ۽ سڪ جو اهو ڏکهو ياَڪر، ڪنهن جي اچڻ جي ڏپ کان نه چاهيندي به ٽوڙڻو پيو. ڳالهائيندي ڳالهائيندي چاهت ۽ محبت جا واعدا ۽ وچن ورتائين، گڏوگڏ پاڻ به ڪري وئي.

شام جو امڙ کي پنهنجي چاهت، عشق بابت سڀ ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ خوشامد ڪرڻ ۾ لڳي ويس. هوءَ به منهنجي نماڻي ۽ معصوماڻي انداز تي رکو ڪلندي رهي، جهڙو ڪر سڀ ڪجهه سمجهي وئي. امڙ جو سٺو موڊ ڏسي، بنا هٻڪ ۽ جهجهڪ جي حقيقت ڪري ٻڌائي ڇڏيم. امڙ جي دل ۾ به صائمه کي پنهنجي نُنهن بڻائڻ جي خواهش هئي، پر ابي ۽ مامي گل محمد جي وچم ۾ زميني تڪرار جو ضد هجڻ ڪري پنهنجي مجبوري ۽ بيوسي ظاهر ڪيائين

”امان! جيڪڏهن زمين وڪڻڻ وارو گهٽن پئسن تي زمين وڪڻي ٿو ته ان ۾ مامي گل محمد جو ته قصور نه ٿيو نه......“

”پر پٽ پٺهين جو چوڻ آهي ته هُن ٻنيءَ وٺڻ تي چڙهت ڪئي آهي، ان ڪري هُن ساٿس برادري ٽوڙي، ان مسئلي کي پنهنجي عزت ۽ وقار جو مسئلو بڻائي ڇڏيو آهي سو اهو ڪيئن لنگهي هلندو، مامنهن کان سڱ گهرڻ جي لاءِ.....“ مسئلو واقعي مونجهاري وارو هو. ڇو ته ابا ان کي پنهنجي عزت ۽ انا بڻائي وڏو هو!!

ان ڏينهن رات تائين ظفر جو اوسيئڙو ڪيم، پر الائي ڇو گهر نه موٽيو هو. بيچيني ۽ بيقراري ۾ وقت شام جي پاڇن جيان لڳو. انهيءَ حالت ۾ گهر اچي بنا

ڪائڻ ۽ پيئڻ جي سمهي پيس. ڏپ پئي ٿيم تہ ڪٿي ابو وڙهي نہ پئي ۽ ان ڪري چپ چاپ ليٽيو رهيس، صبح جو جاڳيس تہ ابو ڪنهن ڪم سانگي وڃي چُڪو هو. وهنجي سهنجي، ڪپڙا پائي ماني ٽڪر ڪائي گهران نڪري پيس. صائمہ جي تات هئي، دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي وئي، جيڪا حالت اڄ تائين ان کي ياد ڪرڻ سان مون سان لپٽيل آهي. هُئي جي واتان هُن جو نالو ٻڌي، يا هن کي ياد ڪرڻ سان بيچيني ۽ بيقراري دل جي ڌڪ ڌڪ جيان وڌي ويندي آهي. مامي جي گهر وڃي پهتس. سڄي گهر جي ڀاتين تمام گهڻو خلوص ۽ پيار ڏنو. صائمہ جو تہ چهرو خوشيءَ مان ٻهڪي پيو. مامو بہ خوش ٿي پيو ۽ شايد هن جي نظرن ۾ هڪڙو سنو تصور جُڙي پيو. بہ ڏينهن ۽ ٻہ راتيون انهڻ وٽ رهيس. سڄي گهر جي ڀاتين جيءَ ۾ جايون ڏنيون، پيار ڪيو، خلوص ڏنو ۽ صائمہ بہ محبت جي انتها ڪري ڇڏي. ان گهر ۾ پنهنجي لاءِ محبت ۽ عزت خاطر بابي اڳيان باغي بڻجڻ لاءِ سوچيم، نافرماني جا لقب قبولڻ جو عهد ڪري ورتم.

گهر ۾ ابي جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ چوٽيءَ تي پهتل هو. سموري حقيقت امڙ ٻُڌائي. بظاهر تہ امڙ ابي جي ڳالهين جي ۽ فيصلي جي طرفدار پئي لڳي، پر هن جو اندر صاف ۽ شفاف هو، جنهن ۾ پنهنجي لاءِ محبت ۽ شفقت چٽي طرح بکي رهي هئي. ڳالهين دوران ائين بہ لڳو ڄڻ منهنجي خوشين ڪارڻ امڙ بہ هڪ عهد ڪيو هجي.

ظفر سان مليس وڏيءَ خوشيءَ منجهان آڏر ڀاءُ ڪري مليو. هن جي آڏر ڀاءُ ڪرڻ واري ڳالهہ تي، مون ڪان پنهنجو سڄو مسئلو مونجهارو وسري ويو. ٻنهي هٿن سان ڪنن ڪان وٺي ڪڏ تي ويهاري چيائين "ڇا تہ زندگي آهي!" پڇيو مانس "ڪنهن جي؟" وراڻيائين "اڙي يار! پنهنجي، پيو وري ڪنهن جي ٿي سگهي ٿي" پڇيو مانس ڇا ڳالهہ آهي، جو ايترو خوش پيو لڳين؟" ٿوري دير بعد جيڪو ڪجهہ چيائين، جهڙو ڪر قيامت ٽٽي پئي. هن، جي حسن ۽ محبت ڪان وڌيڪ سندس دولت کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ اُها خواهش هئس تہ هن حسين ۽ مهہ جبين سان شادي ڪري پنهنجي زندگي عيش ۽ عشرت ۾ گهاري. صائمہ هن جي سائوٽي سئوٽ هئي ۽ هن ڪيس حاصل ڪرڻ ٿي چاهيو. هڪ دل ٿي چيو تہ هن ظالم سماج جي هڪ ڪردار ظفر جو ڳالهائڻ وارو مُنهن ئي ڀڃي ڇڏيان، جنهن جي وات مان منهنجي زندگي، منهنجي دنيا - منهنجي صائمہ کي حاصل ڪرڻ لاءِ گندا لفظ نڪتا هئا. ظفر ڏي نهاريم هو

انهي خوشيءَ ۾ مست لڳو پيو هو ۽ جهومي رهيو هو. هڪ طرف محبت هئي تہ وري ٻئي طرف دوست جي خوشي ۽ خواهش. ڪيترائي سوال اڀريا، ڪيترائي جواب آيا ويا. آخر سوچيم محبت رڳو حاصلات جو نالو نہ آهي. زندگي جو اصل مزوپين ڪي ڪلائڻ ۽ خوشي ڏيڻ سان آهي. دل ۽ ان ۾ رهندڙ محبت جو پاسو هلڪو ٿي ويو. دوستيءَ جو پاسو ڪٽي ظفر جي لاءِ رستو صاف ڪري ڇڏيم ۽ دل جي لڳيءَ ڪي ڀلائڻ جي ڪوشش جو پهريون قدم کڻي ابتدا شروع ڪيم.

گهر آيس ابي ۽ امڙ جو پاڻ ۾ جهڳڙو لڳو پيو هو. امڙ ابي کي مڃائڻ جي ڪوشش ۾ منهنجي پهرين ۽ آخري خواهش پوري ڪرائڻ ۾ لڳل هئي؟ پر ابو بہ ضد جو پڪو هو، ضد ٻڌي ويٺو رهيو. وچ ۾ مداخلت ڪندي چيم، ”توهان ٻئي نہ وڙهو، مان ان ڇوڪريءَ سان شادي نہ ڪندس ۽ نہ ئي هينئر شادي ڪرڻي اٿم.“ابي جي عزت ۽ انا کي ٿوڻي آئي- امان جو حيرت مان وات پٽجي ويو ۽ منهن جي دل پور پور ٿي پئي. ظفر جي مٿان پنهنجي چاهت جي قرباني ڏئي پڇتايو نہ هيم، خوش هيم تہ ڪنهن جي ڪم آيس، پر دل جي لڳيءَ جي زخم جو علاج ڪا بہ مرهم نہ ڪري سگهي. يادون، هر لمحي ۽ هر وقت زخم کي ڇڇلائيندي رهيون. سارڻ وسارڻ جي ڪوششن ۾ لڙائي هلندي رهي، پر اڪثر يادگيرين جو پاڇو ڳرو ٿي ويندو هو، تان جو ڪجهہ ئي مهينن ۾ زخم، ناسور بڻجڻ شروع ٿي ويو. دل ۾ وسندڙ هن جي هر ياد دماغ تي اثر ڇڏيندي هئي، ۽ مان بيمار ٿي پيس. درد جي شدت ۽ دلي صدمي مون کي حساس بڻائي وڌو هو. اڪثر هن جي يادن ۾ گهاريل گهڙين کي لکڻين جي صورت ۾ ڊائريءَ جي ورقن ۾ قيد ڪري ڇڏيندو هوس. پوءِ جهڙوڪر دل دماغ جو غبار هلڪو ٿيڻ لڳندو هو.

صائمہ کان دور ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم، پر اتفاق سان سامهون اچڻو ٿي پيو. ظفر جي ڀاءُ قمر جي شادي هئي. پنهنجي ڀاءُ سان گڏجي شاديءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آئي هئي، پاڻ کان پري ۽ نتائيندڙ سمجهي ميار ڏنائين ۽ ٽوڪيائين، مان پنهنجي دل جي هر درد کي پنهنجي خواهشن کي دٻائي خاموش رهيس. مون کي ڪاوڙيل سمجهيائين ۽ پيارن ۽ منٿن ٻولن سان پرچائڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وئي. ڳالهائڻ لاءِ حيلا هلايائين. پر مان ڪُڇان جهڙي پيت! محسوس ڪري ڇڏيم تہ هوءَ بہ مون جيان محبت ۾ اڳتي اچي

چُڪي هئي. هاڻي هن جو به پوئتي موٽڻ مشڪل لڳي رهيو هو. سچي ڪانڊ ۾ شريڪ ماڻهو خوشيءَ ۾ مگن هئا ۽ مست هئا، پر نه هن کي آرام هو ۽ نه وري مونکي چين. توڙي جو هن کان دور ٿيڻ جي لاءِ دل نه پئي چاهيو، پوءِ به هن جي اڳيان نه ٿي آيس، هن تنهائيءَ ۾ ملڻ جي لاءِ ماڻهو موڪليا، پر مون انهن کي جواب ڏئي ڇڏيو. چوٿون ماڻهو هئي زهره جيڪا منهنجي پراڻي ديواني ۽ چاهيندڙ هئي. دوستيءَ جي لاءِ اڳلي قرباني جو سوچي ڇڏيم، جيئن ظفر لاءِ رستو صاف ٿي پوي. هٿ ٻڌي عرض ڪيومانس، منهنجو هڪ ڪم ڪر، هن منهنجي مجبوري ۽ بيوسي مان فائدو ورتو هڪ شرط رکيائين جڪيو نه چاهيندي به قبول ڪري ورتم. زهره صائمه کي وجي منهنجا ئي سمجهايل لفظ چيا "اڙي صائمه تون جنهن ديواني لاءِ مري پئين، ان ته نه صرف مون سان عشق ڪيو آهي پر نه چاڻ ته مون جهڙين ڪيترين حسين ڇوڪرين جي جوڀن مان به مزو چکيو آهي". پروگرام جيئن ناهيو ويو هو تهڙوئي ڪيامياب ويو. پنهنجي مٿان الزام ڏياريم، تهمت سر تي کنيم ۽ ان کان علاوه زهره جي شرط جي پورائي جهڙيون هانءُ ڦاڙ قربانيون ڏئي خوش هوس، مطمئن هوس، جو هوءَ مون کان نفرت ۽ ڌڪار اندر ۾ رکي چُڪي هئي ۽ پنهنجي دوست جي لاءِ هيءَ قرباني به ٻين قربانين جيان ڪامياب وئي. ائين ڪرڻ سان مان اندران بلڪل کورو ۽ مفلوج ٿي چڪو هوس. هن ٻيري به پنهنجي بدن جي خواهش کي دٻائي پنهنجي ڏنل قربانين تي سرسري نظر وڌم ته پاڻ کي پهاڙ هيٺان دٻجندي محسوس ڪيم. دل جي مٿان اهڙي ڪيس ۽ قهر تي اڪين روئي ڏنو هو، پر مان ٻاق به ٻاهر نه اُڪلائي هئي ۽ نه وري اهڙي ڪوشش ڪئي. بس صرف لکندو رهيس، اندر جي اڌمن کي کهاڻين جو روپ ڏيندو.

منهنجون کهاڻيون سنڌي ٻوليءَ جي هر نندي توڙي وڏي رسالي ۽ ڊائجسٽ جي صفحن جي زينت بڻجڻ لڳيون. جنهن کان پوءِ شاعري به سرجيم، تان جو جلد ئي ڪجهه مشهور آوازن منهنجي سوز کي ساز سان جوڙي البم جي روپ ۾ پڌر نامو ڏنو. پوءِ اڪثر هر نڪرندڙ ڪيسٽن جي واليم ۾ منهنجو ڪلام هوندو هو.

منهنجي حالت روز بروز بدتر ٿيندي پئي وئي. گهڻي سوچ ويچار ۽ دل جي درد پيڙاءَ ۽ ذهني مونجهاري جو شڪار ٿي پيس. اهڙن مسئلن جو هُجڻ يقيني به هو. مٿي کي ڪمزوريءَ سبب اڪثر ڦيراٽيون اچي وينديون هيون، دل

جي روڳ ۾ ذهني هنگامن جي ڪري اڪثر بيمار رهيس ۽ ڪجهه ڏينهن ٽائفائيڊ جي زد ۾ رهيس. امڙ ۽ ابي کان علاوه دوست ۽ عزيز به منهنجي حالت تي حيران هئا. خود مامي گل محمد جي گهر به منهنجي حال تي ڳڻتي ڏيکاري افسوس ڪيو ويندو هو.

توڙي جو مان صائمه جي سامهون نه ٿيڻ جو عهد ڪيو هو ۽ ڪيترو پاڻ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس، پر اندر جي ڪنهن ڪنڊ مان صائمه جو ديدار ڪرڻ لاءِ خواهش ۽ آس ڪر ڪٽي اڀرندي هئي. ان جي پورائي لاءِ اڪثر شهر ويندو هوس. تازو جڏهن شهر ويس سواءِ صائمه جي رسمي هٿ ڏيڻ جي، ڀين سپني منهنجي شاعري جي تعريف ڪئي، اُتي ويٺي صائمه جي ٻي رُخي تي ويچاريم ئي پئي ته پاڻس زبير صائمه جي سهڻي ڊائري آڏي اڳيان رکي چيو ته، ”هن تي پنهنجي شاعري لکي ڏيو ادا“ چيم، ”ياد ڪونهي“ چيائين پئي ڪنهن جي ئي ڪٽي لکي ڏيو، مون کي وقتائتو ۽ ڪُهي وجهندڙ شعر ياد اچي ويو.

ورِي، نه در تي اچئون پر سجڻ سري ئي نه ٿي.
اوهان جي ٻي رُخي دل تي اثر ڪري ئي نه ٿي.

هن شيطان جي پيءُ هجڻ جي انتها ڪئي. ڊائري ڪٽي سڌو پيڻ کي ڏيکاريائين. صائمه جي مُنهن مان شعلا ٿي نڪتا. محسوس ڪيم ته وڙهي پئي ها، جي گهر جا ڀيا ڀاتي گهر ۾ موجود نه هجن ها! واپس آيس ته ٽائفائيڊ جو ٻيهر حملو ٿيو. پندرنهن ڏينهن تائين بستري تي داخل ٿيس. ظفر ملڻ آيو چيائين رياض توکي ياد هوندو ته مون کان ته صائمه ننڍي هوندي کان ئي ڏڪار رکندي آهي. توکي اهو به ياد هوندو ته هڪ ڀيري هن جي اسڪول ويو هوس. اتي سڏيون ٻڌائڻ ڪانپوءِ گهر اچي ڏاڍي جُٽ ڪئي هئائين. مان سمجهيو هو ته هن پراڻا خيال (ڏڪار ۽ نفرت) ڪڏي ڇڏيا هوندا، پر اڄ به ساڳئي طرح مون کان ڏڪار ۽ نفرت ڪري ٿي. خير! وري پئي جڳهه تي جڳاڙ ٿي ويندو. هيءُ شڪار ويو ته ڇا ٿيو؟“ سڄو ٻري ويس. ڪاوڙ مان هڪ تيز ٿڦ وهائي ڪڍيمانس ۽ پوءِ سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو مانس ته، ”ظالم جيڪڏهن تنهنجي رڳو دولت حاصل ڪرڻ جي خواهش هئي ته کُلي ٻڌائين هان مان ته پنهنجي محبت ۽ صائمه جي جذبن ۽ اميدن کي قربان نه ڪريان ها. ظالم تو ٻن دلين جي مٿان ظلم ڪري ڇڏيو“...... هو روئي پيو، پيرن تي ڪرندي چيائين ”رياض تون عظيم آهين....

تون عظيم آهين“. ڪيتري دير تائين ٻئي روئيندا رهياسين. پوءِ ڳلي لڳايومانس.

ٻئي ڏينهن هڪ چٺي آٽي ڏنائين لکيل هو!

”پيارا رياض اميد ته خوش و خرم هوندين آمين

تنهنجي دوستيءَ مٿان محبت جي قرباني ڏاڍو پسند آئي، تنهنجي انهيءَ قربانين جي ڪنيل قدمن جو اندازو ته لڳائي سگهان ٿي، پر انهي قربانين جي پويان لڪل درد جو اندازو مون کان مٿي آهي. مان خوش آهيان جو منهنجا توتي مڙهيل الزام بي بنياد آهن. منهنجي چونڊ ۾ چاهت سچي نڪتي. خير! منهنجا والدين منهنجي لاءِ ساجد جو انتخاب ڪري چڪا آهن. انهن جي خوشين خاطر آئون به خوش آهيان باقي جيتري قدر پيار جي ڳالهه آهي، سو عورت پنهنجي زندگيءَ ۾ جنهن ڪي به هڪ ڀيرو چاهيندي آهي آخري پساهن تائين اُن جي دل اندر اهو ئي مرد وسيل هوندو آهي. پيارا پيار ڪانپوءِ ضروري ناهي ته ميلاپ به ٿئي ميلاپ کان پوءِ پيار ناهي بچندو، تون زندگي جي سماجي ڪارج ۾ لڳي وڃ ۽ خوش رهڻ سکي وٺُ!

فقط تنهنجي پنهنجي

صائمه

***

# مجبور

**سهڻي** ۽ من موهڻي صورت ۽ خوش اخلاقيءَ جو هڪ لاجواب مجسمو هئي زرينا، سهڻو سڊول جسم، ڪارا وار چيلهه تائين لٽڪندڙ، جهڙوڪر ڏنگيندڙ هئا، نانگن جيان! پوريون ناسي اکڙيون ڪڻي جڏهن ناز سان نهاريندي هئي تہ ڏسندڙن جون دليون ڦاٽي ڦاڪون ٿي پونديون هيون. شڪارپور شهر جي مشهور واپاري سچل خان جي ڌيءُ هئي. زرينا، والدين جي لاڏلي اڪين جو تارو، پئي اولاد ڪان وڌيڪ پياري.....

ننڍي هوندي ڪان وٺي سندس هر خواهش ۽ ضد جلديءَ ۾ پورو ڪيو ويندو هو، پر زرينا جڏهن مئٽرڪ پاس ڪئي تہ وڏي ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي ويو سچل خان، زرينا ڪاليج ۾ پڙهڻ جو شوق ڏيکاري ضد ڪيو. هوڏانهن وري سچل خان کي سندس پيائرن سڌو سنئون روڪيو هو نياڻيءَ کي پڙهائڻ ڪان، ۽ اعتراض واريو هئائون. سچل خان گهبرائجي ويو هو، پريشان ٿي ويو هو تہ هو ڇا ڪري ۽ ڇا نہ ڪري؟ منجهي پيو هو۔ هُڪ طرف ڌيءُ جو شوق ۽ ضد، علم وارو، جيڪو جنون جي حد تائين پهتل هو ۽ ٻي طرف پيائرن جون روايت پسند سوچون ڳوٺ واري زمين جو تہ ڪيس پئہ نہ هو تہ ڪا پيائر سندس زمين نہ ڏيندا، ڊپ ان ڳالهہ جو هو تہ پيائر برادري ۽ رشتيدار منهن نہ مٽي وجن. ٻن تڪليفن ۾ گهاري رهيو هو. پيائرن ڏي لنگهي ويو. نياڻيءَ جي شوق خاطر وس ڪيائين، حيلا هلايائين، پر ڪجهہ نہ وريو. مجبور ٿي پيو هو، پيائرن ڪان منهن موڙي ڌيءُ کي پڙهائڻ جو فيصلو ڪيائين.

والد جي فيصلي ڪانپوءِ تہ زرينا جا رنگ ۽ ڍنگ ئي بدلجي ويا هئا. هن جي سوچن ۽ جذبن ۾ نوان رخ آيا هئا. سهيلين سان ڪچهري ڪندي ۽ بحث ڪندي ٿڪبي نہ هئي، هو ڏانهن وري جوانيءَ دل جي پاسي ڪان وچي پهتي هئي، بسنت بهار ۾. ڪاليج ايندي ويندي چاچي رفيق جي ٽانگي تي ڏسندي هئي، رستن تي ورن وڪڙن ۽ ڪاليج واري چوڪ تي پيڙ ۽ رش،

رؤنشيبازن ۽ شودن ڇوڪرن جي! جيڪي اڇا اڇا ڪپڙا پائي قميصن آڏو رکندا هئا ساوا ۽ ڳاڙها نوٽ_ مختلف حرڪتون ڪري هر وقت پوز هڻندا هئا، پاڻ وٽائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. انهيءَ ڳالهه تي زرينا کي نه رڳو ڇُڇان وٺندي هئي، پر اچرج ۽ حيرت به ٿيندي هئي. آخر سڀئي مرد ائين ڇو ٿا عورتن کي گُهوري ۽ کائڻ وارين نظرن سان ڏسن؟ چاچي رفيق ٻُڌايو هئس اهي خونخوار نظرن وارا مرد ڀُلائي ٿا ويهن ته هنن جون به ڪي ڀينر آهن، ڀائيٽيون آهن ۽ سؤٽيون ۽ ماساتيون به آهن جيڪي به ڪنهن مجبوريءَ کان يا خريدو فروخت لاءِ نڪرنديون آهن، گهٽين ۾ يا بازارن ۾! جيڪڏهن اها پرک هميشه هو پاڻ سان، پنهنجي سوچ سان ساڻ رکن ته جيڪر اهڙا واقعا ئي ڪو نه ٿين. پر ڪاليج جي زولاجي ڊپارٽمينٽ جي مسزعنايت عليءَ مطابق ته ”هر مرد ۽ عورت هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم ٿيندا آهن، جنهن ڪري ٻنهي جنسن وچ ۾ ڪشش يا حوس حائل رهندي آهي ۽ ان کان علاوه اهو به واضح ڪيائين ته عورت ۾ چاليهه ڀيرا وڌيڪ ڪشش يا ڇڪ هوندي آهي، هڪ مرد جي بنسبت! عورتون تنهن هوندي به روڪن ٿيون پنهنجن جذبن کي ۽ اُڏمن کي! جنهن کان مرد ويچارا بيوس هوندا آهن.“ طنز ڪندي چوندي هئي. زرينا اڪثر انهيءَ واقعن تي سوچيندي نڪري ويندي هئي پري، پوءِ هر مرد لاءِ هن جي تن ۽ من ۾ نفرت پيدا ٿيندي هُئي. نفرت ۽ ڌڪار، بدظن ٿي پوندي هئي، ڪاليج وڃڻ کان پر مجبوري هئس، هن کي علم پرائڻ جو شوق هو، بس پوءِ اندر ئي اندر زهر جا ڪڙا ڍُڪ پي خاموش ٿي ويندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ڪاوڙ مان انهن اهڙن مردن کي دل جو دل ۾ گاريون ڏئي سور ماريندي هئي.

حُسنِ اتفاق سان هڪ اهڙي ئي مرد (ڇوڪري) لاءِ هن جي دل ميڻ بنجي وئي، جيڪو پڻ ٻين جيان هن کي گُهوري رهيو هو. پر هُن ان جي نظر کي بُرو محسوس نه ڪيو هو ۽ نه وري نظر آئي هئس حوس، هن جي گُهورڻ ۾! خوبصورت شڪل جو سهڻو ۽ سيبتو جوان، اڇاتال هو ۽ پرديسي هو. جنهن جي هڪ ئي گُهور ڪُهي وڌو هئس ۽ تن من ۾ آنڌمانڌ جا طوفان ڏئي هليو ويو هئس. ڪير هو؟ ڪٿان جو هو؟ هن کي خبر ئي نه پئي ۽ نه وري ڪو پتو ان نوجوان کي وسارڻ ۽ ذهن تان لاهڻ چاهيائين پر ڪجهه نه ڪري سگهي ۽ اجا به هن جي پريم ۾ جڪڙجي وئي. نوجوان جي نشيلن نيڻن ۽ اندازن ايڏا ته هوش ڇڏايس جو علم وارو جنون ختم ٿي ويس، وسري ويس کائڻ پيئڻ، ڪجهه

ڏنگ سان پائڻ ۽ ان کان به وڌيڪ معاشري ۾ مردن لاءِ نفرت ڏکار ختم ٿي وئي هئس. مسزعنايت عليءَ جو مؤقف سچو لڳس ته ”مرد ۽ عورت هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم هوندا آهن.“

سچو گهر پريشان ۽ سهيليون حيران، ڇوڪريءَ کي اوچتو ڇا ٿيو؟ کهڙو واءُ گهليو جيڪو اُڏاري ويو هن جي باغي سوچن ۽ چلولائين کي! زرينا هرهڪ سوالي نظر آڏو خاموش ته هئي، پر ان خاموشيءَ ۾ به ديدار محبوب سندس ذهن جي اسڪرين تي هلندو رهندو هو. سچل خان حيلا هلايا پر ان جي ڊپريشن ختم نه ٿي سگهي. ڏيءَ جي طبيعت متاثڻ خاطر آبهوا جي لاءِ ڳوٺ جو خيال آيس ۽ پوءِ سڀ ڳالهيون ڀلائي رکيائين رخ ڳوٺ جو، جتي پنهنجا هئس، رت هئس.

هوءَ ڳوٺ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي هئي، جتي هوءَ ٽن سالن ڪانپوءِ وڃي رهي هئي، اتي مسڪين ماروئڙن ۽ پورهيتن جا ڪچا گهر ۽ جايون به هيون اتي امن هئو، شانتي هئي ۽ ميٺ محبت هئي. پر وري چاچن وارين ڳالهين کيس غمگين ڪري ڇڏيو هو. سڀ غمگينيون دل ۾ رکي هوءِ پيءُ سان گڏ ڳوٺ جي راهي ٿي پئي، هن کي خبر ئي نه رهي ته ڪو سندس خوابن جو شهزادو، هنن جي گاڏيءَ کان پوئتي موٽر سائيڪل تي ڪراس ڪري ويو. خير سان هي ڳوٺ پهتا، شهرين تڏي تي لنگهي اچي پيائرن کي پاءُ ڪيو هو ۽ پنهنجو ڪيو هو، پراڻي تلخ ڳالهين کي ڀلايو هو ۽ ڀلائين به ڇو نه ها ڇو ته سچل خان جو وڏو ڀاءُ بچل خان ته وري تصور ۾ ئي زرينا ۽ پنهنجي پٽ سعيد کي ڏسي ورتو هو ڪنوار ۽ گهوٽ جي روپ ۾! جيڪو جوان پاڻ به دل هارائي ويٺو هو زرينا جي خوبصورتيءَ تي ۽ هن سادگيءَ تي... زرينا پاڻ به محسوس ڪيو هو هن جورويو ۽ ڳالهه ٻولهه پر هوءَ ته مجبور هئي، ڇو ته هوءَ پاڻ ڪنهن جي پريم ۾ قاتل هئي.

مٽرن جون ڦريون ڦٽينديون ڦٽينديون هڪ آواز ٻڌائين جيڪو نه رڳو سُريلو هو پر ڪافي ڪشش وارو به هو.

”اڄ ته آهيون وروڻهن ڪر مونسان، مان سپاٽي مٽان هجان نه هجان!“

زرينا آواز طرف متوجهه ٿي، ٻيون سهيليون به ان طرف ئي گُهوري رهيون هيون. هڪڙيءَ سهيليءَ چيو” آيو آٿوَ مجنون! پوءِ به الائي ڇو وٺ ئي نه ٿو ڏي! ٻيءَ چيو، ”غرور آهي جاني!...... غرور جيڪو ازل کان ٿيندو آهي حسن کي ۽ اميريءَ کي!“ هن ڏسي ورتو هو اهو مغرور جوان، جيڪو سڃاتائين.

دل کي کوڙڪيءَ ۾ پاتائين ۽ پاڻ کان بي قابو سمجهيائين. اهو ئي تہ اڻجاڻ هو، جيڪو هن جو چين ڦري ويو هو، چين ۽ سڪون باهہ ڏني هيائين! هوءَ گُهورينديءَ رهجي وئي هئي، اهي واڻون جنهن کان جوان اوجهل ٿي ويو هو.”پيڻ زرينا! اهو سوفراز اٿئي! ٻن سالن کان هتي اچي لڏي ويا آهن. باقي سندن ڪجهہ عزيز ڏوڪريءَ جي پاسي اڃان تائين آباد آهن. ڪافي دولت وارا ۽ امير آهن. هڪڙي ڳالهہ ضرور ٻُڌايانءِ تہ الائي ڪيترين ڇوڪرين جي دلين تي ڏاڙو هڻي، هنن کان سڪون ۽ چين ڪسيو آهي ۽ پاڻ وائکو گهمندو ٿو وتي“.

”صرف اهي درديلا ٻول ڇوڙ! هجنس ۽ پرايون دليون جلائڻيون هجنس.“

زرينا هر ڳالهہ کان بي خبر ۽ بي نياز هئي. هن تہ پنهنجي ننڍ ڪسڻ واري کي سڃاتو هو، جهڙوڪر پاتو هو. هن کي تہ قدرت واري جي ان ڪرشمي تي يقين نہ ٿي آيو تہ، هو ڪو هن جي ايترو ويجهو ۽ ڳوناٽو بہ نڪرندو.

پنهنجي محبت کي ويجهو ڏسي هوءَ مجبور ٿي پئي، لنگهي اچي سرفراز جي دل جو در کڙڪايائين. هن بہ مهمان نواز ٿي آدر ڀاءُ ڪيس ۽ پنهنجي دل جا سمورا در دريون کولي ڇڏيون. ڪجهہ ملاقاتن ۾ برهہ جون باتيون ڪيائون. ڪافي واعدا ۽ وچن ڪيائون، درديلن ٻولن لاءِ پڇيائين. سرفراز چيو تہ”شاعر حقيقت چئي آهي جيڪي بہ ڳالهيون ۽ ڪچهريون ڪرڻيون اٿوَ تہ ڪري وٺو نہ تہ سڀاڻي توهان هليا ويندؤ ۽ توهان کي هليو ئي وڃڻو آهي.“

هڪ طرف محبت جو ٻوٽو پروان چڙهي چڪو هو تہ ٻئي طرف سعيد اظهار عشق ڪيو تہ هن کي انڪار کان علاوه ڪافي بڇڙو بہ ٽيڻو پيو هو. هن هڪڙو عهد ڪيو جنهن ۾ ڦيرين وار هن پنهنجي پيءُ کي زرينا جي سڱ لاءِ سڇل خان ڏي موڪليو. ڀائرن جو ڳنڍيجڻ سنو سنؤڻ هو پر شهري ماحول جي تقاضا ڳڻيندي، سڇل خان چيو تہ”ڀاءُ اڄوڪي دؤر جي ڪجهہ تقاضا آهي تہ زندگين جي فيصلن ۾ انهن گهارڻ وارن سان بہ صلاح مشورو لازمي آهي، سو مان ان بابت ٿورو زرينا کان بہ پڇڻ گهرندس.“ ڀاءُ کي ٿاري ڇڏيائين، پر گهر ايندي سڇل خان سعيد جي رشتي جو اظهار اشاري طور ڪري ڇڏيو، سواءِ زرينا جي سڀني جواب ۾ هائو ڪار ۽ راضپو ڏيکاريو. زرينا جي سوچ تہ”مون

ڪي شادي ڪرڻي نہ آهي، شادي ڪري هينئر ئي قيد ۾ گهارڻ مون ڪي پسند نہ آهي. آئون آزاد رهڻ چاهيان ٿي، سو براءِ مهرباني شاديءَ جي ڳالهہ نہ ڪوليندا ڪريو.“ اڳئين ڏينهن وري سرفراز جي لاءِ سندس پيءُ قربان جڏهن سڱ جي لاءِ آيو تہ زرينا پهڪي رهي هئي. سرفراز جو اخلاق تہ سچل خان کي ڪافي وڻيو هو، پر پوءِ بہ سندس سوچ مطابق سعيد جو پاسو ڳرو هو ڇو جو هو سندس پيائٽيو هو. گهر ۾ وري سرفراز جو ذڪر نڪتو تہ زرينا ڪنڌ جهڪائي خاموشيءَ سا ديپل مرڪ مرڪندي رهي. سچل خان ويچار ۾ پئجي ويو ۽ سڄي گهر وارن جون اکيون حيرت کان کُلي ويون. ڳالهہ جي پروڙ لاءِ هو ڳوٺ تائين پهتو، ڪوڙ سارين سر گوشيون سندس ڪن ڪائي ويون، باقي ڪم ۽ پيو وار سعيد ڪيو. ڳالهہ اينگهائي چڙيائين، شفقت ۽ محبت جو ميٺ جيان سچل خان ڏيءُ لاءِ رُڪ کان مضبوط ٻڌجي بيٺو. پيءُ کي راضي ڪيائين. اڳئين ڏينهن مڱڻيءَ جي مٺائي ۽ ڪپڙو سعيد جي پاران شادماني جي انتظامن سان در کڙڪايو. هڪ طرف خوشيون ۽ شادمانا هئا تہ ٻئي طرف حيرت جي درياءَ ۾ بي يقينيءَ جي ٻيڙيءَ ۾ ويٺل زرينا، جنهن کي پيءُ جي ان تڪڙي قدم تي يقين ئي نہ ٿي آيو. هن جي تن ۽ من مان پيءُ لاءِ عزت ۽ وقار جو ديوتا جيڏو بُت واريءَ جي ديوار جيان ڀڄندو رهيو ۽ نيٺ زبون ٿي ويو ۽ هوءَ خاموش گونگا ڳوڙها ڳاڙيندي رهي. اوچتي ۽ تڪڙي فيصلي هن جي ذهن کي ڦيراٽيون ۽ گهوماٽيون ڪارائي ڇڏيون، ڇو تہ چاهت جي پروان چڙهي ويندڙ گل کي روايت پسنديءَ جي هٿان مروڙيو ويو هو، ٽوڙيو ويو هو. هنن جي خوابن ۽ حسرتن کي ڪنهن شيشي جيان... زرينا سان حالت بہ هئي، پر سرفراز پاڻ کي اندران ڳرندو پائيندو رهيو هو. درد جي شدت وقت سان وڌندي رهي. ڪجهہ سوال ۽ ميارون ساڻ ڪري پهتو زرينا وٽ، جتي نہ رڳو زرينا جي بيوسيءَ کي پر ڪيائين، پر چاهت جو ڪُليو امتحان بہ ڏسي ورتائين. هن ليلائڻ چاهيو، محبت جي لاءِ پنڻ چاهيو پر جلدئي ساهہ رڪجندو محسوس ڪيائين. سچل خان هن کي نہ رڳو روڪيو هو پر ڪچين گارين سان بہ نوازيو هو. هن تہ ڪڏهن بہ سوچيو نہ هو تہ سچل خان ايڏو اڳتي نڪري سگهي ٿو. درد جي شدت کان علاوه سچل خان جي ڪريل حرڪت ڪري سوچيندي، سوچيندي سرفراز جي اندر درد روڳ ٻڌجڻ شروع ڪيو هو. هو هڪ جواريءَ جيان آخري داءُ بہ هارائي چُڪو هو. هن جي اميدن ۽ ارمانن جو قتل ڪيو ويو هو. هن جو جيئڻ وِهہ ٿي ويو هو. زندگي بار پائيائين.

خود ڪشي ڪري زندگيءَ کان جان ڇڏائڻ چاهيائين پر هڪ پڙهيل ڳڙهيل باشعور ڇوڪري کان اها ڳالهه ڇڙهيل هئي، ڇو جو مذهب جي لحاظ کان به خود ڪشي حرام آهي.

جدائي ۽ درد دل کان ذهني ۽ اندروني طور ختم ٿيندو رهيو. سوچي سوچي ساڻو ٿي پوندو هو. گهروارا هن جي حالت تي پريشان هوندي به هن کي سمجهائيندا همٿائيندا هئا پر ڪجهه نه ورندو هو. ڪجهه ڏينهن اندر اميدن جي ڪرڻي اندر ۾ جهلڪو ڏنو. زرينا پنهنجي قيد واري حالت تي ماءُ کي ليلايو ۽ ستم ظريفين تي روئي ڏنو. ماءُ جي دل پٽر هوندي به ميڻ بڻجي پئي ۽ پنهنجي وس آهر ڌيءُ جي مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيائين، پوءِ ته اهو ڪجهه ٿي ويو جنهن تي خوني تڪرار ٿي ويندا آهن، ڪيترائي خاندان ڪَسي ويندا آهن. سرفراز ۽ زرينا ڪورٽ تي وڃي پهتا، ڪورٽ سڀوريءَ سندن جائز قانوني ۽ اصولي مدد ته ڪئي پر هيءُ فيصلو ڏنائين ته نڪاح ڪريو پر رخصتي زرينا جي عمر جي لحاظ کان پنج مهينا دير ٿيندي ڇو ته زرينا جي عمر اڃان 18 سال نه ٿي هئي، سچل خان ۽ بچل خان ڪجهه ڪن ها! پر سرفراز وارن جو هڪ عزيز وڏي عهدي تي پوليس آفيسر هو، جنهن ڪري هو ڊپ کان جوابي ڪاروائي نه ڪري سگهيا. سچل خان هارائجي ويو هو، هن کي هارائڻو ئي هيو حق جي ڳالهه کان وڌيڪ ڪجهه نه ڪري سگهيو پر سڄي حياتي پنهنجي گهر جو در هميشه جي لاءِ ڌيءُ لاءِ بند ڪري ڇڏيائين.

مجبوريءَ کان ڪنيل قدم (اُپوريءَ) ڪٽنڊڙ زرينا گهڻو ڪجهه وڃائيندي به ڏاڍو خوش هئي. هن کي پنهنجو حق ملي ويو هو. هن جي جذبن ۽ احساسن کي مان ملي چُڪو هو. سرفراز ۽ زرينا خوش هئا، ڇو ته هنن جي آرزوئن ۽ امنگن کي ٽوڙڻ وارن جي مات ٿي هئي. اها خوشي جهڙوڪر سرفراز کي راس نه آئي هئي. هو اڪثر بيمار رهڻ لڳو. هن کي علاج لاءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ جي اسپتالن ۾ ڏيکاريو ويو، پر هر ڊاڪٽر هن جي بيماري کي سمجهي نه سگهيو ۽ چيائون ته اسان کي بيماريءَ جي خبر نه ٿي پوي. سڄي گهر جي فردن ۽ ڳوٺ جي همدردن جا هٿ بارگاهه خدا تعاليٰ طرف هر وقت هوندا هئا شڪل و صورت ۾ ته هو بلڪل تندرست هو پر اندران ختم ٿي چُڪو هو. ماضيءَ جي اوچن صدمن ۽ ڏکن ڪيس ساڙي ڇڏيو هو. زرينا به ان ڏينهن کان سرفراز جي بيماريءَ جو سبب پاڻ کي. سمجهندي هئي. ذهن تي سدائين بار هئس، ڇو ته

ڳالهين ڳالهين ۾ اشاري طور هڪ زائفان اها ڳالهه چئي هئي تہ ميلاپ ۾ جدائي جي مرحلن هن کي ڳاريو آهي، جيڪا زرينا جي ڪري ئي ٿي آهي، هوءَ ان ڏينهن ڏاڍو رُني هئي. سرفراز سان ڳالهه ڪيائين تہ هن ڪيس دلداري ڏني هئي ۽ انهن ڳالهين تي ڌيان نہ ڪرڻ جو چيو هيائينس. ماڻهن جي چوڻ تي پيرن ۽ فقيرن جي درگاهن تي نيازيون ۾ ڪوڙ ساريون باسون باسيائون، ڪجهہ چاڙهو نہ ٿيو. خدا جي گهر آڏو خير خيراتون ڪيائون، نظر نيازنگر ڏنائون پر ڪو فرق نہ پيو. پنهي پريمين جو جلد لايو سجايو ڪرڻ لاءِ تاريخ طئي ڪئي وئي، تاريخ ويجهو ايندي، خوشيون ٻهڪي اٿيون هيون. جذبن ۾ ڪوشش جو پورائو ٿيڻ وارو هو، پر وري قدرت جو چرخو ڦري ويو. خوشيون ۾ مسرتون ڳوڙها ٻڻجي اکين مان وهڻ لڳيون. زرينا سوير کان آس لڳايون ويٺي هر هر نگاهون ڪٽي ان ڪچن رستن طرف ٿي نهاريو، جتان گاڏيءَ کي اچڻو هو. گاڏي ڏسندي ئي سندس من جهومي اٿيو. سرفراز جي استقبال لاءِ پاڻ سينگارڻ چاهيائين تہ ڪنن تي روئڻ جو آواز پڏائين، ڪڇندڙ پير رڪجي ويس، جهڙوڪر زنجير لڳي ويا هجنس. روچ جو آواز گاڏيءَ جي آواز سان وڌندو رهيو، هوءَ پٿر ٻڻجي چڪي هئي. هن جي ڇهين حس خطري جو الارم وڄائڻ شروع ڪيو، پوءِ ٿيو بہ ائين جيئن هن جي اندر ۾ انديشو اچي ويٺو هو. ڪجهہ پلن ڪانپوءِ سرفراز جو مرڪندڙ ۽ مهڪندڙ وجود لاش جي صورت ۾ اڳڻ تي هو. زرينا هن جي مٿان آئي ۽ آلين اکين سان هن جي پيشاني تي هڪ ڊگهي چُمي ڏنائين. هن جي ذهن ۾ ماضيءَ جا پل ۽ واقعا واچوڙو ٻڻجي ڦرڻ لڳا. هن جا سڀ رستا ۾ گس بند ٿي چُڪا هئا هن پنهنجي ٻانهنِ ۾ پِيل چوڙيون ڀڃي ڀور ڀور ڪري چڏيون ۽ چپن تي لڳل سُرخي بہ مٽائين ڇڏيائين، درد هُن جي دل ۾ ڪنهن پکيءَ وانگر آکيرا ٺاهڻ لڳو، هُن جو ساهہ منجهڻ لڳو، سرفراز سان گڏ جيئڻ ۽ گڏ مرڻ جا واعدا ياد اچڻ لڳس تہ رڙيون ڪرڻ لڳي، ”نہ نہ... ائين نہ ٿيندو، مان توکان سواءِ نہ جيئندس“، هوءَ چپن ئي چپن ۾ ٻُڌڪي ۽ واعدو نڀائڻ خاطر اندر ڪمري ۾ وئي ۽ ريوالور جي ساندهہ فائرن سان پاڻ کي ختم ڪري وڃي سرفراز سان ملي.

***

# سجني

**چنيءَ** جو نالو تہ سائره هيس، پر پنهنجا گھر ڀاتي، اوڙي پاڙي وارا سَني ڪري سڏيندا هيس، مان اڪيلو هيس، جيڪو وري سائره ڪي سَني نہ پر سجني ڪري سڏيندو هيس. ننڍپڻ کان جواني رَسندي سجنيءَ جي سهڻي نازن نخرن کان متاثر ٿي، پاڻُ هاري ويٺس، ۽ وساري ويٺس ڏينهن جو چين، رات جو سڪون، لمحن جو قرار!! اٿندي بہ سجني تہ ويهندي بہ سجني. گھمندي، ڦرندي، کائيندي، پيئندي، ڏک ۾، سک ۾ ۽ ساهہ پساهہ ۾ صرف سجني! دل جي ڌڙڪن سجني! ڏينهن سجني، رات سجني، هفتا ۽ مهينا سجني. سجنيءَ جو سمورو عڪس فلم جيئن سامهون، گول گول لَسا ۽ ميرا ڳل، گلاب جي گل جي پنکڙين جيئن لال چپ. وشال آسمان مٿان جھرمِري ستارن جھڙا ڏند، پورا ناسي وار، چيلهہ جو چوٽو، قد بت وچولو ۽ ناهوڪو، صفا من موهيندڙ! لوڏ هرٽيءَ جھڙي، اکيون، وڏيون، سُرمائي ۽ ڪجليدار اکيون، جنهن طرف اُٿن، اصل ڪُهي، ڍير ڪري ڇڏين، ان کان علاوه سجني ڳالهائي تہ ڇَڙو۔ اسڪول جو گِهنڊُ هئي، گهنڊ!

پنهنجي سجي گھر جي سهڻي سانورن ڀاتين ۾ پوري رنگت رکندڙ، سجني! لاڏ ڪوڏ سان پلجڻ، نپجڻ ڪري، ڪِلمُڪ وات ڪُلي ۽ چنچل بڻجي پئي هئي، خوبصورتيءَ تي فخر هيس تہ غرور بہ! بهرحال سڀ حقيقتون سامهون هيون، لاڏلي بہ هئي تہ حسين و جميل بہ، قدرت واري وڏي فرصت ۾ ناهيو هوس، هوءَ بہ سجني هئي تہ مان پيي ساجن هيس، گھر ڀاتين، سنگتين، ساٿين، اوڙي پاڙي وارن، ننڊين، وڏن سان ڪُلي ڳالهائڻ وارو، پر پوءِ بہ الائي ڇو هن جي آڏو هوش، حواس خطا ٿي ويندا هئا، سڀ عقل ڦرجي ويندو هيو، اڻ ڄاڻ، سادو، سودو ۽ ڪورو بڻجي ويندو هوس. سٺي روانيءَ ۾ حوالن سان ڳالهائڻ، ٻولهائڻ وارو، هن جي عام جملن ۽ سوالن جوابن ۾ مُنجهي، ڊڄي، هٻڪي ۽ ڳيتون

ڏيندي رهجي ويندو هوس. هن جي حرڪتن ڪان ڪن هٽندو هوس. چوان ”خدا ڪري سجني سامهون وري نہ اچي“ ۽ هوءَ ٻري وچي تہ وري، پنهنجي سوچ، پنهنجي خيال يا پنهنجي چوڻ تي چڙ ۽ ڪاوڙ اچيو وڃي، پوءِ پريشاني يا اُڻ تڻ وري تڏهن ٿئي، جڏهن سامهون اچي، ديدار ٿي تہ سڪ لهيو وڃي. اهڙو جذبو ۽ احساس، پيار جي سپني رنگن سان من مندر ۾ واسجي چڪو هو.

پنهنجي هڪ طرفي اُجايل، سڪايل ۽ ڏڪايل چاهت کي رنگين ۽ زندگيءَ کي حسين بنائڻ لاءِ، سجنيءَ سان اظهار جي ضرورت هئي. ٻڇندي، ٻڇندي همت ۽ حوصلو جوڙيندي، ٽوڙيندي، زبان جي اشارن ۽ مختلف نمونن ۽ حُربن سان اڳتي وڌڻ چاهيندي بہ خاموش هيس ۽ پوئتي هيس. ڪڏهن ڪڏهن هن جي رويي، ناز ۽ انداز مان شڪ اندر ۾ ويهجي ويندو هو تہ هڪ دل، هڪ لمحي هن سان ڪلي عام اظهار ڪرڻ جو پروگرام جوڙي وٺندي هئي، پر ٻي دل ٻي لمحي ڀاڙي ٿي پوندي هئي. مطلب پل ۾ سير تہ پل ۾ ماسو. رُسي وڃڻ ۾ دير نہ ڪري، پوءِ چند لمحن گذرندي، اڳرائيءَ تي معافي وٺيو پرچائي وجهندي هئي، سٺو ڳالهائي تہ موهي، مَٺو ڳالهائي تہ ڏڪائي ۽ تڙپائي. ڪِلي تہ خوب وٽي، ڪَرڙي يا اک ٽيٽ ڪري تہ هيسجي وڃڻ ڪان رهي نہ سگهان.

تنهن ڏينهن گهر آئي، صفا چپ ۽ صفا خاموش، ڪجهہ لمحن ڪانپوءِ پڇيومانس ”سجني! ڇا ڳالهہ آهي... خير تہ آهي... ڪوئي مسئلو آهي ڇا.......؟؟؟“ ڪونہ ڏسيائين. ڪجهہ نہ اُڪليائين. مان بہ چپ رهڻ مناسب سمجهيو، چپ ئي رهيس. ڪمري ۾ مسلسل سانت رهي تہ ڪن پل ڪانپوءِ پاڻ ئي ڳالهائڻ شروع ٿي وئي. هي آنڊ، هو پنڊ، هيءَ ڳالهہ، هوءَ ٻولهہ، هِتان ڪان هُتي، سمجهي نہ سگهيس تہ هوءَ بلا ڪهڙي آهي؟ ڳالهائيندي رهي، پوري پاڙي جا حال احوال، هيڏانهن، هوڏانهن جون خبرون چارون، ملڻ، ٽٽڻ جون ڳالهيون. وفا، جفا جون وارتائون، زال مڙس جا مسئلا، ماءُ، ڌيءَ جو جهڳڙو، پيءُ پٽ جو فساد، سڀ ڪجهہ سُڻائي، نيساهي ٿي تہ خودبخود چپ ٿي وئي. مونکي چپ ڏسي شروع ٿي وئي تپائڻ، نئون رنگ، نئون نمونو سامهون آيس، کلڻ لڳي، کلندي، کلندي کيري ٿي پئي ۽ نيٺ ڪمري مان نڪري وئي. مان خاموش، تماشو ڏسندو رهجي ويس. سورپي، ٿڌو ساهہ کڻي، وڏو دم هنيم. ڪنڌ هيٺ هُيو، سوچي رهيو هيس تہ موٽي آئي. در مان مُنهن ٽپائي ششڪر ڏنائين، هلڪو

ڇرڪ ڀري تَڪيومانس ته ويچارو ڪيڏي، ڪلندي هلي وئي. مان سوچيندو رهجي ويس ”عجيب ڇوڪري آهي... اُف خدايا رحم ڪر“.

اڳلي شام وري آئي. ان سُهانيءَ شام سڄڻيءَ سان پنهنجي منجهيل محبت جو اظهار ڪرڻ لاءِ تياري ڪيم پر سموري سوچ، سمورو خيال پاڻيءَ ۾ ملي ويو. هن جي سنجيده وقت غيرسنجيدگي ۽ غيرسنجيده وقت سنجيدگيءَ واري عمل کان هارجي، پروگرام ختم ڪري ڇڏيم. انهيءَ وقت احساس ڪمتري ورائي وئي. ٿڪاوٽ ۽ ذهني بوجهه کان اوٻاسيون، اوٻاسين مٿان ڏيندي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. الائي ڪهڙي مهل کان تاڙ ۾ هئي، آرس ڀڃي اوٻاسي ڏنم ته هڪل ڏئي چيائين ”بند ڪر... بند ڪر... اهو در... ڪٿي مَڇَرُ اندر نه هليو وڃئي...!!“ نه چاهيندي به ٺهڪ نڪري ويو، هوءَ کِلي ويٺي ۽ پوءِ ڪيترو وقت ٻئي گڏجي کلندا رهياسين. هن جي کلڻ تي، هن جي موتين جهڙن ڏندن جُهلڪا ڏنا، دل جي هورا ڪورا وڌي، ڇهرن تي تاثر آندا، جلد ئي سانت ٿي وياسين، چند لمحن ڪانپوءِ مڙي، مڙي تڪيندي بنان ڳالهائڻ جي هلي ڏنائين.

مزي جي ڳالهين تي مان به هن سان گڏ کلندو هوس، خوش به ٿيندو هوس. پر جڏهن نه بنان ڪنهن ڳالهه جي، سنجيده وقت اچي کلندي هئي، سوبه منجهيل ٺهڪ ڏئي، ته غصو پڙڪي پوندو هو. منهن ڳاڙهو لال ڏسي پاڻ ئي سمجهي يا خاموش ٿي سنجيده ٿي ويندي هئي، ڳالهيون، يا موضوع مٽائي رُسامو ٽوڙائي ڇوندي هئي ”غصو نه ڪر منهنجا ساڄن! تون ته منهنجو ساڄن آهين ۽ مان تنهنجي سڄڻي.“ غصو ڇا- ڪاوڙ ڇا، سڀ ختم! رهندو سوال اچي واسو ڪندا هئا ته ان سمي پوري دنيا ۾ پاڻ کي ڀاڳوند ۽ خوشنصيب سمجهڻ لڳندو هوس. دل جي فرياد ڪي، داد ملي پوندو هو. پهرين پيري ائين ئي چيو هئائين، ته جهومي، نعرو هڻي جُهمر هڻڻ شروع ٿي ويو هيس، ته موٽي آئي هئي. خوشيءَ کان مست ڏسي، توجهه ڇڪائيندي هڪل ڪيائين ”اي پوڪ بصر! پوڳ، پوڳ ئي هوندو آهي، نه ڪي سچ يا حقيقت“. سڀ ڪجهه ٽُٽي پور، پور ٿي پيو هو، پر هاڻ ته معمول بڻجي پيو هو، عجيب قسم جي مخلوق هئي، کِلُ ته چڙي، چڙ ته سنجيده، سنجيده ته کلي، مذاق ڪر ته رُسي، رُس ته پرچائي. ڇوڪري هئي يا مصيبت! سوچيندو ئي رهندو هوس.

پنهنجي دل جي ڊيل دانهن، گهرن احساس ۽ سجنيءَ جي لاپرواهي جي سپني عملن حساس بڻائي، ليڪ ڪري ڇڏيو هو. روڳي من کي قرار ڏيڻ ۽ دماغ کي ڪجهه آٿت ڏيڻ لاءِ ڪتابي دوستن جو سهارو ورتم ته شوق ۽ زور لکڻ لاءِ اُتساهيو، ڪجهه لکيم ته ڇپائڻ جي آرزو وڌي، لکڻي شايع ٿي وئي ته ذوق ۽ شوق اڃان وڌي. همت افزائي ٿي، ته لکندو ويس. اندر جي آواز کي حالتن ۽ واقعن جي سهاري هلائي، سٺو نالو، سٺي شهرت مِلي، منهنجي هنن ڪاميابين تي ڪڏهن به مبارڪ نه ڏنائين نه ئي ڪڏهن موضوع ڇيڙي تعريف يا تنقيد ڪيائين. اها ڳالهه اها حالت سمجهه کان چڙهي وئي. هر ڪم، هر عمل ۾ مداخلت ڪري نقص يا تعريف ڪرڻ واري هن تبديليءَ ۽ هن ڪاميابيءَ تي نه سَرهي هئي نه آرهي. حيران هيس.

ٽيپهريءَ ڏاران لکي رهيو هوس ته هوءَ آئي. چپ چُپات ۾ ڊائري کڻي ورتائين. پڙهندي ئي لال ٿي وئي ڳاڙهي مرچ جيان، ڊائري تي ڪجهه يادون، ڪجهه خيال، ڪجهه سوچون لاحاصل محبتن ۽ رولاڪ روح جون رڙيون اُڪريل هيون. غصي کان باهه هئي ”هونهه!... جيڪو ٿو رُسي، سو شاعر! منهنجي نه حڪومت هجي ته، ڪوڙ لکڻ ۽ وڌائي، چڙهائي لکڻ وارن کي سرِعام گشت ڪرايان، سَوِن جي سلامي ڪرايان“. سجنيءَ تي پهريون ڀيرو حد کان وڌيڪ غصو آيو هو. بي عزتي ڪري روح کي مجروح ڪيائين ته هلڪي ٿڦ وهائي ڪڍي مانس.

”سجني! ڊائريءَ تي لکيل سڀ ڪجهه سچ ۽ حقيقت آهي، مونکي توسان محبت آهي... ڊائريءَ تي اُڪريل هڪ حرف ڀي وڌاءُ ناهي، سڀ حقيقت آهي....“ مان پنهنجي سوچ کي عملي جامو پهرايان، تنهن کان اڳ ئي هوءَ هلي وئي.

اهو ڏينهن، اها رات، وَرندو ڏينهن، وَرندي رات، پورو هفتو گذري ويو، ڪونه آئي. ڪاوڙ لهي، بيقرار بڻجي پئي، وڃي ٿو معافي وٺانس. ملڻ جو ارادو ڪيم پر اِرادو، ارادو ئي رهجي ويو. ان واقعي جي ٻي هفتي هن جو مڱڻو عارف سان ٿي ويو. چپ چپات ۾ ۽ اوچتو، پتو ئي نه پيو. هاڻ ته دانهن ۽ ڪوڪ ڪرڻ، واويلا ڪرڻ اجائي ۽ بي سود هئي. پنهنجي وڏيءَ جو ويچ نه طبيب سمجهي ڪري چپ ٿي ويس. دقيانوسي سماج ۾ رهندي چپ ئي ڪرڻي هئي. مڱڻي جي ٻئي ڏينهن تي آئي هئي، شايد حالت ڏسڻ آئي هئي. عجيب نظرن

سان عجيب شيءِ کي ڏسندو رهيس، هوءَ ڳالهائيندي رهي ”شاعر صاحب! جنهن ڇوڪريءَ لاءِ لکين ٿو، اها ڇوڪري پڪ تہ نڪ ڦٽل هوندي، جي نہ تہ ٽيڏي تہ هوندي ئي هوندي. ائين بہ نہ تہ پوءِ پڪ سان لولي ـ لنگڙي يا ڪالي ڪلوٽي تہ ضرور هوندي، ڇو جو جهڙو سودو تهڙي ٻَها تہ هوندي آهي نہ...!!“ حد ٿي چڪي هئي، چپ رهڻ ڳاري، ماري وجهي ها، وڏي وچي پنهي هٿن سان، پنهي ڳلن کي زور سان پڪڙيومانس ۽ اکيون اکين سان ملائي چيومانس ”سجني! بس ڪر بس... منهنجو توڪانسواءِ ٻيو ڪنهن سان پيار ناهي. منهنجي دل جي دنيا ۾ صرف تون آهين. تو سِوا ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ لاءِ سوچڻ، پاپ برابر سمجهندو آهيان“.

قيامت ٿٽي هئي ڌماڪو ٿيو هو. ڪافي لمحن تائين ساڪت ٿي هڪ ٻي کي تڪيندا رهياسون پر پوءِ نظرون چورائيندا لڪندا رهياسون. نيٺ هن ئي ڳالهايو. پهريون ڀيرو سنجيده وقت سنجيده لڳي، اکين ۾ سنڌوءَ جون ڌارائون اڇي ويون هيس. ”ساجن! منهنجو تہ شروع کان توسان ئي چاهہ هيو، توکي پتائڻ ۽ تنگ ڪرڻ ۾ انهيءَ لاءِ سڪون ايندو هو تہ من توکي چيڙائي، توکي پڙڪائي، ڪجهہ ڳالهرائي وٺان، ڀل جان نفرت ئي سهي، ڳالهہ ڊپيل ڪلي تہ وڃي ها. مان عورت هيس، جهڙوڪر بي زبان ۽ شرم حياءَ جو مجسمو! تون تہ مرد هئين، هونئن اظهار تہ ڪرين ها، اظهار تہ پري پر منهنجي ڪاوڙ ۽ غصي تي بہ تون خاموش رهين، نہ ڳالهائي سگهين، منهنجي خوف، منهنجين مذاقن ۽ منهنجين حرڪتن توکي حساس ليکڪ بڻائي ڇڏيو. اهڙي توقع نہ هئي. تنهنجي لکڻين ۾ درد ۽ دانهن پڙهي آهي...“

سڏڪو اُپريس، ڳالهائيندي، رُڪجي وئي. سُڏڪندي، روئيندي ڳالهايائين ”ساجن! تنهنجي خاموشي، تنهنجي ماٺ، منهنجي محبت کي، منهنجي اندر مان تڙي ڪڍڻ بجاءِ وڌائيندي رهي، ايتري قدر جو هاڻ تہ هر ساهہ، هر ڌڙڪن ۾ تون ئي تون آهين... توسان ازلي ناتي هجڻ جو يقين دل ۾ ويهاري ڇڏيو آهي، جنهن ناتي ۾ ميلاپ جي مزي کان وڇوڙي جو ذائقو وڌيڪ مزيدار هوندو آهي جڏهن تو پيار، درد ۽ وڇوڙي کان علاوه هن معاشري جي مدي خارج ريتن، رسمن خلاف، ظلمن، ڪِيسن خلاف، مسڪين ۽ اٻوجهہ ماروئڙن جي پوڳنائن ۽ وارتائن تي قلم کنيو، تہ مان خواهشي آسرو پيِ پلي

ڇڏيو، جيڪو ڪڏهن، ڪڏهن جاڳي پوندو هو. پوءِ اهو فيصلو ڪيم، هوءَ وڏيڪ ڳالهائي نہ سگهي، ڪارا لُڙڪ اُگهي ڊڪندي نڪري وئي.

ڪي سوال، ڪا مونجهہ، ڪائي ڳالهہ منجهيل، سُلجهائڻ لاءِ تاڪ منجهند جو هن وٽ ويس. تہ هوءَ وَنواهہ ۾ ويٺل هئي. پنهنجي اچڻ واري مقصد کان آگاهہ ڪيومانس تہ چيائين ”ساجن! هاڻي ڪافي دير ٿي چڪي آهي، دير جيڪڏهن نہ بہ ٿئي ها، تڏهن بہ تنهنجي صلاح، تنهنجي سوچ جي ڪڏهن بہ حامي نہ ٿيان ها! منهنجي لاءِ منهنجين خواهشن کان وڌ منهنجي والدين جي عزت ۽ وقار آهي. ”پڇي هلون“ واري تنهنجي سوچ تو وٽ هجي، باقي توکي پنهنجي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏيان... تہ ساجن! سڄني ڪالهہ بہ تنهنجي هئي، آهي ۽ رهندي. منهنجو ساجن بہ مون سان گڏ آهي. منهنجو تن پلجان ڪنهن ٻئي جو ٿي وڃي، پر من جو مالڪ منهنجو ساجن ئي رهندو. پيار تہ هڪ پاڪ جذبو آهي، جيڪو پاڪائي ۽ ناپاڪائيءَ جي سرحدن کان بہ اڳتي نون جلون، نين راحتن جي آس ۽ نراس جو پيوندڪار آهي. پاڻ چاهت جي هن ملڻ ۽ وڇڙڻ جي گاڏڙ ساڏڙ درد ۽ خوشيءَ جو هڪ نئون مثال ٿينداسون... ساجن! تون منهنجي ماروئڙن لاءِ لک، هنن جي خوبين ۽ خامين تي لک، هنن ۾ سجاڳي پيدا ڪر، هنن جي مئل سوچ ۾ نئون روح ڦوڪ، هنن کي آزاديءَ سان جيئڻ جو گس ڏيکار، منهنجو من، منهنجي دل ڪروڙين دعائن سميت توسان ساٿ ۾ آهي... مان تنهنجي عزت ۽ تنهنجو شان ڏسڻ چاهيان ٿي... اميد تہ تون منهنجي خواهشن جو مان ۽ لڄ رکندين.“ اهو چئي چُپ ٿي وئي.

سڄنيءَ جي شاديءَ جو ڏينهن آيو. هر پاسي خوشي هئي. صبح کان شام تائين، ڪئي ڪم ڪري ٿڪجڻ سبب، رات جو نڪاح وقت اٿي وڃڻ چاهيم، پر پڪڙيو ويس. گهوٽ ڪنوار جي گڏيل قبوليت لاءِ وڪيل طورَ!! ڪمري اندر ويس ڳاڙهي جوڙي ۾ ملبوس سڄني زائفن جي جهرمٽ ۾ غضب لڳي رهي هئي. ڪن پل لاءِ دل ڌڙڪڻ ڇڏي وئي. دل تہ پويان پير ڪيا، پر دماغ ٻيهاري وڌو. سائره کان عارف جي جيون ساٿي طور، قبوليت وٺندي ڪا بہ رنڊ روڪ نہ ٿي، ڇو جو اها سائره جي تہ قبوليت هئي، پر سڄني جي نہ! سڄني تہ ڪافي عرصي کان منهنجي ٿي چڪي هئي.

***

# محبتن جو سفر

**گرمين** واريون موڪلون پوريون ٿيون تہ سڀئي اسڪول ڪلي ويا. اسڪول ڪلڻ سان منهنجي لاءِ مصيبت اچي وئي، گهر ڪان منوڪلوميٽر پنڌ ڪري، تتيءَ ٽڏيءَ پنڌ ئي پنڌ اسڪول وڃڻو پوندو هو. پنڌ ڪرڻ بہ هڪ معمول بڻجي چڪو هو، پر اسڪول اچ وڃ وقت رڪشن، موٽر سائيڪلن، چنگچين، سوزوڪين جو زهريلو دونهون ساهہ منجهائي ڇڏيندو هو. انهيءَ جو بہ علاج ٿي ويندو هو، منهن ۾ نڪ تي رومال ڏيندو هئس. توبهہ، اصل زاري، سواري گڏهہ گاڏي جي، ڪڏهن ۾ ڪٿان اوچتو ئي اوچتو ظاهر ٿيندا، جو حواس خطا ٿي ويندا هئا. انهن گاڏن وارن ڪان وڏو ظلم يعني ڪئي ڀيرا ڪارو گريس نون ۾ اجرن ڪپڙن تي لڳرائي، سهي وڃڻ جهڙو هو، سهڻ جوڳو نہ هو تہ اهو ظلم نہ هو، جيڪو ڪلاس فيلو، سنگتي ساٿي ۽ اوڙي پاڙي جي شاگردن جو پنهنجي پنهنجي سواريءَ تي نہ رڳو اچڻ وڃڻ پر ٽوڪون ۾ چٿرون ڪرڻ هو، اندر جلي پچي خاڪ ٿي ويندو هو. گرمي ۾ پنهنجي اوج تي هئي، مٿان اونڌي ڪپڙن بجاءِ نيري پينٽ ۽ سرمئي شرٽ يونيفارم جي صورت ۾ عذاب ٿي لڳي. بابي سائينءَ کي پگهار ملي، نماڻو عرض ڪيومانس.

”بابا سائين! سڀئي دوست ۽ ڪلاسي شاگرد اسڪول ڪان جڏهن گهر پنهنجن پنهنجن سوارين تي واپس ٿيندا آهن، تڏهن مون کي پنهنجي سواري نہ هجڻ جو احساس ٿيندو آهي، جيڪڏهن منهنجو هي نماڻو عرض يا سوال مڃو تہ مهرباني ٿيندي؟“

بابا سائين هميشہ جيان ڪليو، ڏڍ ڏيندي چيائين ”پٽ! سڀ ضرورتون ۽ سڀ واعدا پورا ڪرڻ، هر انسان جي وس ۾ نہ هوندا آهن، مان نہ چاهيندو هوندس، تہ منهنجو بہ اولاد ٻين جيان موج ۾ مستيون ڪري، پر چند مجبوريون آهن جيڪي...“

”بابا سائين! اوهان جي انهيءَ جملي ”چند مجبوريون“ سڀني گهر ڀاتين کي اصل منجهائي ماريو آهي... اهي ”چند مجبوريون“ اسان جي زندگيءَ

مان ڪڏهن ويندءون؟ وينديون به يا چنبڙيل ئي رهنديون؟“ جملو اڌ ۾ ڪٽي وڏو مانس.

بابا جي چهري تي ڪئي رنگ آيا ۽ ويا، وري ڪليو، ڏي ڏنائين،

”پٽ! مجبوريون چند يا زياده شڪل ۾ نه هونديون آهن، اصل ۾ مجبوريون مجبوريون هونديون آهن. بهرحال پٽ مان هن وقت تو کي ايترو ئي ٻڌائي ۽ سمجهائي سگهان ٿو، تون به هن عمر ۾ ايندين، ته توکي به چند مجبورين جي اصلي ۽ صحيح معنيٰ ۽ مفهوم جي خبر پوندي!“

بابا سائينءَ جون ڳالهيون وقتي طور منجهائي ۽ مڃائي ته ونديون هيون، پر ظالم زمانو، زماني جون ڪوڙ ساريون ضرورتون، معيار ۽ حيثيت، اٿڻي ويهڻي جا نت نوان سوال، سوال مٿان سوال ڪاريهر بڻجي ڏنگڻ ايندا هئا. ڇڱو ڪائي نه سگهون، سٺو پائي نه سگهون، اوڙي پاڙي سان، سنگتين، ساٿين سان، مٿن مائٽن سان شادي، غميءَ ۾ اٿي ويهي نه سگهون. اهڙي بي حال جيون مان تنگ ته هئاسين ئي. مٿان بابي سائينءَ جي هم عمر، هم پيشه، استاد رجب علي جي وڏي ڌيءَ آپا زاهده بي ايڊ ڪرڻ لاءِ ڳوٺ کان شهر آئي هئي. ڏاڍي ڪاوڙ آئي، گذارو ڪيئن ٿيندو؟ خوشي به ٿي ته مهمان رحمت هوندو آهي، پاڻ کي هر پيري جيان پنهنجن سوالن جو پاڻ جواب ڏئي ماٺ ڪئي.

بابو سائين، جيجل امڙ، به ننڍڙا ڀائر، عارف ۽ ڪاشف، ٻه ڀيڻون شازيه ۽ ماريا ۽ مان، ڪل ست ڀاتي. اڪي کي ٻڌي ڪرڻ لاءِ آپا زاهده اچي وئي هئي.

آپا زاهده جي ايندي ساري گهر ۾ خوشيون ٻيڻيون ٿي پيون هيون. پاڻ کي پنهنجي سوال جو جواب ڏئي ماٺ ڪرائڻ، هڪ ٻئي کان نظرون چورائي لڪڻ وارا ڪلڻ ۽ ٽهڪڻ لڳاسين، هر وقت ڪل خوشي. رونشو، مذاق، چڙڻ ۽ پرچڻ، مطلب ته زندگي جاڳي پئي هئي. اسان جو اندازو غلط ثابت ٿيو، ته مهمان اچڻ سان مسئلا وڌندا، پر ڪنهن چواڻي مهمان پنهنجو رزق پاڻ سان ساڻ ڪنيون ايندو آهي. بابا سائينءَ جي ٽن سالن کان ڦاٿل ڊفرنس پي ملي وئي، مالڪ لڄ رکي، خوددار ۽ انسان دوست گهر مالڪ بابي سائين جمعي نماز ۾ نمازين کي شڪراني ۾ ديڳ پيٽ جي ڪارائي.

گهر جي سٺي حالت منهنجي لاءِ ٿورا مسئلا پيدا ڪيا. اسڪول کان واپسي وقت شهر کان ٻاهر ٻاءِ پاس تي بي ايڊ ڪاليج مان آپا زاهده کي وٺڻ لاءِ

وڃڻو پوندو هو. پوڻا 2 ڪلوميٽر پنڌ، منهنجي ٽنگن مان نڪاو نڪرندا هئا. واپسيءَ وقت ڀئي رڪشي تي گڏ ايندا هئاسين. سج لٿي مهل ڪان ٿورو اڳ گهر موٽندي لالاڻ ۾ پيلاڻ واري ماحول ۾ ڏاڍو سٺو لڳندو هو، ان ڪان وڌيڪ سٺي لڳندي هئي، رڪشي جي سواري، مان بي انت ڪِلندو هئس، رعب تعب ڪندو هئس، هر ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ تي! اڪثر پاڻ سان ڪلي پوندو هئس. هڪ ڏينهن آپا پڇيو:"اظهر! خير تہ آهي نہ!... پنهنجو پاڻ سان ڪلندو آهين؟!" بي تڪلف ۾ پنهنجائپ وارو اسان جو پهريون بحث هو. مان بنا ڪنهن ڄهجهڪ جي ساڻس ڳالهائڻ لڳس. هوءَ عمر ۾ مون ڪان 10 سال وڏي هئي، پر مون سان ڳالهائڻ، ٻولهائڻ وقت منهنجي عمر جي يا مان سندس عمر جو ٿي ويندو هئس.

" آپا! ڪڏهن ڪڏهن اوچتو ئي چند مجبوريون زندگيءَ مان غائب ٿي وڃن ۾ ضرورتون پوريون ٿي، خواهشون حقيقت ماڻي وٺن تہ پوءِ ائين ئي ڪلڻو پوندو آهي."

" اظهر! مون سمجهيو ڪونہ؟!"

"آپا! اسڪول ايندي ويندي سيني هم ڪلاسين ۾ اوڙي پاڙي جي شاگردن ڪي پنهنجين سوارين ۾ سفر ڪندي ڏسندو هئس تہ، ڪئي آسون جنم وٺي مري دفن ٿي ويندي هيون، هاڻي توهان سان رڪشي تي سفر ڪندي، ساڳي ئي نموني سان، رعب تعب سان، داٻي سان ڏسڻ وارن ڪي جلائي پلاند ڪندو آهيان" منهنجي ڳالهہ تي آپا واهہ جا ٽهڪ ڏنا، سندس ڪليل ۾ هيڪاندا ٽهڪ ٻڌي دل ۾ اڪيون ٻرجي آيون. ڇو جو سندس ٽهڪ ڏيڻ وقت انداز ۾ آواز هوبهو پاڙيسرياڻي ريشمان جهڙو ٻيهندو هو. جنهن لاءِ پهريون ڀيرو منهنجي دل تيز، تيز ڌڙڪي هئي، مان ان ماهہ لقا، ماهہ جبين جا اهي ٽهڪ ٻڌي ۾ سندس سهاني شڪل ڏسي نہ سگهيس، ڇو جو هُوءَ بجليءَ جي شاڪ لڳڻ سبب گذاري چڪي هئي. مان خيالن ۾ هئس، آپا ڳالهايو،

"اظهر! تون ايترو گهرائيءَ سان هن عمر ۾ ڳالهائڻ ڪٿان سکئين؟!"

اڪين ۾ آلاڻ لڪائڻ جو موقعو ملي ويو هو. مون چيو: "آپا! جيڪي ماڻهو اڪثر "چند مجبورين" ۾ پنهنجو جيون گذاريندا آهن، سي باقي ڪجهہ تہ حاصل نہ ڪري سگهندا آهن پر سٺو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ضرور ڄاڻندا آهن" مان ٻٽو ڏڪي پيو هئس. آپا ڏي ڏيڻ لاءِ سري ويجهو هلي آئي، مان سندس ٻانهن جي هلڪي جڪڙ ۾ تسلي ٻڌندو رهيس، پر منهنجو من، منهنجي دل، منهنجو دماغ

دنيا کان نڪري ويو. ڪافي لمحن تائين منهنجا سڏڪا هلندا رهيا، نيٺ گهر اچي وڃڻ جو دڙڪو ڏئي آپا چرڪ ڪڍرايو. مان جلدي حواسن ۾ آيس، اکين مان آلاڻ اگهي ورتي. آپا جو ڪاٻو هٿ پوءِ ٻي ڪافي لمحن تائين منهنجي بيقرار من کي ٿڦڪيون ڏيندو رهيو.

ائين اسڪول اچڻ وڃڻ، شام جو آپا کي واپس وٺي اچڻ، گهر ۾ ننڍين ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ ٽيوشن وٺڻ، ڳالهيون ٻڌڻ، ڪچهريون ڪرڻ، بحث مباحثا ڪرڻ، سياسي، سماجي، ادبي ۽ قومي مسئلن تي ڳالهائڻ، سوال ڪرڻ، جواب ٻڌڻ، مطلب تہ مونکي وندر جو سٺو موقعو مليو هو. گهر جي رونق پوريءَ طرح سان اجڙي ويندي هئي، جڏهن آپا ڇنڇر شام چاچي رجب علي سان پنهنجي ڳوٺ هلي ويندي هئي. شروع ۾ سندس وڃڻ جو ڏک ٿيڻ لڳندو هو، پر پوءِ آهستي آهستي سندس واپسيءَ جي خيال سان خال پرجي ويندو هو. دستور مطابق ڇنڇر جي شام جو هوءَ ڪلندي ڪلائيندي مو ڪلائي وئي، سومر جي صبح تي واپس آئي تہ آپا آپا نہ رهي هئي، ڪا اوپري، زاهده اسان سان ملي هئي، گهر ڀاتي حيران ٿي وياسين، ڪيس ڏڍ ڏنوسين، پر سندس زبان نہ کلي، مان سمجهي ويس تہ ڪو مسئلو ضرور آهي، ان لاءِ سيني کي کِلائي، ٿارڻ لاءِ ڪوڙي ڳالهہ جوڙي ٻڌايم، چيم:" هڪ ڏينهن ڪنهن ڪم سانگي تڪڙو تڪڙو گهر کان دڪان تي ويس پئي، اوچتو هڪ در سامهون پردي کان اندران ڪتو ٻاهر نڪتو، مان ڪتي کي ڏسي ڇرڪي ويس، ڪتو مون کي ڏسي دهلجي ويو، مان تہ هليو ويس، پر ڪتو بيهي رهيو، واپس ايندي مون کان معافي وٺي پوءِ اندر ويو" سڀ کلي پيا، کلي کلي کيرا ٿي پيا. هوءَ بہ کلي، سيني سان خوب کلي، ايترو کلي جو روئي پئي ۽ روئندي رهي، اسان ڪيس رلجي دلاسا ڏنا ۽ پرچايو تہ مس وڃي نيڪ ٿي.

ڪاليج کان هڪ شام واپس ايندي ڏٺوسين، سگنل چوڪ وٽ ٽائر ساڙي روڊ بلاڪ ڪيو ويو هو. ڪامريڊن جي اهڙن ڪمن تي مون کي بڇان ۽ چڙ ايندي هئي، آپا منع ڪئي"عقل ڪر اظهر! عقل ڪر...! ڪنهن کي بہ گهٽ وڌ ناهي ڳالهائبو، تون ننڍڙو آهين، في الحال ڪامريڊن جي ڪمن ۽ عملن کي سمجهي نہ سگهندين، پر ڪاليج پهچندي سڀ پروڙي وٺندين"

"پر آپا! ضروري ناهي تہ ڪنهن ٻي مسئلي جي حل نہ ٿيڻ لاءِ روڊ بلاڪ ڪجي ۽ هر ايندي ويندي کي بہ مصيبت ۾ وجهجي....؟!"

”اظهر! هي پاڙيءَ لاءِ روڊ بلاڪ ڪيو ويو آهي ۽ پاڙي گهرڻ لاءِ روڊ بلاڪ ڪرڻ، رڳو ڪامريڊن جو مسئلو ناهي، پر اسان سڀني جو اجتماعي ۽ ڀهريون مسئلو آهي.“

”پر آپا! ڳالهيون تہ ڳالهائڻ وارن سان ڪبيون آهن، ڀلا آپا! اهي ڪامريڊ پنهنجي ڪم سان سچا آهن؟!“

”شايد ها! شايد نہ !.... پوءِ ٻيو ضروري آهي واويلا ڪرڻ، واويلا سان ٿورا ڪي گهڻا مسئلا حل ٿين ٿا، حق ملن ٿا“

”آپا! تون ڪامريڊن واريون ڳالهيون نہ ٿي ڪرين؟!“

”اظهر! سياڻي تون پاڻ ٻيو اهڙيون ڳالهيون ڪندين!“

”مان تہ صرف محبتن جون ڳالهيون ڪندس.“

”محبت! سور تہ ڏئي سگهي ٿي پر بنيادي حق ڏيارائي نہ ٿي سگهي.“ آپا ٺهہ پهہ وراڻيو ۽ منهن ڦيري ڇڏيائين.

”آپا! تو ڪڏهن ڪنهن سان محبت ڪئي؟!“ آپا منهنجي سوال تي هن جهان مان خلا ۾ وڃائجي وئي. ڪجهہ گهڙين ڪانپوءِ چيائين: ”اظهر! تنهنجي شڪل وارو تہ نہ پر تنهنجي هوبهو، قد بت ۾ بيهڪ وارو نوجوان منهنجو پنهنجو ڳوٺائي، منظور منهنجي ڀهرين ۾ آخري محبت هو، اسان جي محبت ٻہ طرفي ۽ گهري محبت هئي، ٻنهي جي والدين جي راضپي سان اسان جو مڱڻو ٿيو، خوابن جي حسين دنيا، حقيقت جا سڀئي رنگ پسيا، اڳتي اميدون ۽ آسون منزل تي رسن، تنهن کان اڳ ڪيس ماستري ملي، استاد ٿيندي ئي مون سان گڏ گڏ يا شايد مون کان بہ وڌ اهميت، عزت ۽ وقت سماجي ڪمن کي ڏيڻ لڳو. منهنجي ڪا بہ ميار، ڪا بہ شڪايت اثر ڪري نہ سگهي. مظلوم سان هر پل ساٿ ۽ سهڪار، ظالم ۽ هر ظلم سان کلي عام مزاحمت ڪري، ٿوري ئي وقت ۾ ڪافي سارو نانءُ، عزت ۽ شهرت ملي ويس. ماڻهو ساڻس محبت ۽ عقيدت ٻيو ڪرڻ لڳا. هڪ مڪمل مقصد ”ماروئڙن لاءِ جيئڻ“ سندن ڪم ڪرڻ، ڪين خوش رکڻ ۾ ڏسڻ زندگيءَ جو ڀهريون ڀهريون ڪم هو. دل اندر بہ وڏا ڪم رهندا هئس. جيڪي هن مڪمل ڪيا هئا. ڳوٺ ڀاهران خشڪ ۽ بنجر زمين جي آبادي ۽ سرسبزيءَ لاءِ پڪو واٽر ڪورس ۽ صحت مرڪز قائم ڪرائي ورتائين. انهيءَ ڪم سان هزارين ماروئڙن جا مسئلا حل ٿي پيا، انهيءَ وڏي ۽ اهم ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ تنهائيءَ ۾ مليو، ڪيترين ميارون ۽ شڪايتون

ڪنيون ڪري چوڻ واري هئس، جو منهنجو ارادو سمجهي ويو، راضي ڪرڻ لاءِ ڪلي اڇلون ڏئي منهنجي ماستريءَ جو آرڊر ڏنائين، مان خوشيءَ کان ڦهڪي پيس، ان خوشيءَ کان وڌي خوشي پرسان ايندي ڪنن ۾ سُس پُس ڪيائين”زندگي آهي ته، سماجي ڪم ٿيندا رهندا، پاڻ جلد شادي ڪنداسين، صرف آخري ڪم آهي شهر کان ڳوٺ تائين پڪي روڊ- جو پورو ٿيڻ، مان ۽ محبتون، محبت جو حسين سفر...!“

شهر کان ڳوٺ تائين روڊ به ٺهي ويو، شاديءَ جي تاريخ پڪي ٿي وئي، مان خوش خوش، پوري تر ۾ وڏي ناليواري سماج سڌارڪ جي ڪنوار ٿي رهي هئس، پر شايد قدرت وري ڪجهه ٻيو سوچي ورتو هو، شاديءَ کان نيڪ ٽي ڏينهن اڳ هڪ رات واپسيءَ دوران محبتن جي راهه جي مسافر منهنجي دنيا، منهنجي سڀ ڪجهه، منظور کي سماج بگاڙ رهزنن ڌڪي ڪري وڌو، ڪافي دير تائين هو بي حس ماڻهن جي بي حس احساسن تي تڙپندو رهيو، همت ڪري، پويان پساهه ساڻ ڪري مون وٽ آيو، آخري لمحن ۾ منهنجن ٻانهن ۾ هو، روح پرواز ڪري ويس، هڪ گهڙي ۾ سواليه حسرت ڇڏي ويو، منهنجو سڀ ڪجهه لٽجي چڪو...“ آپا ايترو چوندي پاڻ روڪي نه سگهي، زور سان روئڻ لڳي. ان وقت منهنجي ننڍڙين ٻانهن جو ڀڪ هئس، پاڻ لڪائڻ ۽ ريجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين، تمام ويجهو هئاسين، حد کان وڌيڪ. هوش ۽ حواس تڏهن بحال ٿيا، جڏهن چانڊوڪي ڪڪرن جي زد ۾ اچي وئي، پوري ماحول تي اونداهي ڇائنجي وئي، آپا وري ڳالهايو

”اظهر منهنجي سموري جيون تي ائين ئي اونداهه ڇانيل آهي“

”آپا هر اونداهه کانپوءِ هڪ نئون سويرو به ضرور هوندو آهي.“ مون ڳالهايو.

”ها! پر سڀ سويرا هڪ جهڙا اجرا ۽ سياويڪ به نه هوندا آهن“

”اڪ، اڪ جو به فرق ٿي سگهي ٿو؟“

”جيون جي اونداهه کي اجرو ڪرڻ لاءِ ڪنهن به سويري جي پرڪ ۽ پروڙ دل ڪانسواءِ ڪو به عضوو نيڪ طرح سان نه ٿو ڪري سگهي.“

”دل کي واقعي ايتري پرک ۽ پروڙ جي ڄاڻ آهي ته اوسي پاسي ڪنهن ڪرٽي کي ٻيو محسوس ڪري وٺندي هوندي؟“

”پر ڪو بہ ڪرڻو، ڪنهن بہ اجري ۽ ڦهري سويري جي جاءِ نہ ٿو پيري سگهي.....!! بهرحال انهيءَ نديڙي ڪرڻي جي جذبن جو، احساسن جو احترام آهي، پر مان منظور جي ڇڏيل وک وڌائي پوري تر ۾ روشني ڦهلائي محبتن جو سفر عام ڪرڻ ٿي چاهيان، جيئن ڪو بہ منظور ڪا بہ زاهده هڪ ٻئي کان جدا نہ ٿين... اظهر! تون بہ پنهنجي ڪنهن صحيح مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ لڳي وڃ، ڪنهن سٺي مقصد جي حاصلات يا ان راهہ ۾ ڪنهن رهزن هٿان شهيد ٿي امر ٿيڻ جي نالو پيدا ڪرڻ ۾ جيڪو مزو ۽ سڪون آهي، سو شايد ئي ڪنهن ٻئي ڪم يا ٻئي ڪنهن مقصد ۾...!“ هن بس ڪئي ـ هڪ لڪل قوت منهنجي اندر ۾ ڦوڪجي وئي، پاڻمرادو لفظ نڪري ويا،

”مان محبتن خاطر جيئندس... محبتن جو ئي سفر منهنجو مقصد هوندو.“

آپا چيو ”اظهر! مون کي اميد آهي تہ تون پنهنجي نيڪ مقصد ۾ ضرور ڪامياب ٿيندين.“ هڪ جوش هڪ ولولو، هڪ اميد، ۽ انهيءَ جي منزل جهومائي وڌو، اسان جا هٿ ملي ويا ۽ اکيون پهڻ ٿيڻ جي ويون.

انهيءَ ڪانپوءِ اسان ڪلي عام ڪنهن بہ موضوع يا مسئلي تي ڳالهائي نہ سگهياسين، واسطو ۽ رابطو تہ رهيو، پر ڪشش هوندي پيي سرحدن کي ڇهي نہ سگهياسين. آپا اٺن مهينن ڪانپوءِ بي ايڊ ڪري جو وئي تہ وري نہ موٽي.

زندگيءَ پنهنجي اٺرن کي ڏينهن، هفتن، مهينن ۽ سالن جي صورت ۾ سامهون آندو. بابو سائين جهان ڇڏي ويو، سگهو ئي امڙ بہ موڪلائي وئي. پيڻ ۽ ڀائرن جو پالڻهار ٿيڻ جي پنهنجي خوشي ۽ خواهش وساري سندن لاءِ جيئڻ لڳس، بابي جي پينشن مان پرائيويٽ اسڪول کوليم، علم جي روشن لاٽ سان گڏجي محبتن جي سفر جو راهي ٿيڻ جي ويس. ٻئي ڀائر يونيورسٽين ۾ پڙهڻ لڳا، پيڻن مان هڪ جي شادي بئنڪ آفيسر سان ۽ ننڍيءَ لاءِ رشتو ڊاڪٽر جو آيو هو، جيڪو قبول ڪري آجو ٿي ويهڻ کان پوءِ بور ٿي پيو هوس، انهيءَ ڪري اڪثر اسڪول ۾ رهندو هئس. فارغ وقت ۾ لطيف جي نگريءَ مٿان رهندڙ پنهنجن منڻن ماروئڙن جي لاءِ محبت جا پيغام ڪٽي رنلن کي پرچائڻ، وڇڙيلن کي ملائڻ لاءِ سيئي فرق پري رکي، هر ذات پات، قبيلي، سوچ، فرقي، ڪردار ۽ عمل کان بالاتر رهي ڪم ڪرڻ لڳس. هڪ ڏينهن پنهنجي پرائيويٽ اسڪول جي خوبصورت ۽ خوب سيرت ٽيچر مس صدف محبتن لاءِ ٻانهون وڌايون،

اسان جي عمر ۾ 12 سالن جو فرق وچ تي هو، ڪافي سمجهائڻ، باوجود مس صدف سمجهي نه سگهي، چيومانس، ”مس صدف! مان اهو ڏيئو آهيان، جيڪو پين لاءِ ته سويرو ڪندو آهي پر پاڻ اونداهه ۾ رهندو آهي“

”سر! مان وري اها شمع آهيان، جنهن جا سڀ ڪرڻا اوهان جي طرف ئي هجن ٿا“ هن مرڪي جواب ڏنو.

”سڀ ڪرڻا روشن ڪرڻا پيي نه هوندا آهن؟“

”مان گهٽ ۾ گهٽ روشن ڪرڻو آهيان“

ٻئي ڪجهه دير لاءِ چپ رهياسين، چيائين ”سر! مان توهان جو سهارو بڻجڻ ٿي چاهيان.“

”مون کي ڪو اعتراض ناهي ... اسان جو ساٿ ۽ سهارو پوري ديس لاءِ روشني ۽ محبت ثابت ٿيندو.“

”سر! مان جيون سهاري جي ڳالهه ڪئي آهي“

”مس صدف! مان تنهنجي جذبن جو احترام ڪيان ٿو، مون کي تنهنجن احساسن جو به قدر آهي، پر هڪ فرق عمر جو، ٻيو ذات جو، ٽيون حيثيت جو....“ منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي وڌائين. چيائين: ”سر! عمر جو فرق خاص ناهي، ذات پات جي قائل ناهيان، حيثيت توهان جي به گهٽ ناهي. ڪوڙ ساري عزت ۽ نانءُ اٿو، منهنجو ساٿ قبول ڪيو.“

ٽڏو ساهه پيري ها ڪيم، پر پنهنجي گهر وارن ڪئي سوال ڪيس، سمجهايس، پر هوءَ گهر ڇڏي ڪورٽ ميرج لاءِ ضد ٻڌي ويهي رهي. مان صفا پڙ ڪڍي ويٺس، جواب ڏنومانس، ”مس صدف! منهنجي محبتن جو سفر بي داغ آهي، انهيءَ تي آڱريون ڪڻائڻ نه ٿو. چاهيان، ان ڪري منهنجي محبت خاطر گهر واپس هلي وڃ، ضروري ناهي ته هر ڪنهن کي محبت ملي وڃي ۽ جيڪو چاهجي اهو حاصل ٿي وڃي، تون وڃ محبتن جي سفر ۾ روشني ۽ ساڃاهه ڦهلاءِ ته جيئڻ ڪو به محبت جو پانڌيئڙو لاحاصلات جي ڪَڙاڻ، نه چکي.“ هن لڙڪ اگهيا. منهنجن هٿن کي وٺي درد ڪان وڏو سڏڪو پريندي چيائين.

”سر! نه چاڻ ته هي محبتن جا سفر ڪيستائين جاري رهندا؟“ هوءَ هلي وئي. ٻه ڪارا لڙڪ اکين ڪان ڳلن تي لهي آيا.

***

# دنيا ڏُرنگي

**نوي** واري ڏهاڪي جي شروعاتي سال جا شروع وارا ڏينهن هئا. مان هڪ استاد هئس. ۽ حسب دستور تيز وکون کڻندو ڪلاس اندر مس داخل ٿيس ته، وڏي شاندار نموني سان ڪورس جي صورت ۾ آواز پڌم ۽ گڏوگڏ تاڙين جي ميلاپ سميت کلڻ ۽ ٽهڪڙ مونکي ڪن پل لاءِ ششدر ڪري ڇڏيو. ”هيپي برٿ ڊي ٽو يو - هيپي برٿ ڊي ٽو يوسر!“ هڪدم پروڙي ويس ته 1 مئي جو ڏينهن آهي ۽ دنيا ۾ مزدورن جي حقن جي حاصلات/ قرباني طور ملهائجندڙ هي ڏينهن منهنجي لاءِ به اهم ئي هو. ڇو جو منهنجو جنم ڏڻ پڻ اهو ئي هو. مان اسٽوڊنٽس جي سڪ اڪير ۽ چاهت ڏسي فخر مان نڙيءَ تائين ڀرجي ويس. تيز وکون يا بي ترتيب وکون. شانائتي، وزنائتي ۽ مانائتي نموني ڪچڙ شروع ٿي ويون. مان ڪلاس جي اڇي بورڊ ڀرسان رکيل ننڍي ٽيبل تي آيس، تقريبن ٻن پائونڊن جي رنگ برنگي نمونن سان ڪيڪ تي نظر پئي. ڪيڪ جي وچ ۾ 21 جو انگ جهومي منهنجي عمر جو پڪو ثبوت ڏئي رهيو هو. جنم ڏڻ جي واڌاين جو آواز سنڌي، اردو ۽ انگلش ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي صورت ۾ ويجهو ايندو ويو. مان بنا دير سندن شڪريو ادا ڪرڻ جي تاڻرن، ادائن سميت کلي ۽ ٽلي مهرباني، ٿينڪ يو ۽ شڪريا چوندو رهيس. تنهن بعد وري مبارڪون مبارڪون، جي آوازن جي گونجندي پاڻ تي فخر اچڻ لڳو. پاڻ جيترن ڪيترن ئي ڇوڪرن يا ڇوڪرين ۾ ايترو ته اهم يا اعليٰ هئس جو سيني جي توجهه سوچ يا سمجهه جو سمورو مرڪز آئون هئس، اوچتو آس اپري آئي ته ڪاش! هي منظر منهنجو ابو سائين ڏسي ها! جنهن مون کي نڪمي، بي ڪار، نياڳي ۽ فضول انسان جهڙي زندگي گهارڻ جا ايڊوانس خطاب يا وري پاراتا

عطا ڪري ڇڏيا هئا. اهو سڀ ڪجهه صرف ۽ صرف ان ڪري ئي هو تہ مان ابي ۽ امان جي طلاق ٿيڻ بعد امان سان ئي رهڻ جو رٿيو هو.

ابو رنج ٿيا ٿي لڳو وتندو هو، انهي لاءِ نہ تہ مان سندس پٽاٽو اولاد، امان ڪي ڏنل سندس طلاق ڪانپوءِ ساٿس گڏ ڇو نہ ٿو رهان. نہ بلڪل نہ! صرف انهيءَ لاءِ هن پاڻ وٽ رهائڻ پئي چاهيو تہ جيئن هو امان جي خانداني ملڪيت (جيڪا ناني سائينءَ طرفان امان کي مليل هئي) کي حاصل ڪري مون کي پاڻ وٽ رهائي سندس آخري سهارو بہ کسي وٺي ها، پر منهنجي فيصلي ابي جي نيت کي سبوتاز ڪري ڇڏيو. امان کي ۽ سندس ملڪيت کي ابي کان تہ مان جهڙو ڪر بچائي ويس، پر مامن چڪر ئي ٻيو ڪيو، ملڪيت ۽ ڪاروبار جي فائدن جون ڳالهيون ڪري امان کي اقٽ سجو ڪري ڇڏيائون، پوءِ وري مامن مامين، ماروئن ۽ ماروئين کي ٻچي، ڪجهہ ڏينهن ۾ اسان کي گهر ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو. ڪنگالي تي پويان آسرو پلي اسان وڌندا رهياسين. هڪ مسواڙ جي گهر کان پنهنجي گهر تي پهتاسين. سڀ پنهنجن گڏيل محنتن جي ڪري امان سانئڻ، ڪپڙا سبڻ، پرت پيرڻ جو ڪم ڪندي هئي ۽ آئون ڇولن کان چاٽ ڪپائڻ، تنهن بعد پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جهڙو بٽيس تہ، پرائيويٽ اسڪول ۾ استاد ٿيس ۽ ٽيوشن سينٽر سنڀاليندڙ جي حيثيت سان وڏو مرتبو ٺهندو ويو. ماضي حال ۽ مستقبل جا واچوڙي جهڙا وراڪا رڪندڙ سنگين عڪس جاري هئا ۽ ٿوري دير اڳ واري شوريا گوڙ واري ماحول کان ڪنن جا زوزات مس ختم ٿيا هئا، تہ ڪنهن وجود کي خالي ڪلاس روم ۾ پاڻ ڏانهن ايندي پاتيم. مان ڏسان، تنهن کان اڳ ان وجود جي چپن تي هيپي برٿ ڊي ٽو يو، اچي ويو. هوءَ ڪومل هئي. سونهن ۽ سوڀيا جا سمورا رنگ قدرت واري سوئي سموئي پويا هئس. ڊگهي قد ۽ ماسيري بت واري ڪومل، سڊول جسم جي ڏيک ڏيندي ڪنهن اپسرا جهڙي لڳندي هئي. ڪومل غضب جهڙي مرڪ سان موتين جهڙي مهڪار ڪري پورو روم معطر ڪري ڇڏيو. هن پهرين گلاب جي گلن جي خوشبو وارو گلدستو پيش ڪيو. تنهن بعد ٻہ عدد پيڪٽ تحفا مون تحفا پاسي تي رکي ڪيس ڪيڪ ڪائڻ جي آڇ ڪرڻ بجاءِ ڪيڪ ڪٽي سندس منهن تائين آندو. هن منهنجي هٿ کي پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ آهستگيءَ سان ورتو تہ مون سندس جهانورين اکين ۾ گهوريو. انيڪ محبتن جو سلسلو جهلڪا ڏيندو لڙڪن جي صورت وٺي ويو. منهنجي دل کي ڌڪ لڳو. سڄي جسم مان سيئاٽو

نڪري ويو. سڄو ساڪت ٿي ويس. سرت آئي ته پنهنجي پاڻ سنڀاليو. محبتن، جو سفر جاري رکندي، مرڪندي ڪيس ڪيڪ ڪارايم. پوءِ ڪافي وقت تائين ڪلندا ۽ ٽهڪندا رهياسين.

ڪومل جي ويندي، سندس آنڊل تحفي ڪي ڪولي ڏٺم، شيشي جو تاج محل هو ۽ هڪ چٺي به هُئي.

”جانو! ميجان ٿي تنهنجي زندگي ڏکن، ڏولاون م گذري آهي. خوشين ۽ مسرتن جي حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙڻ ڪو توڪان سڪي، پر تون سڀ ڪجھ پنهنجي مدد پاڻ تحت حاصل ڪرڻ جو قائل آهين، مان به تنهنجي آهيان ۽ تون مون کي پنهنجو سمجهي، هن چٺيءَ کي مان ڏئي هٿ تان لهي، صرف بابا وٽ لنگهي ايندين ته تنهنجي عقلمندي چئبي. چو ته بابي سائينءَ توکي گهڻو ڪجھ سمجهي ساڻ ۽ سهڪار جي پڪي دلجاءِ ڏني آهي، سو تنهنجي هوشياري يا ڏاهپ ۽ بابي سائينءَ جي سفارش ۽ ڪوشش، رلجي ڪاميابي جا سوين ڏاڪا اُڪري سگهن ٿيون. جانو! ضد نه ڪجانءِ ملڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي. جيون سنو گذرندو ته پاڻ سڪيا ۽ اولاد به سڪيو ستابو رهندو. تنهنجي ۽ فقط تنهنجي ڪومل.“

مان ان ڏينهن ته ڇا پر پورا ڏھ سال ڪومل جي بابي سائينءَ وٽ نه ويس. ڇو ته سندس سوچ ۽ لوچ اڳ ئي پروڙيل هئي. منهنجي ۽ ڪومل وچ ۾ ڪابه رڪاوٽ نه هو. پر هڪ شرط پٽاندڙ هن جو شرط هو ته مان مذهبي ماڻهو ٿيان_ مسلمان ته هئس، پر سندس حساب ڪتاب سان اهو ڪجھ ڪافي نه هو. الله هڪ، رسول هڪ ۽ قرآن هڪ واري سوچ ڪافي نه هئي، پر عملن کي وڏائڻو، ويجهائڻو هو ۽ ثابت به ڪرڻو هو ته پوري سماج ۾ مان سندس نياڻو هوندي، سندس راھ جو راهي ۽ پڪو صفا پڪو مسلمان آهيان، پر مان ڪومل جي سخت سوچ رکندڙ پيءَ جي چئي نه هليس ۽ سڀ ڪجھ ڪسجي ويو. دل جي دنيا ويران ۽ پڙپانگ ٿي وئي. ان رات ته ايترو رنس جو حد ئي نه هئي. هن جي هڪ اهڙي ئي ماڻهو سان شادي ٿي وئي جيڪو سندس پيءَ چواڻي مڪمل طور تي پڪو صفا پڪو مسلمان هو. مان نه رڳو ڪچي مسلمان جي حيثيت ۾ رهجي ويس، پر اڌورو، بنھ اڌورو رهجي ويس، سڀ ڪجھ وسري ۽ وڪري ويو. دوستن، دشمنن، پنهنجن، پراون، مٽن مائٽن، گهڻو ڪجھ سمجهايو، پر ڪجھ نه ٿيو، پڙهائڻ، پڙهڻ، سوچڻ، سمجهائڻ سڀ هليو ويو. دنيا جي آخري ۽ مٽي

سهاري امڙ منهنجي دل ٽٽڻ کي پنهنجي ذهن تي ايترو رکيو، جو منهنجو اهو سور پنهنجي دل ۾ سانڍي هن جهان مان هلي وئي ۽ مان ننڍڙڪو رهجي ويس!!

***

# سوليءَ وڌ سزا

**انسان** جي اندر ۾ هزارين حسرتون ۽ اميدون وسيل رهنديون آهن. هن جو تازو توانو ذهن، سپني ارمانن جي ڪوشش واري سفر ڪي عبادت جي درجي کان گهٽ درجو نہ ڏيندو آهي. ڪڏهن اهڙين محبتن مٿان ڪنهن ظالم ۽ وقت جي ويري جي ڪري پاڻي ڦري ويندو آهي تہ وري ڪڏهن انهن ڪوشش ڪي منزل ملي ويندي آهي. لاحاصلات واري جدوجهد ۾ الڳ سُرور آهي تہ وري ڪاميابيءَ جو پيو سرور ۽ نشو آهي. سرسبز ۽ شاداب زمينن جي وچ ۾ آباد هڪ اهڙي ئي ڳوٺ جو رهاڪو سارنگ بہ اهڙي ئي پوزيشن ۾ آس ۽ نراس جي ٻہ واٽي تي بيٺل هو. هن جو من اندر سلميٰ جي چاهت جي روشنيءَ سان پُرنور هو، عزيزن جي محبتن جو ڊايل هيو ئي، پر پنهنجي هٿ ۽ وس ڪجھ نہ هوس جو پنهنجي خواهشن جو پورائو ڪري سگهي، خوابن کي حقيقت جو روپ ڏيئي سگهي. هن جون اميدون ڪرپٽ حڪمرانن ۽ طبقاتي نظام جي صليب تي لٽڪيل هيون. ڪير هو؟ جيڪو سارنگ جي نوڪريءَ جو ڪم ڪرائي سگهي ها !.... ڪرائڻ وارا هئا بلڪل هئا، پر ڪيس ايتري سگهہ نہ هئي جو ڪامورن ۽ بيورو ڪريٽس جي چيلن جي گهرج پوري ڪري سگهي ها. باقي هونئن تہ سارنگ جون جتيون گسي ويون هيون. اهڙن ڪامورن، وزيرن ۽ بيورو ڪريٽس جي گهرن، آفيسن جا چڪر ڪاٽيندي! سڀ ڪنهن جو ڏوهہ هيو. هن جي غربت ۽ مسڪينيءَ جو. هن جي قسمت جو، وقت جي بي رحم حالتن جو يا هن سماج جي طبقاتي نظام جو. ڪنهن جو تہ ڏوهہ هيو، تڏهن تہ هڪ مسڪين ۽ آسوند انسان جي ارمانن کي گنجرايو ۽ ڦاسايو ويو هو. سارنگ اهڙين حالتن ۾ گهٽ گنجريل هو جو مٿان وري سندس محبت، سندس دنيا جهان سلميٰ جي پيڻ عاصمہ هن کي وڌيڪ تنگ ڪري وڌو هو. عاصمہ عمر جي ننڍي ضرور هئي پر مهانڊن ۾ سلميٰ جهڙي ئي هئي. فرق هو تہ سلميٰ سنجيده ۽ حقيقت پسند

هئي، جڏهن تہ هيءَ عمر جي لحاظ کان اجا ٻار هوندي، چنچل، کلڻي، ۽ هر ڪنهن سان پنهنجائپ ۽ گهاتائپ ڏيکارڻ واري! هوءَ ڪالهہ کان سارنگ جي هم عمر پيٽڻ رضيہ سان گڏ شهر کان ڳوٺ گهمڻ آئي هئي. سياري جي وئڪيشن ملي هئي. پاڻ اٺون درجو پڙهندي هئي. ان ئي لحاظ کان سندس عمر تہ تيرهن چوڏهن سالن جي لڳ ڀڳ هيس، پر لڳندي جوڀن جي اوج تي هئي. هن جي حرڪتن، ڊوڙڻ، اٿڻ، ويهڻ واري عمل ۾ سلميٰ نہ هئي. جنگ هئي جنهن ڪري سارنگ ڪي گهڙيءَ گهڙيءَ سلميٰ جو خيال ٿي آيو، جنهن خود هن وقت تائين سلميٰ جي قيامت خيز وجود ۽ بدن جي سڊولائپ ڪي پري کان ڏٺو هو. پنهنجي محبت جي جدوجهد ۾ جي ڪجهہ پسيو هئائين سا تہ فقط زباني فتح ۽ نظرن جي ڪرم نوازي هئي. باقي سڀ هن لاءِ خواب هئا جنهن جي ساڀيا هن جي نوڪري ۽ پاڻ پيري ٿيڻ سان سلهاڙيل هئي. عاصمہ ۽ سلميٰ کان علاوه ٻئنڪ جي مئنيجر ارشد کي عامر نالي ننڍڙو فرزند هو، جيڪو پڻ علم جي حاصلات پوڀان لڳل هو. هيڏانهن وڏو سارنگ ۽ سندس ننڍي پيٽڻ رضيہ پيو سڀ خير!

هي منهنجي منڙي ۽ پياري ڌرتي، سائي ۽ سرسبز ڌرتي، شاهہ، سچل، سامي، اياز ۽ استاد جي ڌرتي، جنهن مٿان نہ ڄاڻ ڪيترن ظالمن ۽ آمرن پنهنجا ڪيس ڪيا، جبل ڪيريا، جنهن جا زخم وقت جي ويرن جي اثر کان گهتجي چٽي تاريخ بڻجي ويا، پر موجود هاڻوڪن زخمن کي ڪهڙي مرهم لڳائجي، ڪير ڳوڙها اگهي، خوشين ۽ مسرتن جا جهول ڀري پريت ۽ پاڀوهہ کي منزلون ملي سگهن ها. جنهن سهڻي سنڌڙيءَ مٿان ارغونن، ترخانن جي ڪيسن کان وڌيڪ ظلم ۽ جبر ٿيندا هجن. جنهن جي مٿان قبائلي رتوڇاڻ ڪرائي هن مٿان مدي خارج رسم ڪارو ڪاريءَ کي هٿي وٺرائي هزارين نوجوانن ۽ نينگرين کي ڪنو وڃي يا پوليس جي ورديءَ ۾ لڪل ڌاڙيلن يا ڌاڙيلن جي روپ ۾ قانون وارن جي ڳالهہ ڪئي وڃي؟؟

هو سوچن ۾ گم هو تہ اوچتو عاصمہ اچي پهتس، هن کي خيالن ۾ غرق ڏسي ڪيس يڪ ٽڪ ڏسڻ سان گڏ ڪائي حرڪت سوچڻ لڳي، سوچيائين تاڙي وڄائي چِرڪ ڪيدايانس يا ڪتي جي پونڪ ڪري، پر وري آخري خيال آيس تہ اکيون ٻوٽي اڳتي وڌي. ڪوٺيءَ اندر اوندهہ هئي. صرف بادبانن جي روشني هئي سا بہ نالي ماتر ۽ سارنگ سوچ ۾ ٻڏل. هوءَ در کان لنگهندي سڌو رخ سارنگ

جي سامهون نتيجي کان لاپرواهه ۽ بي غرض ٿي اندر ايندي رهي، تان جو اچي ڪٽ تي خيالن ۾ ٻڏل سارنگ جي مٿان بلڪل وچائجي وئي. سارنگ سوچن ۾ لڙهڻ کان پوءِ عجيب صور تحال کي پرکڻ جي ڪئي، پر حقيقت سمجهڻ کان قاصر ٿي ويو. ڇا هو ۽ ڇو هيو؟ اهو سڀ ڪجهه مٿان وچائجي وڃڻ واري صورتحال نه سمجهندي فوري طور هن عاصمه کي ڪلهن کان وٺي مٿي ڪيو ۽ پوءِ جهڙوڪر فوري طور عاصمه کي هوش اچي ويو. بي خيالي ٿيندي چيائين، ”او سوري! مان توهان مٿان ڪري هئس شايد...!“ شايد يا يقينن اهڙو سوال سارنگ جي زبان تي آيو، مگر هڪ رشتو هن کي روڪي رهيو هو، انهيءَ ڇوڪريءَ جي اهڙي عمل هن کي گنجرائي وڌو. هڪ طرف سندس محبت سلميٰ هئي ته ٻي طرف عاصمه ۽ عاصمه جي حرڪتن ان رشتي کي لُٽي ٿي وڌو. آخر گهڻي سوچ کان پوءِ هن جي ذهن زوري اها ڳالهه ٻولي ورتي ته اڄڪلهه ٿي ڪري حرڪت کي حقيقت ڪئي وئي هئي، هوءَ ٻار هئي. ننڍي هئي. دل ۾ وري طوفان هئس ته سلميٰ جي مهانڊي هوبهو، هن جي چاهت ۽ هن جو سڀ ڪجهه هن جي جهولي ۾ هيو ۽ هن انهيءَ جي ضرورت هوندي به ڪجهه به نه ڪيو. هن جي اندر ۾ رشتي، حقيقت ۽ اندر جي اڄ وارا ڦيراڪا شروع ڪري ڏنا.

”ڀائو! ڇا پيا سوچيو؟“ اڄڪلهه ٿي وئي.

”هي ... هي ... سڀ ڇا هو .....!“

”ڪهڙو؟“

”خير! ڇڏ انهيءَ ڳالهه کي، ٻڌاءِ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ “

”ڀائو! ڪهڙي دنيا ۾ غرق آهيو؟ ٻي هنڌ به ڪجهه آهي، رڳو ڪمري جي تنهائي ۾ ڪجهه ناهي؟“ ڇرڪ نڪري ويس. هي اشارو ڇا لاءِ هو. غلط فهميءَ کي جهٽڪو ڏئي ڪيڏي ورتائين. ڇوڪريءَ کي ريجهائڻ لاءِ ۽ موضوع مٽائڻ لاءِ پاڻ ڳالهايائين.

”زماني جون ستم ظريفيون وڏي وڻ ٿي ويون آهن. ڇا ڪجي انهن ڳالهين ڪري پريشان آهيان.“

”زماني جون يا وري ... منهنجي والدين جون...“

”اهو وري ڪيئن؟ “

”اهو وري ائين جو هن ئي حالت ۾ ادي بخشي ڇڏني ته شايد ائين گوندرن ۾ غرق ڪو نه رهين ۽ نه وري ڪنهن ڊپريشن جو شڪار!!“

ڪافي سارو شرمائجي ويو ڳَٽول ٽماٽي جيان.
”هڪ تہ ڳوٺن ۾ شرمائجي وڃڻ واري وڏي خراب روايت آهي. عورتون تہ عورتون پر مرد ۽ ڇوڪرا بہ شرميلا...“
ڇرڪ ڀري ڏٺائين. عجيب قسم جي اکين ۾ چمڪ هئس، هو ڳالهائي ۽ جواب ڏئي ان کان اڳ هن ئي چيس، ”ڀائو! ڇا ٿا ڏسو؟ شهري ڇوڪري آهيان، رنگ جي ڀوري ۽ ٿوري گهڻي شرارتي آهيان. نالو عاصمہ آهي ۽ توهان جي ٽيڻ واري سالي آهيان ... وغيره وغيره.“ ساهہ پٽيائين، ”سُجاتُوَ مون کي، ساڳي آهيان. مٽيل ناهيان.“ هن جي تيز ۽ بنا روڪ ٽوڪ جي ڳالهائڻ تي يڪ ٽڪ ڏسندو رهيو. هو ڪجهہ ڳالهائي ها، پر ٻاهران رضيہ سڏ ڪيس ”اڙي اچ تہ منڙي ڀير جا ڀير ڪائي اچون.“ پوءِ هو ٻاڻ خلا ۾ گهوريندو ئي رهجي ويو هوءَ ڇا هئي؟ ڪيئن هئي؟ انهن سوالن جا جواب پنهنجي اٿر سان هن کي ڏنگيندا رهيا. حرڪتون عجيب کان عجيب تر هئس.
ٻاهر نڪتو، دوستن سان ملان، پر وري موڊ مٽجي ويس. لڙي آيو ڀيرين طرف جتي هوءَ نِوڙي ڀير ميڙي رهي هئي. هو نہ چاهيندي بہ هن جي ڀرسان اچي پهتو. هوءَ رضيہ سان ڀيرن جي وزن ڪري لڙڪيل لامن مان ڀير پٽي ۽ ڪڍهن ڏوٽي ڏيڻ ۾ مشغول هئي. ان گهڙيءَ رضيہ کي گهر مان سڏ ٿيو تہ هوءَ جلدي پٽيل، ميڙيل ڀيرن جي جهولي لاهي گهر ڊوڙي هلي وئي. عاصمہ رضيہ کي ڪجهہ برو ڀلو ڳالهائيندي ڀير ميڙڻ لڳي ۽ هو هڪ ڀير جي ٿڙ سان ٽيڪ لڳائي ويهي رهيو. اوسي پاسي ڀين کي ڏسي پڪ ڪيائين. ڪنهن خوف کان بغير قاتل ڪپڙن ۾ لپٽيل ڦهري وجود جي اٿل پٿل کي گهوريندو رهجي ويو. ٻنهي حساس وارن اڀارن جي وچ ۾ ڦيراڪ جو نڪتل ليڪي دامن تائين اچي قيامت برپا ڪئي پئي. اهو سڀ ڪجهہ هن جي اکين جي گهرج ۽ ضرورت نہ هئي پر هن جي نظرن جي مجبوري هئي. اها هڪ حقيقت هئي جيڪا هن جي سامهون هئي. ڪير جهڙي اچي اجري بدن جي مالڪ عاصمہ اوڪڙو گوڏا پوئتي ڪري هٿ وڌائي رضيہ جا هاريل ڀير ميڙيندي بہ رهي تہ ناراضگي مان ڪيس ڳالهائيندي بہ رهي. هن جي نوڙڻ واري حالت مان سامهون ويٺل سارنگ سڀ ڪجهہ پسي رهيو هو. هن جي جهول ۾ ڀيرن پوڻ ڪري وزن ۽ نوڙڻ ڪري سيني جو اندريون ڏيک صاف ۽ چٽو هو، جنهن کي ڏسندي هو ٻاڻ وڃائي هن ڏانهن گهورڻ لڳو. هڪ طوفان ۽ زلزلو آيو، جنهن هن جي اجري من اندر ميراڻ

پري چڙي. رشتي جي عزت، مهمان نوازيءَ جي قدر کي پلائي بس هو ڪيس تڪيندو ئي رهيو. لالچي ۽ وحشي مرد جيان... آدم خور جيان... ان کان اڳ جو سڀ ڪجھ وڌي وڃي هوءَ پير ميڙي چڪي هئي اٿي بيٺي ۽ هن کي ڏسي مرڪي هن طرف وڌي آئي چيائين، ”جهول جهل“ چرڪي جهول جهليائين هن هلندي اچي وري ويٺل سارنگ طرف ٿورو جهڪي آهستي پنهنجي جهول مان پير لاهڻ شروع ڪيا. سارنگ هن جي چولي اندر سموري قيامت کي پسي ورتو، هن جي اکين اڳيان ترورا نچڻ لڳا. انهيءَ پوزيشن ڪري هو گگ ٻاڙيندو رهجي ويو.

شام پنهنجي وجود کي وڄائي ٻاڙهي ڪنوار جي روپ کي اختيار ڪري ڪاري چادر اوڍي پنهنجي فنا جو احساس ڏياري ورتو. ڪاري اماس جي رات ـ اوچتو گهر جي لالٽين جو تيل ختم ٿي ويو. ان گهڙي الائي ڪنهن اچي هي نياپو پڄايو تہ ”سارنگ جي ماسيءَ کي وڇونءَ ڏنگي وڌو آهي.“ جلدي ۾ ماڻس ۽ پٽس روانا ٿيا ۽ رضيہ بہ عاصمہ کان بغير موڪلائڻ جي رواني ٿي وئي. باقي گهر ۾ سارنگ ۽ عاصمہ اڪيلا تنها، ويڳاڻا رهجي ويا. پرسان واري گهر جي هنن جي گهر کي پٺي هئي، تنهنڪري چگي پلي آواز ۽ هڪل کان پوءِ ڪنائڻو پوندو هون.

اڪيلائي ۽ تنهائيءَ جي احساس کان وڌ شام کان اڳ وارا سڀ پيش آيل منظر هڪ هڪ ڪري فلمي سينن وانگر هلندا رهيس. ڪيڏا حسين پل ۽ عڪس هئا انهن پيرن واري منظرن جا. وري احساس رشتيداريءَ کان ضمير جي ڇهنڊيءَ تائين پڄايس، چيائين، ”دڪان تان تيل وٺي اچان“. دريءَ طرف وڌيو، جيڪا اندرين ڪمري ۾ هئي. اوندهہ ۾ هٿوراڙيون هڻڻ لڳو تہ اوچتو ۽ تيزائي سان عاصمہ رڙ ڪري هن سان ويڙهجي وئي، ”پائو! خوف ٿو ٿئي...“ پر هاڻي پائوءَ جو لفظ سارنگ جي ڪنن ۾ بي معنيٰ هو، هن جي تن من ۾ بس شيطاني سوچ جو اثر اچي ويو هو. وحشت ۽ حيوانگيءَ هڪ معصوم وجود کي جهٽي ورتو. حالتن ۽ اثر کان واقف نازڪ انداز کان رڙيون نڪرڻ کان دٻجي ويون ۽ ائين پوءِ هن اڳيان زمين آسمان ڦرڻ لڳا ۽ ڦرندائي رهجي ويا.

ظلم ۽ جبر جي احساس کان واقف ٿيندي سارنگ پنهنجو پاڻ کي وڙهڻ ۽ ڏک هڻڻ لڳو، پر سڀ ڪجھ وقت جي وهڪري جيان وهي چڪو هو. ڪجھ بہ هٿ وس نہ هوس سواءِ پڇتاءُ جي. چنچل ۽ ڪلٽي معصوم ڇوڪري

خاموشي ۾ انهيءَ گھر جي عزت ۽ لڄ رکندي اتي ڪڙي ٿي ۽ سيڪجھ سَهي ماٺ رهي پر اندر ئي اندر پڄي پور ٿي پئي هئي، ٿني وڪري گھر وارن جي عزت کي داغدار ڪرڻ کان ڪنارو ڪندي سڀ حقيقتون ۽ حالتون مٿائي درد لڪائي ٻڄھ رکي واپس ايندڙ گھر وارن سان ملي وئي، جيڪي هن ڇوڪريءَ جي اوچتي جوان ٿيڻ کان واقف ٿي، ڪيس چنجھين ۽ عجيب نظرن سان ڏسندي رهجي ويا. سوال سوال رهيل هئا. اڳلي ڏينهن عاصمه واپس شهر وڃي چڪي هئي.

شهر ويندي گھر وارن خاص ڪري سلميٰ، جيڪا سندس وڏي ڀيڻ ۽ سهيلي هئي هن جي اوچتو واري تبديليءَ جا ڪانئس ڪارڻ پڇيا. ڪانئس آڏا سوال وغيره ڪيا. پر هوءَ خاموش ۽ ڦڪي ڪل ڪلندي رهي. رت جا ڍڪ، زهر جا پيالا اندر ئي اندر اوتيندي رهي. ڀيڻ جي گھٽي زور ڀرڻ تي ايترو ئي چيائين، ”ادي تنهنجي ئي ڪري هي حالت آهي.“ انهيءَ کان وڌ هن جي زبان تي تالو هو.

انهيءَ ڏينهن ۾ سارنگ جنهن پريشاني ۽ پڇتاءَ جي احساس کان گذري رهيو هو. هر هر انهيءَ خيال ايندي وحشيانه لمحن جي سموري ماجرا اکين اڳيان ڦري ايندي هئس: ڪيئن ڪريان. انهيءَ جرم ڪرڻ کان پوءِ مان هڪ پياري رشتي کي ڏنڀي رکيو اٿم... ڪيئن انهيءَ رشتي سان حقيقتي ۽ ظاهري طور ملندس. جنهن رشتي ۾ هوءَ اڇڻ واري هئي. هن جي محبوبه سان ميل واري حقيقي سفر شروع ٿيڻ کان پوءِ هوءَ سندس سالي ۽ جھڙوڪر هڪ ڀي ڀيڻ هئي. هڪ ڀيڻ سان اها ناجائز حرڪت ڪري هن خوب پڇتايو هو. ڪيئن ايندس انهيءَ جو سامهون... انهيءَ کي ڀيڻ چئي سگھندس؟ مان ڪيڏو وحشي ۽ سفاڪ آهيان جو هڪ ريشم جھڙي وجود کي ڏنگيو اٿم.“

نيٺ هڪ ڏينهن پيءُ ماءُ جي زور ڀرڻ تي تاريخ ٻڌڻ کان اڳ انهن ڏانهن ويو هڪ هڪ وک مڻ جي هئس. دل جي ڌڪ ڌڪ وڌيل هئس ته ڪڏهن رکجي ساهه منجهائي رهي هئس. ڪيئن سامهون ٿيندس. هٿ ڏيڻ آئي ته ڏيندس؟“ اتي پهتو سڀ ساڳي سڪ ۽ حب سان مليا. انهيءَ خوف کان سندس جان آجي ٿي وئي.

عاصمه آئي، مليس، مٺيل هئي، مختلف هئي، مليس ته ”ڀائو“ ڪونه چيائينس. ”ڀلي آئين.“ ۽ بس الجهيل الجهيل هن جو خوف ۽ حراس ختم ٿي

ويو. وجود ۾ اضافو ڪو نہ هو. انهيءَ جي پرک ۽ پروڙ هن جي وجود مان پئجي ويس. البتہ هوءَ الجهن واري صورتحال ۾ ڪو بہ فيصلو ڪري سگهي پئي. ڪول ڪري پئي سگهي. ان ڪان علاوه سموري عزت مان ۽ سندس مرتبو ختم ڪري خاڪ بسر ڪري سگهي پئي. وقت جي وهڪري ۾ هلندي ڳالهيون چرڻ لڳيون، ان ڏينهن سارنگ، ماڻس، پٽس ۽ پيٽس موجود هيا. ٻي طرف سلميٰ جا سڀ گهر ڀاتي موجود هئا. بس عاصمہ ڪو نہ هئي. ڪيس انهيءَ ڳالهہ تي حيرت بہ ٿي تہ ڪاوڙ بہ آئي. ڳالهيون پويون هيون من جون مرادون پوريون ٿيڻ واريون هيون. انهيءَ ڪري سڀ ڳالهہ ڪي رفع دفع ڪري ڇڏيائين.

سارنگ ۽ سلميٰ ٻئي تنها ڪمري ۾ اندر ئي اندر مستقبل جي پروگرامن ڪي طئہ ڪرڻ جي خاموشيءَ ۾ موجود هئا. هُو هن جهان ۾ پاڻ ڪي خوشنصيبب سمجهي رهيا هئا. جڏهن تہ اڪيلي ڪمري ۾ تنها عاصمہ پنهنجي اندر ۾ ڪڙهي رهي هئي. انهن لمحن ڪي پٽي ۽ پاراتا ڏئي رهي هئي، جن نياڳن لمحن ۾ هن وحشي سندس رت ۽ ست چوسي ڪانئس منڙي دنيا ڪسي ڪيس سوچن جي اپاڳي حالت تي رسايو هو. اهو ئي درندو ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ سندس پيٽ ڪي ماٽي رهيو هو. هن مرد ڪي عورت جي طرف ڪان انهيءَ ناجائزي جي ڪا بہ سزا نہ ملي. سندس من موجن ۾ هو تن خوشين ۽ مسرتن ۾ هيو. هن جي اندر جي خاموش ۽ ستل عورت ڪر ڪنيو ۽ هن پنهنجي زيادتيءَ جي حساب ڪتاب لاءِ آواز اٿاري، هن وحشيءَ وجود ڪي خوار ڪرڻ لاءِ پورو پورو عهد ڪيو. پوءِ هوءَ سڏڪن ڪي بند ڪري پنهنجا ڳوڙها خشڪ ڪري بند ڪمري جي لاڪ ڪولي اندر ڪاهي آئي. اندران ٻئي وجود ساڪت ٿي ويا. حيرت جي حد ئي نہ رهي. در جي ڪنڊي لڳائي ڇڏيائين. اندران هلچل مچي وئي. هنن ڳالهائڻ جي ڪئي، مگر هن ڪنهن شينهڻ جهڙي راڙ ڪري هڪل ڪئي، ”پنهنجي ڳالهائڻ بجاءِ منهنجي ٻڌو.“ هن جي هدايت تي حيران ۽ ڪاوڙ ۾ سلميٰ چپ ٿي وئي، جڏهن تہ سارنگ هن تيز نظرن جي اثر ڪي پروڙي ورتو، راز ڪلڻ وارو هو. حقيقت ڪلڻ واري هئي، جو خوف تلوار جيان سندس سسيءَ مٿان لٽڪي پيو. سوچيائين ”زمين جاءِ ڏي لهي وڃان.“ پر زمين تہ اڳين ظلم ۽ ڏاڍ تي نہ ڦاٽي تہ هن ڳالهہ تي ڪيئن ٿي ڦاٽي سگهي.

”ادي! تون هن وحشيءَ سان شادي ڪندينءَ... اونداهي رات ۾ اڪيلو ڏسي مون سان منهنجي نازڪ نفيس وجود سان جنهن ڪيس ڪيو؟

حشر ڪيو؟ هن ڪان پڇ تہ منهنجن نرم پشم جهڙن ارهن کي چيپاتي، چٿي ۽ چڪي هن ڇو منهنجي جسم جي گل کي مروڙي پنهنجي خواهش کي پورو ڪيو. هن ڪان پڇ تہ منهنجي پاڪ ۽ صاف دامن ۽ جسم کي داغدار ڇو ڪيائين؟ ڪمري ۾ صفا قيامت جهڙو منظر هو. سيني جي اندر ۾ ڪئي قيامتون گذري رهيون هيون. الزام ۽ حقيقت اڳيان ضمير جي لوڙ ۽ زور اڳيان سارنگ سر نوايو، گناهہ جو قبولدار ٿيڻ جي اڪيون بند ڪري پنهنجي سزا ٻڌڻ جي انتظار ۾ هو، سندس محبت، سندس دنيا سلميٰ چيو، "تون تہ عزت وارو ناهين. باقي اسان عزت وارا ضرور آهيون، ان ڪري ستو آهي تہ تون هتان هينئر ۽ هن وقت ئي سموري خاندان سميت نڪري وڃ. مان اُنَ وحشي سان شادي جو سوچي بہ نہ ٿي سگهان. جنهن منهنجي معصوم ۽ نازڪ پيٽڻ جي وجود کي چيپاتي مروڙي وڌو آهي." هوءَ جذباتي ٿي وئي. سارنگ هارايل جواريءَ جيان خالي هٿين ۽ خالي جهول سان واپس در تي پهتو تہ پويان هڪل ٿيس "بيہ" هي مُڙيو عاصمہ جي نظر پيٽڻ طرف هئي. چيائين، "ادي! تون ڀل هن سان شادي نہ ڪر... پر مان هن وحشيءَ سان شادي ڪنديس." هڪ وڏيڪ ڌماڪو ڪمري ۾ سيني جي دلين تي ٿيو. خاموش حيران نظرن لامارا هڻڻ شروع ڪيا.

"ادي! هاڻي منهنجي دامن تي داغ لڳڻ ڪري مون کي ڪو بہ قبول ڪونہ ڪندو. انهيءَ ڪري پنهنجي داغ کي هنن جي خاندان اڳيان نروار ڪرڻ لاءِ هن کي، هن جي ضمير کي ڏوهي ۽ قيدي بڻائي سزا ڏيڻ لاءِ مان هن سان شادي ڪنديس. هن سان شادي ڪرڻ ڪان پوءِ هر ويلي هر سمي هن کي پنهنجن انهن لمحن جي اذيت ياد ڏياريندس- اٿندي ويهندي، هن جي وجود، دل ۽ دماغ کي انهيءَ ظلم جي سزا ڏيڻ لاءِ منهنجي زبان ۽ پنهنجي نظرن جي ڌڪار جي سولي هن لاءِ تيار ڪئي اٿم. جنهن جي اثر ڪان هي زنده تہ هوندو پر لاش جي صورت ۾ ... ۽ بس!" هوءَ نڪري وئي. سارنگ بہ سلميٰ جي نڪري وڃڻ ڪان پوءِ اڪيلو رهجي ويو، سوچيائين، منهنجي ظلم ۽ زيادتيءَ جي سزا سوليءَ واري ٻڌائي تو منهنجو بار هلڪو ڪيو آهي عاصمہ ـ تنهنجي سزا ناڪافي آهي. ڇو جو منهنجو گناهہ وڏو ۽ هيءَ سزا تمام ٿورڙي آهي، جيڪا مون کي قبول آهي...!"

***

# سوڍل سائين

**سوڍل** سائين کي تَرَ جو ڪير نہ سڃاڻي، نامي گرامي خاندان جو چشم و چراغ! ننڍو هجي يا وڏو، زائفان هجي يا مرد، مير هجي يا فقير، ايرو هجي يا غيرو، مطلب تہ هر قسم، هر نموني جا ماڻهو سائينءَ کي سلامي! سوڍل سائين بہ تہ سَتَ پيڙهيو ڪاني ڪماني هُيو. ڏاڏهنس، جمال سائين بيٺل پت، هَڪل سان ۽ حڪم سان هلائي، پڻس وڏل سائين! هڪ وڏو ناظرو سيد، جنهن کي نظر لڳيس، اُڦت ماريس، اصل دير ئي نہ ڪريس، ڪيئي سهڻا، سيبتا جانور ساهہ هاري ويا، هڪ خوبصورت نينگر بہ ڦٿڪي، ڦٿڪي دم ڏنو. تڏهن ئي تہ سڀ ئي ماڻهو، هر سهڻي ۽ سيبتي شيءِ ڪٺي، يا وٺي سائينءَ کان نظر لهرائڻ ايندا هئا. وڏل سائين بہ اهڙي نظر لاهيندو هُين جو سڄي عمر جي لاءِ گارنٽي! ننڍن ٻارن ۽ جوان عورتن ۾ اهو مرض، مِڙوئي سرس رهندو هو. هر ڪم جو ٻاڳيو هيو، سيڻي آڳريون گيهہ ۾ هيس. مال ئي مال هيس، نذر، نياءَ سان سرشار ۽ ٺمثار هيو. قدرت جي ڪمال سان، زندگيءَ جي پوين پساهن دؤران بہ، نظرو ٺوڙڻ جون فرمائشون ڪندو هو ۽ ائين نظر ٺوڙيندي ئي مالڪِ حقيقي ڏي وڃي پويان پنهنجو جانشين سوڍل سائين ڇڏي ويو هو، جنهن جي حويليءَ پاسي ٿهيل خانداني ۽ شاندار بنگلي اڳيان، بنگلي اندر زائفن ۽ ٻارڙن جا انبوهہ لڳل هئا. اڄ جمعي جو ڏينهن هُيو ماهہ پهريون جمعو....!

”سوڍل سائين! جيئين سدائين، ڇوڪريءَ کي اڌ مٿي جو سور ڇڏي ئي ڪونہ ٿو...“ جهوني جاني هٿ جوڙيندي سائينءَ آڏو ليلايو.

”سائين! منهنجي ننهن! منهنجي عزت ڪونہ ٿي ڪري، ڪوئي اڪر اُڪري ڏيو تہ سدا سلامي رهي...!!“ ٻيڊڙيءَ دانهن ڪئي.

”سرڪار! مونکي منهنجي ڏيءَ جو عيوضو، پٽ لاءِ ونرائي ڏي... تنهنجو در نہ ڇڏينديس، سرڪار! منهنجو عرض اگهاءِ تہ ڇوريءَ سوڌي سلامي نہ ڏنم تہ منهنجو نالو مائي حور متائي، ڪاري ڪتيءَ تي رکجان...!!“

سوڍل سائين، جي اندر جي ملال کي جلال آيو، وڏو آرس پڳائين، اکين ۾ ڪئي پوپٽ رنگ لهي آيس.

”سوڍل سائين! سوالي نہ خالي. ڪجهہ پسڻ ڪريو، ڪائي مِهرَ ڌريو تہ جوان جماڻ ڇوريءَ جي شادي ڪرائي، بار لاهي ڇڏيان“ سوالڻ جا هٿ جوڙيل پوتي ڪنڌ ۾ هئي. سوڍل سائينءَ ڪنڌ لوڏيو.

ويهن ــ ايڪيهن سالن جي سانوري رنگ واري مريم وڏي آئي.

”سائين! منهنجي ڀتاري، ڪالهاڪون مِڙئِ بند ڪري وئي آهي... ڪائي مدد ڪريو... توهان در دانهن آهي... ٻي ڪا واهہ ناهي...“

سوڍل سائين جي اندر ٻاهہ ڀڙڪو ڪاڏو، بند اکيون کوليائين، وري ٻوٽي جلال مان رڙ ڪيائين ۽ ساڳي سمي، سيد سڳوري جو ساڄو ۾ ڪرامتي هٿ، سوالڻ جي مُنهن تي پهتو، سائين اُٿيو، اکيون لال هئس، سَٽ ڏئي مريم جي چنڊن ۾ هٿ وِڌائين. ٻہ چار مکون پٺيءَ ۾ ڪُکِ واريون لڳڻ سان سوالڻ جي رڙ ئي دٻجي وئي. ساهہ ٻوساتجي ويس، سڄي زندگي اهڙو ڏک، محسوس نہ ڪيو هئائين، ڏکن سان گڏ ڪچيون گاريون جاري، ساري هيون: ”تنهنجي ماءُ... تنهنجي پيڻ... تنهنجي ڪچي... تنهنجي پڪي...! مونکان!... مونکان ڍورن لاءِ تعويذ لکائڻ آئي آهين... ڪرامتي سيد اڄ اڄي اتي پهتا آهن، جو ڍورن لاءِ پنهنجي ڪرامت ضايع ڪن...“ پوري هال ۾ سانت، سيئي حراسيل، جهڙوڪ موت وارو، وَرايو هو. سوڍل سائين شينهن وانگر پئي گجيو. اوچتو اهو گجڻ بند ٿي ويس. سوالڻ، مريم تي نظر پئي هيس، سڀ ختم ٿي ويس. مريم جي منهان رت وهي رهيو هو. بي هوش و حواس هئي، سوڍل سائينءَ کان جان مان رت ڇڏائي وئي. دل ۾ چيائين ”مائي! شايد مري وئي“. پنهنجي پاران جِند ڇڏائڻ ۽ ڏيان هٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪري، اکيون بند ڪيائين.

”سيني ضرورت مندن، ۽ حاجتمندن، پنهنجا سوال ڪري مدد حاصل ڪري ورتي آهي... سياڻي صبوح سان پنهنجا، پنهنجا تعويذ ڪٽي وڃجو“. پوري هال ۾ يڪ تڪ مبارڪ، مبارڪ جا آواز گونجي اُٿيا، ڪئي جٽيون وڏي

آيون، پنهنجي عرض اڳهاڻ ڪان پوءِ عقيدت مان هٿ چمڻ لاءِ، پر سوڍل سائين، سندن خواهشن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. ٿوري دير بعد سائينءَ ڳالهايو:

” اڄ هن مائيءَ اسان وٽ اچي، اسانجي خانداني ڪرامت ڪي للڪاريو آهي، ڪاوڙ ۽ غصو تہ ڏاڍو آهي، پر هي در ڏيڻ لاءِ سدائين سخي رهيو آهي، انهيءَ ڪري مائيءَ جي سوال کي بہ پورو ڪبو!“ سوڍل سائينءَ جي ڳالهائڻ دؤران مريم ڇُرڻ، پُرڻ ڪان پوءِ اُٿي کڙي ٿي، اکين ۾ خوشي ۽ سور جون ڳاڙهڙ، ساڏڙ لهرون هيس، اُٿي اچي صوفي تي ويٺل سوڍل سائينءَ کي پيرن تي هٿ رکي سڏڪڻ لڳي. بيچيني واري ڪيفيت ۾ گهمندي ڦرندي سوڍل سائين جون نظرون مريم جي ڪاٻي ڳل تي پئجي ويون. سوڍل سائين کان ڇرڪ نڪري ويو. سامهون ڪاٻي ڳل تي، ساڳيو ئي تر هئس، جهڙو تر سائين وڏي جي ڪاٻي ڳل تي هيو. آنڊ مانڊ شروع ٿي ويس، تڙ تڪڙ ڪري، مريم جي مٿي تي هٿ رکي حاويليءَ ۾ هليو ويو.

40 سالن جو سوڍل سائين! رنگ جو پورو، قدر آور، ڏاڙهي ڪوڙ، وڏيون مُڇون وڪڙ سان، وڏي جاهہ ۽ جمال وارو لڳندو هو. مريدن ۽ عقيدت مندن جي آڳهائيءَ سِوا پيا بہ شوق هئس. تترن جو شوق، سنا تتر، ڪارڙا، بگڙا ۽ ايراني نسل جا تتر، ڪڪڙن جا ذوق، پلي ۾ پلا نسل، جاوا، ڳاڙها، پيلا، خاڪي ۽ ڄ٘را ڪڪڙ، ڪئي ڪامورا، ڪئي رئيس، ۽ ڪيئي سردار، سائينءَ جي شوق، سائينءَ جي ذوق جا سمورا رنگ پسڻ لاءِ ڪوهہ لتاڙي اچي پُڄندا هئا ۽ سيئي شوق ڪرڻ ايندا هئا. شڪار لاءِ پلا اچن بہ چونہ، جوءِ بہ جام تہ جهنگ بہ گهڻو، مال متاع تہ چرڻ اچي ئي اچي. تيتري تترن لاءِ، ڪوڪڙي، ڪڪڙن لاءِ، گوئر ڏاندن لاءِ۔ پياسا پياس وسائڻ لاءِ، سوالي، جوابن لاءِ، ايندا ۽ ويندا هئا.

هر فن مولا سوڍل سائين انهيءَ کان علاوه ٻن، ٽين شوقن جو پورائو بہ ڪندو هو، جيڪي شوق صوبيدار سخي بيگ ۽ سوڍل سائينءَ جا گڏيل شوق هئا، انهن ڪي ئي پروڙ هئي، ڇا تہ شوق هين.

”واهہ واهہ! سائين! پنهنجو شوق بہ زبردست شوق آهي“. صوبيدار ڪلندي چيو:

”شوق، صرف شوق!“ سوڍل سائين ٺهڪ ڏيندي چيو ”اڙي سخي بيگ! عشق آهي عشق موج ۽ مزو آسمان جو سير آهي“.

”سائين! سائيءَ جي جوش ۽ خروش تہ سڀ پاسا ساوا ۽ سرسبز ڪري ڇڏيا آهن“.

”سخي بيگ! رڳو ساوا ۽ سرسبز“ سوڍل سائين شيطاني ڪل ڪليو.

”سمورا حواس جنت جو سير ڪري رهيا آهن“. جنت سان ياد اچي ويس بنان رُڪجڻ جي ڳالهايائين ”يار! اڄ ڇا تہ شوق ڪرايو اٿئي، سچي عمر آئي، اهڙو ڇورو۔ ڇوري جو حسن نہ ڏٺو نہ واٺوم!!!“. سائين چپ ٿي ويو.

”سائين! رڳو حسن“ صوبيدار سخي بيگ شروع ٿي ويو. ”قدرت جو حسين خزانو هيو، خزانو...“

”ميان سخي بيگ! ڇڏ خزاني کي“. سوڍل سائين ڳالهہ ڪٽي ورتس ”ڇوري جي جاهہ ۽ جوانيءَ بابت ڳالهاءِ؟“.

”سائين! عمر جا پاڳيا توهان“ صوبيدار سخي بيگ ٿڌو ساهہ کنيو.

”اسان تہ سائي، سوائيءَ ۾ پورا هياسين، بس اهو ئي ڇاتوسين تہ اڄ شوق مِڙوئي سرس ٿيو آهي، وڏيڪ تہ توهان ئي ٻڌائي سگهو ٿا، ڇو جو الا توهار توهان ڪئي هئي، اسان جي ڀاڳ ۾ تہ سدائين ڀاڇل ايندي آ!!“

”اڙي سخي بادشاهہ!“ سوڍل سائين دلجاءِ ڏيڻ جي ڪيس ”ڇڏ انهن ڳالهين کي، ڪي پيون ڳالهيون ڪر...“.

”بس سائين! ڇڏيو پين ڳالهين کي پي“. سخي بيگ بہ ڪڪ ٿي ڇيو: ”ڪجهہ آرام جي سوچيو، مونکي تہ صبح سان ايس پي صاحب سان بہ ملڻو آهي“.

”چڱو صبح سان ملبو...“. سائين ٿڪاوٽ ۾ موڪلائڻ جي حالت ڪان پاسو ورايو.

سوڍل سائين تَرَ جي ڄاتل، سڃاتل شخصيت ان عمر تائين شادي ئي نہ ٿي ڪيائين، شادي ڪري بہ ها تہ ڇو، شاديءَ وارا سڀ شوق پورا تہ ٿيندا هيس. پوءِ بہ نسل وڌائڻ ۽ خاندان پيدا ڪرڻ لاءِ، جيجل ڇئي ڪيترين ڇوڪرين مان هڪ ڇوڪريءَ سان جيءَ جوڙي وِڌو هئائين، جنهن سان ٿي مهينا اڳ شادي ڪري ڪيس حويليءَ وني آيو هو، شاديءَ رات سرجهُڪايل، اجايل ۽ بکايل سانئڻ مومل ايترو تہ پيار ڏنس جو، هو مدهوش رهجي ويو. انهيءَ مدهوشيءَ ۾ نيٺ هوش آيس، عادت مجبور ڪيس، حق ڪان ناحق طرف سُريو، تہ رُڪڻو پيس، سامهون رڪاوٽ، مضبوط جبل جيڏي ۽ ارادي ۾ سمنڊ جيڏي

گھرائيپ هئي، اڻ تٽ ۽ ڏاڍي مڙس سوڍل سائين! پنهنجي عزت ۽ وقار جي توهين ڪان، جنگ ۾ فاتح بڻجڻ لاءِ پاڻ روڪي ڇڏيو. اڄوڪو ڏينهن ٻه مهينا پورا ڪرڻ وارو هوس. مومل ڪي مرڪي نه ڏٺو هئائين، ڪم سان ڪم رکي، گھڻو تڻو بنگلي تي رهي پنهنجا ذوق ۽ شوق پورا ڪندو هو.

حالتن ۽ واقعن آنڌ مانڌ وڌايس، بي چيني، بي قراري حال ۾ آندس، چؤڦير نظر ڊوڙايائين. صوبيدار سخي بيگ ڪونگھرن ۾ هو. اوسي پاسي هڏيون، ڇٽن ۽ مڱن جي دال، خالي گلاس ۽ بوتلون، لُڏندي، لمندي نظر آيس، بدبوءِ وڪوڙي ويس، الائي ڇو پھريون ڀيرو ڪمري مان، سامان مان، صوبيدار سخي بيگ مان ۽ پاڻ مان بدبوءِ اچڻ لڳس. ساهه اڌ ڪان موٽڻ لڳس. پڪي جي اسپڊ تہ وڌايائين مگر بوءِ پوءِ بہ پنهنجو اثر قائم رکيو. پڪي جي اسپيڊ ۽ آواز سان پنهنجا خيال، ڦرڻ لڳس، پاڻ ڪان نفرت وٺي ويس، ڪريپ ٿيڻ لڳس. سڀ عمل، سڀ ڪردار آڏو آيس تہ ڇرڪ نڪري ويس، سانئڻ مومل ياد آيس تہ ڀڙڪي سان اُٿي ويو.

سوچي ورتائين، ”ويچاريءَ سان ظلم ڪيو آهي، هڪ عورت جي عظمت کي داغدار ڪيو آهي، مومل جي پيار ۽ احساس جو قتلام ڪيو آهي... مان معافي وٺندس، پيرين پوندس... آهون نيزاريون ڪندس، سڀ ظلم، ڪيس ۽ ناحق ڇڏي حق ۽ سچ طرف ايندس“.

سيئي پڇتاءَ بنگلي تي ڇڏي، مومل جي محبت ۽ قرب حاصل ڪرڻ لاءِ حويليءَ جو رخ ڪري، چپ چپات ۾ مومل ڪي سرپرائيز ڏيڻ لاءِ، پنهنجي ڪمري جو در ڪوليائين، تہ در کولڻ سان سرپرائيز ملي ويس، تيز بلب جي تيز روشني ۾ نظر پئجي چڪي هيس، بيڊ تي سانئڻ مومل ننڊ ۾ ستل هئي، ۽ ساڻس گڏ، سندن ذاتي ڊرائيور خدن ٻي ننڊ ۾ ستل هيو!!

***

# پــاڙي

**سڪندر** جڏهن کان هوش سنڀاليو هو، تڏهن کان هن پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ مسڪين ماروئڙن کي مدي خارج ريتن ۽ رواجن جي سِنگهرن ۾ جڪڙيل ڏٺو هو. ظلم ۽ جبر جي علامت بنيل رئيس سهڻي خان، پنهنجي نالي جي ابتڙ، بدصورتيءَ، چالاڪي ۽ حرفتن جي انتها ڪري ڇڏي هئي. پورو ڳوٺ سندس قول ۽ فعل سان ٻڌل هيو. ڪير ڪُڇي، ڪير ڇِنگهي، ننڍا، وڏا ٻار ۽ تڪليفون سيني کي سَهڻيون پيون، نہ سَهڻ وارو ويتر عذابن ۽ ايذائن کان ٽپي سيئي مظلوميت جون حدون اُڪري ويندو هو. تعليمي قابليت جي بنياد ۽ انهيءَ جي اثر سبب سڪندر ظلم کان بچي ويو. پنهنجي انفرادي بچاءَ کي اجتمائي طور ڦهلائڻ ۽ خوف هٽائڻ لاءِ هن اعلانِ جنگ ڪري ڇڏي. رئيس سهڻي خان جي چيلن ۽ چمچن جا ٻي جا ۽ فضول ڏاڍ مڙسيءَ جا سڀ ڪم ۽ سڀ عمل بند ٿي ويا. ڪيترن سالن کان، ظلم ۽ ڏاڍ جي ڌڪاءَ کان رُسي ويل سڪون واپس اچي ويو. پوري تر جا ناجائز ۽ ڏاڍ جا ڪم ختم ٿي ويا. سڀني ذاتين جي فردن پنهنجي مٿان داٻي کي، ٽٽندي، ڀور، ڀور ٿيندي ڏٺو. رئيس جي ”ها“ تي، نَهَ، ۽ نهہ تي ها ڪرڻ وارو جمي چڪو هو، مزاحمت جي انهيءَ سَرڪردي نوجوان سڪندر جو نانءُ سِگهو ئي ساري تر جي زائفن، مردن، ٻارن، ٻڍن ۽ سڀني جي زبان تي اچي ويو هو. هن نئين دم، نئين مجال، غلط ڪم جي مخالفت، جائز جي حمايت، وڏي عرصي جي دهشت ۽ داٻي کي ٽوڙي مروڙي، حق کي حق، ناحق کي ناحق طور نروار ڪري ڇڏيو. رئيس سهڻو خان وقت جي واءُ کي سمجهي ئي سمجهي، تيستائين هڪ وڏيڪ وارُ سَهڻو پيس، پنهنجو خاص ماڻهو نورل،

پنهنجي مائٽ رمضان سان اُرهه زورائي جي جواب ۾، سڪندر جي ڪوشش سان لاڪپ تائين پهچي ويو. رئيس سهڻو خان نورل جي سالن جي وفاداري ۽ ٻڌائي طاقت مان، نورل سان نياءَ جي چونڊ ڪري، پوليس معرفت سڪندر کي هيٺ ڪرڻ جي به نيت ڪئي، پر قدرت سندس بي جا ڏاڍ جي تسلسل کي ٽوڙڻ ۽ شيطاني عملن کي نروار ڪرڻ لاءِ سڪندر کي موڪليو هيو. جنهن مزاحمت ڪري پاڻ مڃايو هو.

رئيس سهڻو خان، حد جي ٺاڻيدار ڏي ڪهي ويو. ٺاڻيدار سندس پڳ مٽ يار هيو. ڇوڪري سان زوريءَ جو ڪيس هيو، تنهنڪري، ڪنگهي به نه ها، رئيس راضي ڪري ها! پر سڪندر سامهون هيس. انڌ ۽ ڏاڍ اڳيان، مظلومن، ظلمَ سهي، سهي باغي بڻجي، سينو تاڻيو هو. ڏاڍ ۽ جبر جي للڪار تي خونخوار شير ڇرڪي ۽ جاڳي پيو. جهور پوڙهي رمضان ۽ نوجوان سڪندر کي ڪوبه خوف نه هيو. رئيس سهڻي خان، پنهنجو رعب بحال رکڻ لاءِ ڳالهايو "صوبيدار صاحب! ڊيگهه ناهي، ڳالهه ٿوري، نورل بيڏوهه آهي، ڪراڙي رمضان الائي ڇو پنهنجي پٽ سان ڇيڙڇاڙ جو ڪوڙو الزام هڻي، پنهنجي ڪُڌات هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي، ۽ اهڙي الزام کي ٺاڻي تائين رسائڻ ۾ نوجوان سڪندر جو ئي هٿ آهي. اسان پنهنجي بدناميءَ جو سور پي سگهون ٿا، پر ان شرط تي ته رمضان ۽ سڪندر ڪيس تان هٿ کڻي معافي وٺڻ لاءِ تڏي ميڙ کڻي اچن....".

صوبيدار، رمضان ۽ سڪندر کي ڏٺو، سڪندر کي غصو وٺي ويو، پاڻ سنڀالي، سِرَ جو جواب پٿر سان ڏيڻ لاءِ هن ڳالهايو "... صوبيدار صاحب! تَنهن جي معنيٰ اُلٽو چور، ڪوتوال کي ڊيڄاري.... رئيس گهٽا ڏينهن، پنهنجي ڏاڍ، پنهنجي ڍڪاءَ جي ڪمائي کاڌي آهي، هاڻي سموري کاڌل ڪمائي، وياج سميت ادا ڪرڻي پوندس". رئيس کي پيرن کان وٺي مٿي تائين باهه وٺي وئي. صوبيدار به ڇرڪي پيو، اکيون ڪليل رهجي ويس. صوبيدار ته مات رهيو پر رئيس پاڻُ روڪي نه سگهيو... "سڪندر! نانگن جي ٻِرَ ۾ هٿ وجهندين ته ڏنگجي، ختم ٿي ويندين.... نئون رَتُ اٿئي، ويرُ نه وجهه، متان پڇتائڻو پوئي....".

"رئيس! باهه سان کيڏڻ وارن کي سڙڻ جو فڪر نه هوندو آهي". سڪندر سنجيده ٿي وار ڪيس.

رئيس سهڻي خان سمجهي اڻ سمجهيو ڪري ڇيو "سڪندر! تنهنجي نيت ڇاهي...؟"

”رئيس سھڻا خان! عزت ڏي عزت وٺ، محبت ڏي محبت وٺ، ھٿ ڏئي ھٿ وٺ، نہ ڪي، ظلم ڪري ظلم ونجان، ذلت ڏئي، ذلت ڏسجان، ۽ نہ ئي سر ھٽي پٽڙ جھلجان...“. رئيس جا چمچا اُلري آيا. پر ٽاٽي جي خيال، رئيس جي ھڪل ۽ سڪندر جي ساٿين آڏو نري ويا. سھڻي خان ڪاريھر جھڙا وٽ ڪاڏا، چيائين ”بس ڙي وات ٻاڙھا، ڪالھوڪا ڇورا!... تنھنجي ايڏي مجال جو...“. ”رئيس! پيئي نہ ملڪ جھان جي خبر“. سڪندر ڪتي وڏس. رئيس بہ ٻالھائي ھا، پر صوبيدار وچ ۾ ٻالھايو ”توھان بس ڪريو مسئلو حل ڪرڻ ڏيو“. ان ڪانپوءِ ڏاڍ ۽ جبر جي ارڏائي، مظلوم ۽ بيوس ماڻھن جي سچائي جو، مقابلو دوبدو شروع ٿيو، چڪ چڪان شروع ٿي وئي. صوبيدار لاٽِ ڪري پنھنجي تجربي جو وارُ ڪيو، ٺاھڻ جي ڪئي، راءِ ڏني، قانوني عڪس ڪڍيو، رئيس بہ حامي ڀري، ڏاڍ وري ٽتي پيو، پر ڏاڍ ۽ ظلم جي بدنامي، ۽ رُسوائي خاطر حق جو آواز بلند ڪرڻ ۽ ناجائزيءَ ڪندڙ کي سزا ڏيارڻ لاءِ، رمضان ۽ سڪندر ڪيس تان ھٿ نہ ڪنيو ۽ ڪيس، چالان ٿي ويو.

پوري تَرَ جي مظلوم ماڻھن واھ، واھ ڪري، سڪندر جي قابليت ۽ سندس ڪاميابيءَ تي ڪيس مبارڪون ڏنيون. چند ماڻھو اجان بہ سھڻي خان جي دھشت ۽ داٻي ۾ آيل ھئا، تن ٻيي اندر ئي اندر ۾ سڪندر کي داد ڏئي دعائون پئي ڏنيون، ھن جي جيون لاءِ، ۽ جياپي لاءِ! ڪافي وقت تائين ڏاڍ ۽ جبر جو سرچشمو، حرفتن ۽ چالاڪين جي مسند تي ويھي آمرانہ حڪومت ڪندڙ سھڻو خان، سامھون نہ اچڻ باوجود، اشاري سان پنھنجن پاليل ماڻھن ھٿاران سڪندر کي ڪجھ بہ ڪرائي سگھيو پئي ۽ ھن گھڻو ڪجھ ڪيو ۽ ڪرايو بہ، پر جنھن کي رب رکي، تنھن کي ڪير چکي، سھڻي خان ڪيتريون ئي سازشون جوڙيو بہ، مرد مجاھد جو وار ونگو نہ ڪري سگھيو. سڪندر جي ھمت، ۽ حوصلو اجان وڌيو. جوش ۽ خروش تڏھن آيس، جڏھن سھڻي خان جو پراڻو ساٿي، نادر سندس عمل ۽ ڪردار ڪان متاثر ٿي، ھن جي بغاوت ۽ جدوجھد ۾ شامل ٿيو. نادر اھو ماڻھو ھو جنھن ماضيءَ ۾ رئيس جي چئي لڳي، سندس ساٿ ۽ سھاري سان ڪئي گھر ويران ڪيا، ڪيتريون خوشيون ماتم بڻائي ڇڏيون ھيون، ڪٿان بہ مزاحمت نہ ٿي ھئس، وڏو ڏَرُ ھيس، سڀ ئي ٿھندا ۽ خوف کائيندا ھيس، رڳو دل ئي دل ۾ پِٽون، پاراتا ڏيندا ھئس. انھن پٽن ۽ پاراتن ڪانئس سڀ ڪجھ ڦري ورتو ھو. ھڪ رات چوري ڪندي، پاڳئي کي

سجاڳ ٿيندي، بندوق هٿي ڪيڏي هٿائين تہ گهر ۾ 10 سالن جو سهڻو سيبتو پٽ، پيٽ جي سور کان تڙپي، تڙپي دم ڏئي چڪو هوس، انهيءَ وڏي واقعي، نادر کي وري انسان بڻايو هو، هن توبهہ ڪري، رنل پرچائي معافيون ورتيون هيون، ۽ خدائي عذاب کان ڊڄندي ناحق جو مخالف بڻجي، سڪندر جي پاسي ٿي بيٺو هو. سڪندر جي حق، سچ جي آواز ۾ آواز ڏئي، امن ۽ آجپي جو پڙلاءُ پيدا ڪري سهڻي خان جي هانءَ تي مُڱ ڏرڻ شروع ڪيا.

نادر خوش هيو، جو هن سڪندر جهڙي بي بها موتيءَ جو ساٿ ڏنو هو. هن انڌاري دنيا مان نڪري، روشن ڏيهہ ايندي انسانيت جي اصولن، حق ۽ سچ، پيار ۽ محبت، عزت ۽ اصلي حيثيت کي پرکيو ۽ پروڙيو هو. هن جي مدي خارج دل ۽ دماغ مان سموري انا، سمورو زنگ لهي صاف ٿي چڪو هو. هن سڪندر سان رهي معاشري جون تلخ ۽ ڪڙيون، حقيقي ڳالهيون ٻڌي ۽ سمجهي ورتيون هيون ۽ گڏ گڏ رهندي، هن، سڪندر جي اندر ۾ هڪ ڪومل ۽ نازڪ سڪندر بہ ڳولي لڌو هو. سڪندر جي اندر ۾ من مندر ۾ ڪيترن جذبن، اُمنگن ۽ احساسن جو وجود قائم ۽ دائم هيو. سڪندر پنهنجي دل جي راڻي، احساسن جي ملڪہ ۽ من جي محبوبہ رابعہ کي دل جي گهراين سان چاهيو ۽ پوڄيو هو. رابعہ جيڪا سندس سڳي سئوٽ بہ هئي. ايترن گهاٽن رشتن ۽ ناتن باوجود سڪندر رابعہ سان اظهار محبت نہ ڪري سگهيو هو. هن کي ڪاليج تائين پڙهائڻ ۾ سندس ئي هٿ هيو تہ مدد بہ! رابعہ ننڍي هوندي کان وڏڙن جي زباني ، سندس نانءُ ٿيل هئي، پر هن ڪٽرپڻو نہ ڏاريو هو. رابعہ کي پنهنجي زندگي، پنهنجي مرضيءَ سان گذارڻ جا سڀ اختيار ڏئي پاڻ اندر ئي اندر ۾ ڪڙهندو، ڪنهن ڪتڪي کان خاموش محبت ۽ وفا جو پتلو بڻجي جلندو هو.

رابعہ سڪندر کي پائيندي تہ هئي، پر چاهيندين ڪونہ هئي. تڏهن هن جي سماجي ڪمن کان ڪيس چڙ رهندي هئي. هن جون سوچون ڳوناٽي ماحول کان پري شهر جي تيز ۽ هُل هنگامي واري دنيا وسائي چڪيون هيون. رابعہ سڪندر جي ئي سهاري آزادي حاصل ڪئي هئي. جنهن آزاديءَ جو ڳوٺ جي مسڪين ماروئڙن کي ڪو حق نہ هو.، هن پنهنجي مطلب دنيا جي سفر لاءِ آزاد پيڙيءَ تي سواري چاهي، نہ ڪي اهڙي پيڙيءَ ۾ سفر جو سوچيو“ جنهن ۾ وقت ۽ حالتن جا ڪيترا لوڏا لما هئا. غريبن ۽ ابوجهن جا غم ۽ ڏک بہ هئا تہ ڪيتريون اميدون ۽ حسرتون بہ! ائين سفر ورهائجي ويو، منزل الڳ ٿي وئي.

سڪندر ڪو رئيس، وڏيرو يا زميندار نہ هو، ڪنهن غيباتي قوت، مدد ۽ سهارو ٻڌجي، ڪئي سماجي ڀلائيءَ جا ڪم ڪرايس، هن جي انفرادي ۽ اجتماعي ڪمن ڪي ڏسي، سڀ ڪو دنگ رهجي ويو. ڳوٺ ۾ ٻارڙن جي اسڪول جي پڪي بلڊنگ وني اُن جو درجو بہ وڌرائي، مڊل تائين ڪرايائين، نياڻين جو اسڪول منظور ڪرائي ڪولرايائين، مين روڊ کان ڳوٺ تائين لنڪ روڊ ٺهرايائين، بجلي لڳرايائين، واٽرسپلاءِ حاصل ڪري، صحت جي حوالي سان ڊسپينسري جو بنياد وجهرايو هئائين. اهڙين گهرجن ۽ ضرورتن جي پورائي سان، سڄي ڳوٺ واسين جي زندگيءَ ۾ نئون موڙ اچي ويو هو. سڀني واتان سڪندر لاءِ لکين دعائون ٿينديون رهيون، سڪندر واقعي بہ ڌرتي ڄائي جو حقي قرض ادا ڪيو هو. هن پنهنجي لاءِ محبتي ماڻهن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو هو. سهڻي خان پنهنجي سيني شرارتن، ناجائزين کي روڪي، پنهنجي حيثيت برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي، گڏوگڏ وقت جي انتظار ۾ پلاند ڪيڻ لاءِ موقعي جي تاڙ ۾ رهڻ لڳو.

سنڌ، سونهن، ۽ سچائيءَ جي پرچاري سڪندر جو روح ۽ رڳ رڳ، خوش و خرم هئي، هن جي سوچ ۽ خيال کي عملي جامو اچي ويو هو. پر اوچتو رستي روڪ ڪڙي ٿي پئي، منزلن جي حاصلات جي سرواڻ سڪندر کي ڪافي ڪجهہ قربان ڪرڻو پيو. سيني ناڪامين ۽ پلاندن جي زهر سان ٽمتار رئيس سهڻي خان، پنهنجي پاليل نانگن هٿان، محفلن جي مور حق ۽ سچ جي پوئلڳ، پيار ۽ پريت جي پرچاري سڪندر کي رات جي اونداهي ۾ مرکي ڪرائي ڇڏيو، تہ سڪندر جي جيجل امڙ کان اُپ ڏاريندڙ دانهن نڪري وئي ۽ هوءَ رڙيون ڪرڻ لڳي. هن جي دانهن ۽ رڙين تي ڪيئي همدرد ۽ ڪيئي چاهيندڙ، پيرين ۽ مٿي اُگهاڙي اچي پهتا. پنهنجي محسن کي رت ۾ لت پت ڏسي، اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳا. درد جي شدت تہ نادر جي دل ۾ بہ گهٽ نہ هئي، پر وقت وڃائڻ بجاءِ چستيءَ سان وهندڙ رت کي ڪپڙي سان مضبوط بند ڪري. وڏي اسپتال پهچايو ۽ ڊاڪٽرن کان مدد وني هن پنهنجو فرض پورو ڪيو. ڊاڪٽرن فوري طور طبعي امداد ڏئي، خاطري ڪرائي تہ خطري جي ڳالهہ ناهي، سيني آيلن مالڪ جو ٿورو مڃيو.

سڪندر کي ڌڪ ڪافي تعداد ۾ هئا، پر سيني کان وڌيڪ نقصانڪار ڌڪ گوڏي وارو هيو جيڪو ڪافي ڏينهن علاج ٿيڻ باوجود نہ پئي ڇُٽو،

ڊاڪٽرن گڏجاڻي ڪري، پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪيو تہ ڦٽ جي ناسور ٿيڻ کان بچڻ لاءِ، ٽنگ ڪي ڪٽڻ جو پروگرام ڪيو آهي. نادر سميت ڪئي، دکي پنهنجي حالت ڪي سنڀالي نيم بيهوش ٿي ويا. جيجل امڙ سڪتي ۾ اچي وئي، پر اهڙين حالتن سان ڪجهہ بہ نہ ورڻو هو. ڊاڪٽرن پنهنجو فرض پورو ڪري سڪندر جي ٽنگ ڪٽي سندس صحت ۽ زندگي بچائي ورتي.

سڪندر جي قسمت شايد ڪائنس ناراض ٿي هئي، جسماني طور تي معذور ٿيڻ سبب سڪندر سورن ۽ صدمن جي ور چڙهي ويو. سندس دل جي دنيا، رابعہ، سندس ئي دوست جبار سان مڱڻو ڪري ڇڏيو. جيجل امڙ صدمن ۽ حالتن کان پاڻ بچائي نہ سگهي ۽ اصلي ڏيهہ تي رواني ٿي وئي. نادر ڪي وهم ۽ خدشو ورائي ويو تہ ايترن سارن واقعن ۽ حادثن کان پوءِ سڪندر جي دل نہ ٽُٽي پئي ۽ هو..........! انهيءَ کان اڳتي هو سوچي نہ سگهيو.

سڪندر جيجل امڙ جو سور، قسمت جو فيصلو سمجهي قبولي ورتو ۽ پاڻ ڪي معذور بڻائڻ وارن ڪي قرآن شريف ڪڻي اچڻ ۽ نياڻيون ميڙ ڪري لنگهي اچڻ تي، معاف ڪيو. رابعہ جي خوشي ڪي پنهنجي خوشي سمجهي قبولي ورتو. نادر پوين پنهي ڳالهين جي فيصلن تي سڪندر کان رنج ٿيو. سڪندر کلندي سمجهايس "نادر! ڪڏهن، ڪڏهن ٿورو ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪجهہ وڃائڻو پوندو آهي، ۽ ڪڏهن وري ڪافي ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ٿوري ٿَڪي قرباني ڏيڻ بهتر آهي. منهنجي معذوري، پوري تر جي آزاديءَ، امن ۽ ميٺ، محبت کان مٿي ناهي. رهي ڳالهہ پلاند جي، سو پلاند کان معاف ڪرڻ بهتر آهي... ڳالهہ رابعہ جي ڪئي اٿئي تہ هوءَ جڏهن منهنجي مڪمل هجڻ وقت منهنجي نہ ٿي سگهي تہ پوءِ منهنجي معذور ٿيندي، ڪيئن قبول ڪري ها! ۽ مان بہ ائين نہ ڪريان ها!...". نادر لاجواب ٿي چڪو هو. پر اندر ۾ باهہ ٿي ٻريَس، ظالمن جي ظلم تي ۽ رابعہ جي ڏارين ۾ رشتي ٿيڻ تي. نادر چيو "سڪندر تون ڀاڙي آهين... ڀاڙي". نادر ٻاهر نڪري ويو ۽ سڪندر کلندو رهجي ويو!!.

***

# گوري

**بيروزگاريءَ** جي ڏينهن دوران ڏاڍو تنهائي پسند هوندو هو، انهيءَ تنهائي ۾ وري سانت ئي چاهيندو هو، جيڪا سڪون ۽ آرام جيان وٽندي هيس. دنياوي گوڙ ۽ گهمسان، دلي پيڙائون ۽ ذهني اذيتون ڪنهن درد کان گهٽ نه لڳنديون هئس. ان کان علاوه، ٻارن جو رونشو، زائفن جو لڙ ۽ مردن جو فساد، عام يا خاص موقعن تي ٻه نه آئڙندو هوس. مال متاع جون رنيون، پکي پکڻ جون ٻوليون، بي سڪوني ۽ بيقراري ڏينديون تڙپائينديون هيس.

پنهنجي وس ئي نه هيو. انهيءَ ڪري گهٽن کان نه ٻيا سڀني کان مختلف هو. تڏهن نه سندس گهٽگهرا، عزيز ۽ مائٽ کيس مذاق ۾ ”ڪنڊ جو ڪوئو“ چوندا هئا. سڀني ڏچن کان دور دل سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري پنهنجي اندر جي آه، اڃ اجهائي من جي خوشي حاصل ڪندو هو. آجن واري ڪوهه کان اولهه پاسي وشال آسمان مٿان بادلن واري هڪ شام آپوئن (ڪٽڪ جي سنگن) ڪي سرنهن جي ڦرت مٿان رکي ڇڪي مروڙي سروڙي ڦوڪي صاف ڪري ڪائڻ واري مرحلي ۾ هو ته ڪوهه تي پاٽي ڀرڻ لاءِ آيل ڳوناٽي ناري صدوري کيس سڏيو. سڏ ۾ جيڪو رڌم جيڪو سوز سمايل هوس، تنهن جسم جي رڳ رڳ وچي ورتس. وڏي وچي پهتس. صدوري نماڻيون ۽ سوالي نظرون ڪٽي مدد گهري ورتس. هڪڙو دلو ڪٽي ورتائين. نوڙڻ سمي هن جي دل مٿان، نظرن جي نهار کان جسم جي وار وار تائين هڪ قيامت گذري وئي. مٿي تي آندل انهيءَ دلي اڇل ڪاڏي نه ڪافي پاٽيءَ سونهري بدن تي اڇي چولي ڪي آلو ڪري ڇڏيس. حراسيل هرٽيءَ جهڙي تڙپ ۽ لهر جسم تي اٿي آيس. صدوريءَ جي انهن ادائن، خلائن ۾ ڪٽي پهچايس انهن خلائن کان واپس وري صدوريءَ

ئي آندس، ”دلو تہ چيلهہ تي رکراءِ ڇوڪرا“ هن وڌي ۽ ويجهو اچي چيلهہ تي دلو رکيو تہ هڪ مٺي خوشبو، هڪ مزيدار واس. روح ۾ پيهي مدهوش ڪري ڇڏيس. نشي ۾ ئي هو تہ صدوري لڏندي لمندي گذري اکين کان اوجهل ٿي وئي. ان ئي ڏينهن. عهد ڪيائين. صدوريءَ سان لائون لهي زندگي گڏ گذارڻ وارو خواب لڌائين. پر ان خواب جي تعبير ڪافي ڀيانڪ نڪتي، صدوريءَ سان شادي نہ ٿيس. ارمان، حسرتون اندر کي وڍي ويس. جن ويراڳي ڪري، حسين زندگيءَ کي اوپرو بڻائي تنها ۽ سانت پسند بڻائي ڇڏيس. ڪا رڙ، ڪا ڪوڪ، ڪوئي احتجاج نہ ڪري سگهيو، جنهن تي ڪو افسوس هئس، تہ نہ بہ هئس. ڇو جو سماجي قدرن کان بي خبر ماڻهن آڏو دانهڻ، واڪا ڪرڻ، بي جا. فضول ئي هئا. بس اندر ئي اندر مدي خاري سماج کان باغي بڻجي ڪڙهندو ۽ پڇرندو رهيو ۽ دنيا کان دوري ڪري، جهنگ وسايو هئائين. اتي ئي رهندي ڪئي حقيقتون ڏرتي تي رهندڙ ماڻهن جي روين، عملن ۽ ڪردارن، کي پروڙيائين. حق ۽ ناحق ڄاتائين، ظلم ۽ زيادتي کي سڃاتائين. ان ئي ڪشمڪش دوران مٿس حملن مٿان هڪ وڏيڪ ۽ زوردار حملو ٿيو، والدين ڪئي ارمان ڪٽي، آسون ۽ اميدون رکي شفقتن ۽ پالنائن جو قرض چڪائڻ وارو عرض ڪيو. فرمانبردار رهي باغي سوچ سوئي سموئي اندر ئي اندر دٻائي شاديءَ لاءِ هائو ڪار ڪيائين. والدين جي خواهش تي پيڻ عيوض ورتل بدي واري ناري ”گوريءَ“ سان لائئون لڌائين.

زندگي هڪ نئين رنگ سان رخ سان ۽ ڍنگ سان اچي ويئي هئس. سڀ ڪجهہ دل ۽ دماغ جي هڪ پاسي رکي، نئين ڪنوار جي گوري وجود ۾ وڃائجي. صدوريءَ جي روح کي ڳولي لڌائين. گوري پيي اجايل ۽ سٽايل مڙس کي محبتن ۽ چاهتن جا سڀ رنگ پسايا. جيون بهترين کان بهترين بڻائڻ لاءِ جيون ساٿي سان ڏک ۽ سک شيئر ڪري سوچ خيال ۽ حقيقت. حق ۽ ناحق. غلط ۽ صحيح سان گڏ. پيار ۽ پريت جي ڳالهين ٻولهين کي هيئنين سان لائي سانڍي ڇڏيو. اڻ پڙهي گوري، پڙهڻ شروع ڪيو، اندر ۾ علم جي اپٽار ٿيندي هڪ عورت پڙهي ورتو. هڪ روشن گهر اوندهہ اڪري نئين وجود ۾ اچي ويو.

سلجهيل گوري پنهنجي مڙس جي مدد سان قابليت کي نکار ڏيڻ لاءِ سس ۽ ننهن جي، ڏير جي سهري جي رشتي کي سنڀالي علم ۽ عمل کي زور سان ڪنٽرول ڪري هڪ مثال بڻايو. پنهنجي زبان جي مٺاس سان روين سان

ڏکيائن کي پار ڪيو. پوري ڳوٺ ۾ گوري هڪ سٺي نالي طور اڀري آئي ته مڙسهنس خوش ٿي سک جو ساهه کنيو. جيئڻ جو اتساهه ملي ويس. سانت ۾ تنهائي پلائي گوڙ ۾ گهمسان ۾ وڃائجي وڃڻ تي دل چوندي هئس. انهيءَ گوڙ ۾ ئي زندگي محسوس ٿيندي هئس. انهيءَ زندگي جي حاصلات لاءِ شادين، غمين ۾ شرڪت ڪرڻ فطري بڻجي ويس. ڪل ڪلان ڪان چڙندڙ سدائين مسڪرائيندو رهيو، ڪلندو رهيو، ڪلائيندو رهيو. ان ئي خوشيءَ واري وقت گاديءَ واري خوبصورت شهر ۾ نوڪري جو آرڊر مليس. گهرواريءَ ۾ گهر وارن جي محبت ساڻ ڪري خوبصورت شهر پهچي ويو.

اڄ حج واري عيد ملهائڻ لاءِ ڳوٺ پئي آيو. ڏينهن جو سفر. شام تائين ڊيگهه ڪندو رات تي وڃي پڳو هُو پنهنجي ڳوٺ ٻاهران هيو جو تاريخ جي روشن رات موت محسوس ٿيس. ڇو جو سانت هئي ۾ سانت موت پاسندي هئس. ان ئي سانت ڏڪائي ۾ تڙپائي وڌو هيس. پوءِ پي ڪوشش ڪري وڪون کڻندو ڳوٺ پرسان ٿيندو ويو ۾ پوءِ سانت قبرستان بڻجي خوف ڏياري، ڏڪائي وڌس. دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي ويس. ساهه جو سرشتو بي ترتيب ٿي ويس. هڪ اڻ تڻ هڪ خدشو. ڇهين حس سامهون آندس. دم دلاسا ڏئي پاڻ گهليندو گهر آيو، خدشو ۾ خطرو سامهون هيس. قيامت جو منظر سامهون هيس. دنيا ۾ جئڻ جواتساهه ڏيندڙ هر دل عزيز جيون ساٿي گوري. مدي خارج روايت ڪارو ڪاريءَ جو شڪار ٿيل هئس. نپ نري ويس لڱ ساڪت ٿي ويا هئس. پاڻس جي مفاد ڪانئس دنيا ۾ عزيز هستي ڪسي ورتي هئي. گوري رت ۾ لال هئي. جسم جا ڪئي حصا ڪهاڙيءَ جي وارن سان وڪريل هئس. وڪريل حصن ۾ هٿ، آڱريون ۾ سسي هئي. هن جي دنيا ڪي ڳيا. ڳيا ڪيو ويو هو. هو وڌي اڇي ڪپيل حصن کي ڇهڻ لڳو. سانت ۾ خاموشي سان ڪا حرارت پيدا نه ٿيس. پوري جسم کي ڏسي، گوريءَ جي گوري بدن تي سندس موڪليل اڇا اجرا پيرت پيريل ڪپڙا هئا، گوريءَ جي گورين ٻانهن ۾ هن جا ئي موڪليل ڪنگڻ پيل هئا. هن نظر ڊوڙائي گوريءَ جي سنهڙن ۾ سهڻن ڪنن ۾ پي سندس ئي موڪليل ايرنگ پاتل هئا. ڏسندي رڙ نڪري ويس. ڇو جو گوريءَ جي ڏنل ۾ چميل مک جي سجاٽپ ختم ڪئي وئي هئي. هو غصي ڪان غيرتي پاءُ تي الر ڪري آيو. ان ڪان اڳ پاڻس ڳالهايو "بڇڙي ڪنهن جاءِ جي... سينگار ۾ سنوار ڪري... يار جو انتظار ڪري رهي هئي... غيرت پڙڪو ڏنو ٽڪرا،

ٽڪرا ڪري ڇڏيومانس...!“ ان ڪان اڳتي هن ڪي ڳالهائڻ نہ ڏنائين، گوريءَ جي رت سان سٽيي ٿيل کهاڙي ڪٽي سندس سسيءَ ڪي رات جي سانت ۾ اُڏائي ڇڏيائين، روئاج پوئتي ڇڏي. هو واپس وريو هو. اڳتي اڳتي وڪون ڪٽي ٿاڻي تي اچي پهتو. هن چيو ”صوبيدار صاحب هڪ ڪوڙي غيرتيءَ ياءُ ڪي پلاند ۾ ختم ڪري مدي خارج روايت ”ڪارو ڪاري“ جو منهن پيچي پورا پورا ڪري آيو آهيان...“ صوبيدار ڪافي سالن ڪان سردار جي آشيرواد ڪري ٿاڻي تي رهيل هو. هن جون اکيون ۾ وات ڪليل رهجي ويا. ياءُ پاران ياءُ ڪي مارڻ تي ڪيس حيرت ورتو هو تہ ڊيوٽيءَ دوران ڪاغذي ڪارروائي ۾ ڪيتريون ئي غلطيون ڪري ڪيس لوڙهي وينو هو. هن ڪيس لاءِ کهڙا ۾ ڪيترا قلم تيار ڪيا...؟!! هن جي ڊيوٽيءَ جو اُهو پهريون انوکو ۽ مثالي ڪيس هيو، جنهن لاءِ هن وٽ صحيح قلم ڪو نہ هو.

***

# ڪوهيڙو

**تنهن** ڏينهن سڄي وايو منڊل تي اڇو ۽ دونهين جيان ڪوهيڙو ڇانيل هو. پنهنجي وجود ڪانسواءِ باقي سڀ ڪجهه ڌنڌلو ڌنڌلو پئي لڳو، نه رڳو ڪوهيڙو هو، پر انهيءَ سان گڏ سيءُ به ڪوسيءُ هو، هٿن پيرن، منهن ۽ ڪنن جي پاپڙين تي ته جهڙو ڪر برف پئي ڪري، جيڪو به ڪنهن چلهه يا ڪنهن سوڙ جي ويجهو هو، تنهن کان سردي دور هئي. ڳوٺ جي ڪليل ۽ واڪي علائقي مان ڏينهن، هو جيئن ئي شهر طرف وڌندو ٿي رهيو، تيئن هن کي پاسي رهيو هو ته سيءُ پنهنجي اثر کي اڃا وڌائي رهيو آهي، ان کان علاوه وڻن جي ٽڙن ۽ پنن به انهيءَ سمي خوفائتي شڪل جوڙي ورتي هئي، جن جي اوچتي نروار ٿيڻ سان هن جي دل ڌڪي ۽ ساهه سڪي ٿي ويو. هن کي اوچتو ظاهر ٿيندڙ ماڻهن کان ته ڊپ ڪو نه ٿي ٿيو، جو اهي به هن جيان اوچتي ظاهر ٿيڻ ڪري ٿورو پريشان ۽ گهبرائجي پئي ويا، هو نه انهن کان خوف سبب رنگ هارجي ٿي ويو، نه ئي ڪا دل ۾ هٿ ڪٽ هئس جو سندس نه ڪو دشمن هو ۽ نه ئي هي ڪنهن سان وير پائڻ وارن مان هو. هي هڪ پڙهيل، لکيل، ڳوٺائي ۽ روايتي ماحول کان الڳ ٿلڳ هڪ جدا نمونو ۽ انداز رکندڙ نوجوان هو، هن علم کي نور سمجهي اندر روشن ڪيو هو، ڪتابن مان انساني عزت، اهميت ۽ عظمت جي سڃاڻي قدرن کي ڄاتو هو، استادن جي رهبري، دوستن جي پنهنجائپ، پرائي ڄِي پروڙ جو شعور ڏنو هئس.

هن ڄاتو هو انهيءَ پيار کي، جنهن کي کيڏندي، ڪڏندي، کلندي، ڳالهائيندي، بهار جي مست، الست موسم ۾ ساوڪ ۽ سرسبزيءَ جي رت ۾ ڦريون ڦيرو ڏنو هئائين، ڀڏو هئائين ۽ محسوس ڪيو هئائين، تنهن پل دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي وئي هئس، پاڻ تي بي قابو هجڻ ڪري سري وڃي، سلامي ۽ ڪوشش ڪري ڪلامي ٿيو هو. هوڏانهن سائره به پنهنجي دل هارائي ويٺي، هو هن جي ٻيهڪ، لهجي ۽ انداز مان چڱي ريت ڄاڻي وئي هئي، تنهنڪري جلدي فيصلو ڪري هن جي اظهار محبت تي اقرار محبت ڪري ويٺي. ائين زمينن

جي سرسبزي ۽ شادابي منجهه ٿيل اهڙي واقعي، هڪ حادثي جي صورت اختيار ڪري ورتي، ڏاري هجڻ ڪري سڱ وٺڻ جي ڪوشش هڪ پيٽ ۽ ڪافي ساري ڏاج جي صورت ۾ ملڪيت ڏئي پنهنجي دل جي دنيا ڪي حاصل ڪري ورتائين. مٽ مائٽ عزيز ڪاوڙجي ويا.

”اسان ههڙا جوان، اسان هيڏا قنڌار، انهن ڪان مفت ۾ به سڱ ڪو نه وٺون ها! تون آهين جو پيٽ به قبولي آيو آهين.“

”ڪوئي به وڏو ننڍو ناهي، امير ۽ غريب جو مقام به منهنجي لاءِ اهميت نه ٿو رکي، سڀ هڪ جهڙا، بس انسان آهيون، آدم جو اولاد آهيون....“ اهي ڳالهيون جن ڪان هو سڀ سڙندا هئا، جلندا هئا، ڪرڻ جو هاڻي وارو مليو هيو، انهيءَ ڪري هن ڪان لاتعلقي جو ٻول ٻولي، قول، اقرار ڪري پٽ برادري مرڻي پرڻي واسطو ڪٽي ڇڏيائون، هنکي به ڪنهن جي پرواهه نه هئي، هو روايتن خلاف هو، جيڪي مدي خارج هيون، ڪوڙيون ۽ هٽ ٺوڪيون هيون. چاچهنس به ٿورو خفا هئس ته هن منهنجي ڌيءَ هوندي ڏارين مان ٻي شادي ڇو ڪئي؟!

چاچي جي در لنگهي ويو، پنهنجي ڪافي ساري ڪيل ڪچهري ۾ واضح ڪري ٻڌايائين ته منهنجي هن فيصلي سان توهان جي ڌيءَ ڪي ڪو نقصان ڪو نه ٿيندو. نه ئي هن سان منهنجي قربت ۽ چاهت ۾ تبديلي ايندي. مان هي شادي پنهنجي دل جي هٿان مجبور ٿي نه ڪئي آهي پر انهن ٻن شاديون ڪندڙ مردن لاءِ هڪ سبق ڏيڻ خاطر هڪ راهه ڏيکارڻ لاءِ به ڪئي آهي، جيڪي هڪ زال ڪي دل ته ٻي ڪي پير جو ڪنڊو سمجهندا آهن انهيءَ ڪان وڌ انهن لاءِ به ته مثال ٿيندو جيڪي پنهنجي خانداني اوچائي. ذاتي وڏائيءَ سبب ننڍين ۽ ٻين ذاتين مان شاديءَ ڪي پنهنجي بي عزتي سمجهندا آهن پر انهن سان ناجائز واسطن ڪي صحيح سمجهندا آهن جڏهن ته جائز رشتي ڪي ناجائز ۽ غلط ڪوٺيندا آهن.

پوءِ سڀني ڳوٺاڻين عورتن توڙي مردن ڏٺو.پر ڪيو ۽ مڃيو ته واقعي جيڪڏهن ڪا انسانيت آهي. ڪا شناسائي آهي ته دلشاد ۾ آهي، هن پنهنجي قول، فعل ۾ ڪوئي تضاد نه ڏيکاريو نه محسوس ڪرايو آهي، هن مٽن مائٽن جي غلط روايتن خاطر غلط ۽ بي جا ڪنيل اپهرن قدمن ڪي ننديو ۽ ڪوڙو ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو آهي اوڙي پاڙي جي ٿيل واقعن مان ....!

آهستي آهستي ڳوٺ ۽ آسپاس جي ماڻهن هن جي قابليت مان پرايو ۽ فائدو ورتو. ساز شي. حرام پائين سان ٽمتار سوچ ۽ ذهنيت رکندڙ ڪجهه فرد

هن کان نفرت ڪرڻ لڳا، هن کان پنهنجي روايتن جي نيست ۽ نابودي جو پلاند ونڻ لاءِ موقعي جِي تاڙ ۾ رهيا. شهر پهتو هو، تڏهن به ڪوهيڙي پنهنجي واپسي ڪو نه ڪئي هئي، ڪڏهن چڙهي ٿي ويو ته وري ڪنهن سمي لهي ٿي آيو، ڪوهيڙي جي زور شور اڳيان سج ڪيڏو نه بيوس ۽ لاچار ڏسجي رهيو هو. سيءَ ۽ ڪوهيڙي ۾ ڪيڏي نه تڪليف ڪري شهر پهتو هو، هڪ پرائيويٽ نوڪري جي انٽرويو لاءِ، جيڪا نوڪري انٽرويو کان اڳ سفارش تي پرجي وئي هئي. همٿ ۽ مردانگيءَ جا سبق ڏيندڙ شخص اهڙي بي اصوليءَ تي روئي پيو هو... بس ۾ چڙهندي خيالن جي گهرائي ۾ هو ته ڪنهن مسافر جي پير تي لت اچي ويس، ته جلدي پنهنجي فطرت ۽ انساني همدردي ڪري مهذب هجڻ جو ثبوت ڏئي همراهه کان معافي ورتائين، پوءِ به ڪافي سارا ڳالهاوَ ڪاڏائين. گهٽ وڌ پڙهي ڪافي سارو شڪي ۽ لچي ٿيو، سهي ويو پر اهو ڪجهه نه سهي سگهيو، جيڪو ان پل ڪجهه چورن، پاٽاريدارن ۽ روايت پرستيءَ جي نانڍي ”قادوءَ“ ڪيس چيو ۽ ٺوڪيو هو: اها ٿي نه عزت هن معاشري ۾، ڳالهيون ۽ گيت ڪيڏا نه ڳائيندو آهين، پنهنجي شرافت جا، لياقت جا، انسانيت جا، ڇا مليئي، ڇاٽو ملي ۽ ڇا ملندئي...؟؟؟ ڪيڏا نه سبق ڏيندو آهين سڪ جا، ساڃاهه جا، سڪ ۽ پريت جا...! مون ساڻ نه جيڪڏهن منهنجي ناجائزي هوندي به ڪوئي ٽڪو ڳالهائي ها ته ڪاڪڙي منجهان زبان پٽي ڪڍانس ها! ۽ پيو ڪافي ڪجهه جيڪو هن ڪن لاٽار ڪري پڌڻ جي ڪو نه ڪئي. خيالن خيالن ۾ ايندي خيال ئي نه رهيس ته بشني پنهنجو وارو وڃائي پئسا ڪڍي ويو آهي، انهيءَ مهل خبر پيس جڏهن منشي ڪرايو گهريس، هٿ هنيائين ته ڪاريءَ وارا ڪڪ! منشيءَ کي پنهنجي حالت بابت آگاهه ڪيائين، ڪيسو ڪتيل ڏيکاريائين ته به ويساهه ڪو نه ڪيائين، جملن ۽ لفظن جا ڏاڍا گهاءَ سٺائين، اتي به اهو قادو سندس ويچارگيءَ تي کليو هو، ڊرائيور اهڙي زيادتي جو نوٽيس وٺي معاملو ختم ڪري ڇڏيو پر هو آخري وقت تائين لهندي به هن جي تيز ۽ ڪائيندڙ نظرن جي گهيري ۾ رهيو، اڄ زماني وارن هن کي محبتن ۽ ڪوشش جي عيوض گٿا جملا پڌڻ لاءِ ڏنا هئا. انساني همدردي مهذب پڻي جي پرچار جي ڳالهين، عملن جي موٽ، تنقيد، ٺوڪ، ڪل، مذاق ۽ چٽر ڏني ۽ محسوس ڪئي هئائين. ڇا پئي ڪري سگهيو، ماڻهن جو ڪم هو ٺوڪڻ، چٽر ڪرڻ، پنهنجي هر خراب ۽ واهيات ڪم کي صحيح سمجهڻ، پر ٻي جو صحيح شرافت ۽ انسانيت وارو ڪم هوندو ته به ٺوڪ، تنقيد جو نشانو ضرور بڻجندو، انهن حالتن ۾ هنن سيني جو ڪو ڏوهه

ڪو نہ هو، ڏوهہ هنن جي فطرت جو هو، اثر رسوخ ۽ ارهہ زور اين سان پيدا ڪيل معاشرتي جوڙجڪ جو هو، سماجي ناهموارين جو هو، غريب ۽ امير وچ ۾ پيدا ڪيل اهميت ۽ عزت جي فرق جو هو، اقتصادي تنگي ۽ ڏير گهير جو هو...! سيپني قدرن ۽ حالتن کي وساري پنهنجي مفادن خاطر، پين جي حقن کي ڪائڻ، لتاڙڻ ڪري هي معاشرو متجي ويو هو، ڪتن، پلن ۽ پين جانورن جي تہ ڳالهہ پري پر انساني حياتي بہ اهميت وڃائي ويئي هئي. ڪارو ڪاري، قبلائي جهڳڙن، دشمنين، دهشتگردي ۽ روڊ حادثي ۾ انساني وجود جي ڪا اهميت ڪانہ رهي هئي. سيپني ڳالهين، رلجي هن کي روئاري وڌو، تڙپائي وڌو هو. ڪوشش جي باوجود بہ دل جي درد کي ۽ سور جي سڏ کي روڪي نہ سگهيو، اکين ۾ آب لهي آيس، گهر تائين ٽڙندو ٽاپڙندو پهتو هو.

سنڌي ناٽڪ رنگ ڏسڻ لاءِ گهر جي آڳنڊ تي ڳوٺائي ننڍڙا پار ڪجهہ عورتون، مرد موجود هئا، انهن جي گوڙ، شور ويتر ئي ذهني اذيت ڏنس، وڏي گهرواريءَ جي پٽهنس روئڻ شروع ڪيو تہ ننڍي زال کي ڪٽڻ لاءِ هڪل ڪيائين. جوٺهنس شوخائيءَ مان پوڙ مهتيندي جواب ڏنس، ”پوڙ ٿو سڙي، مون کي واند ناهي“ سدائين سيپني تيز جملن ۽ لفظن جي جواب ۾ خاموش رهندڙ اڄ ڪاوڙ ديائي نہ سگهيو، جلدبازي مان پرسان پيل سروٽو کٽي، نڪاءَ ڪرايائينس، سروٽو سڌو وڃي مٿي ۾ لڳڻ ڪري رت ٺينڊيون ڪري وهڻ لڳو، جوٺهنس تڙپڻ لڳي، موجود ماڻهن مٿان جهروڪر راڪاس گهمي ويو هو، هوءَ ساڪت ٿي ويو، هن جي هٿان انساني وجود ڌڪ ڪائي رتورت ٿيوهو، سڄي ڪمائي لڙهي وئي هئس، هڪ اپهرائي ڪري، هڪ ٿوري غلطي ڪري، خبر جهنگ ۾ باهہ جيان پکڙي وئي، مردن، عورتن ۽ پارن سان آڳنڊ. ڪچا ڪچ پرجي ويو هو، قادوءَ اچي پاسو ورتس.

”جلدي ڪر، پرائي ڇوري، مري، الائي بچي!! ڪنهن سان الزام ڏئي ”ڪاري“ ڪرينس، ڀِڳهو بہ تري ويندئي“ انهيءَ ڪان وڏيڪ ڳالهائڻ نہ ڏنائينس، هڪ تيز ٿڦ منهن ۾ هنيائينس تہ هلڪي رڙ سان هو ٽِڙي پري وڃي ڪِريو.

”ڪمينا! تر ۾ جنهن ماڻهو غلط ۽ ڪوڙين ريتن، رسمن ڪان بغاوت ڪري سچائي ۽ انساني علمبرداريءَ جو ساٿ ڏنو، تون انهيءَ کي راهہ تان ٽيڙي ساڳي ڪوڙي ۽ مدي خارج سوچ جي ڏيڻ ۾ پيو ڏکين، هوءَ شريف هئي - شريف آهي، منهنجي اپهرائي ۽ جلدبازيءَ جو شڪار ٿي آهي تہ مان انهيءَ جي سزا ضرور پوڳيندس.“ جلديءَ ۾ هن زال کي گڏهہ گاڏي ۾ ڪٽايو ۽ رت وهڻ

ڪان بچاءَ لاءِ ڪپڙي جو سهارو ورتو، گڏهہ ڳاڙو ڳوٺ ڪان دور ٿي رهيو هو، سج لهي ويو هو، اماس رات ڪوهيڙي ۾ وڏيڪ خطرناڪ ٿي وئي هئي، هن جي سوچ اها هئي تہ هوءَ ضرور بچي ويندي، منهنجي محبت ضرور بچي ويندي.

***

# سانورو

**سڄي** ڏينهن جي ٿڪاوٽ سبب پنهنجي وجود کي کٽ تي اڇلائي پٽاريو ئي ڪونہ هوم تہ مٿان مٺل اچي ويو. ٽڪڙو ٽڪڙو آيو، هيسيل ۽ پيلو پيلو لڳي رهيو هو. جلد بازيءَ مان اصل مٿان چڙهي آيو نہ ڳالهايانس ها تہ شايد ايهرائي مان لتاڙي وڃي ها "مٺل خان! هن پاسي ويهجانءِ آهستي آرام سان ڪٽي پنهنجي وزني بدن جي زور سان هٽي منهنجي هيٺي هانيءَ کي نقصان نہ رسائي ويهين." هٽ ڪان وٺي پيراندي ڪان ويهاريو مانس، پاڻ بہ سري ويومانس. ساهہ اڌ ڪان ٿي موٽيس. انهيءَ ۾ بہ جلد بازيءَ جو جوش سرس هوس، پر وجود پگهريل هوس- ڪپڙا بہ آلا هئس، ڄڻ ڪنهن زوريءَ وهنجاريو هجيس. بلب جي روشنيءَ ۾ نندي ڇٽي جيترا پگهر ڦڙا - جهڙوڪر آسمان تي تارن جي جهرمر هئي....!

"ڊولڻ! خير - آهي نہ....؟" ڪڏهن ڪڏهن قرب مان ڊولڻ بہ ڪوٺيندو آهيانس. مان اهو ڳالهائي سگهيس. ان ڪان اڳ جو وڏيڪ سوالن جي بوڇاڙ ڪيان هُو سمجهي ويو ان ڪري پاڻ ئي شروع ٿي ويو. "يار! خير وري ڪهڙو ٿو پڇين....اصل مئو بچيو آهيان.... سمجهہ تہ نئون ڄائو آهيان...!!!" مان هينئر واقعي بہ حيران ٿي ويس. سمجهيم مٿان مصيبت ڪا لڳل هجيس. جنهن مان جان ڇڏائي ڀڳو هجي. ڳالهہ نروار ڪرڻ لاءِ چيو مانس. "مٺل خان! خير آهي... اهي تڪليفون ۽ ايذاءَ بہ ڪي جوان ئي سهندا آهن. ڀاڙين ۾ بي همٿن لاءِ ننڍو پٿر بہ راهہ جي رڪاوٽ هوندو آهي. تفصيل ٻڌاءِ خير تہ آهي نہ؟؟" همراهہ پهرين ٿڌو ساهہ کڻي پنهنجو اندر ٺاريو، ڪافي لمحن جي انتظار ڪانپوءِ هن نرڙ جي ڪلنڊڙ ۽ ٺهڪندڙ پگهر جي ڦڙن کي هٽائيندي چيو. "خير ڪهڙو ٿو پڇين....ياءِ اختر!..... شروع کان وٺي هينئر تائين جڏهن پيي

پنهنجي پروگرام مطابق نهي سنيپري ٿو نڪران پنهنجي محبت راحيلا سان اظهار محبت ڪرڻ لاءِ تنهنجا سڀ ڪرتب ۽ ڪرشما ساڻ ڪٽي، تڏهن ڪونه ڪو مسئلو يا تڪليف ضرور پيش ايندي آهي. يار! اها به ڪا زندگي آهي، جنهن ۾ هي معاشرو ۽ انهيءَ ۾ رهڻ وارا ڪنهن کي چاهڻ نه ڏين، محبت ڪرڻ وارن کي نه سهن.... مثال طور تنهنجي ڏسيل سبقن مان راحيلا سان اظهار چاهت ڪرڻ لاءِ هن پويان، سنا ۽ سهڻا پوز هڻي، هن جي ڪاليج اچڻ وڃڻ وارن چوراهن وٽ بيهي نقلي ريبن جو چشمو پائي، فلمي هيرن جيان وارن کي هيڏي هوڏي لوڏڻ... گانا ڳائڻ ۽ انهن سان ئي پنهنجي اندر جي باهه وسائڻ....! يا پنهنجي دل جي درد جي قصن سميت چٺي ڏيڻ ۽ معصوم منهن بڻائڻ جهڙا ڪرتب ڪرڻ سمي مون سان جا گذري آهي اها خدا وٽ ئي لڪيل آهي. مون سان جنيون ٿيون آهن. شهر جي رولو ڪتن ڪڏهن خوب ڊوڙايو آهي ته ڪڏهن ڏِڪڻ لتال گٽرن جي ور چڙهيو آهيان، پنهنجي محروميءَ ۽ بيوسيءَ تي ماتم ڪندو آهيان. وڏو صدمو ته مونکي انهيءَ ڳالهه رسايو آهي ته مٿين سڀني عملن ۽ روين کي مان سهي ويس، پر پنهنجن جي ظلم ۽ زيادتي تڙپائي وڌو آهي. راحيلا جوپيءُ صاحب موصوف جڏهن به پنهنجي ڪم لاءِ مختلف چوراهن يا گهٽين مان گذرندي ڏسي ٿو ته پوءِ منهنجي پيرن ۾ تنگن لاءِ مصيبت شروع ٿي وڃي ۽ منهنجا ارمان ۽ احساس هن جي ڪمن جي پوري ڪرڻ ۾ لتجي وڃن ٿا، هو چوندو آهي ته ڇورا! ڪپڙا ته ناهوڪا پاتا اٿئي، وارو ته ڪر منهنجو هي فلاڻو ڪم ته ڪر... شاهي بازار مان خضاب جو پتو آڻي ڏي... مٺل ڏاڍو سٺو ٿو لڳين... هي پئسا وٺ ۽ بجليءَ جو بل جمع ڪرائي اچ... سريلو ڇوڪرو آهين، انهيءَ ڪري توکي ئي تڪليف ڏيندو آهيان. گهر جو سودو ڪٽي ويو آهي، يوٽيلٽي اسٽور تان ڪجهه ۽ باقي وڏي بازار مان رعايت سان ملندئي وٺي اچ. مطلب جي ڳالهه ملندو ته ڪم لاءِ زبان ضرور اڪلندس. ڪم نه ڪرڻ يا ڇيو نه وٺڻ به ته ڪنهن ظلم يا ويل کي دعوت ڏيڻ برابر آهي نه..." مٺل جي عشق جي ايڏي ڊگهي ۽ ورن وڪڙن واري داستان کي اصل نه ٻڌان ها پر هن جي انهن ڪوششن کي شاباس نه ڏيڻ ناواجبي ٿيندي. "مان ته صفا ان ڪان به چِٽ آهيان" دل ۾ سوچيم. ماحول جائتو ٿيو، هو مون ڏي ۽ مان هن طرف تڪڻ لڳس. اندر ئي اندر هن جي سڀ عمل ۽ ڪوشش کي ساراهڻ لڳس ته ڪيئنءَ نه هن منهنجي ڏسيل سبقن تي عمل ڪري پنهنجي چاهت سان

اظهار ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. پوءِ پلي ان ۾ ڪامياب نہ ٿيو آهي ۽ مان آهيان جو پيين ڪي تہ ڏس ڏيان ٿو پر پنهنجي ساهہ کان وڌيڪ پياري، عائشہ سان بہ ٻول پنهنجي ارمانن ۽ احساسن بابت ڳالهائي نہ سگهيو آهيان. اها بہ ڪا چاهت آهي....؟"

"ڪاڏي گم ٿي وئين...؟" مٺل مونکي خلائن مان واپس آندو. ٿڌو ساهہ ڀريم "بس يار ائين ئي پنهنجي دنيا ۾ هليو ويو هوس."

"پوءِ پيو ڪجهہ تہ پنهنجي حال غم کان آگاهہ ڪر.... پنهنجن کان ڳجهہ نہ رکبو آهي."

"ڪجهہ پنهنجي دنيا طرف سُري سوچن جي اٿاهہ گهرائين ۾ ٽپيون هڻڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي هئم. انهن گهرائين ۾ عائشہ کي ڳولهڻ لڳو هوس ۽ پنهنجي آشياني کي بہ جنهن ۾ منهنجي سجني، سٺي ۽ سيبتي ويس سان موجود دري ڪوليون منهنجي اچڻ جي اوسيئڙي ۾ اکيون وڇائي ويٺي آهي ..."

اجان ڳالهائڻ ٿي چاهيم تہ هن وچ ۾ ڳالهايو. "يار! سچ پڇين تہ تنهنجي انهيءَ فلسفي سان ٿمتار لفظن ۽ ٻولن کي جيڪڏهن نہ منهنجو اندر ۽ منهنجي زبان پنهنجو بڻائي وٺي تہ جيڪر آئون ڪامياب ٿي وڃان. منزلن جي بهارن ۾ جهومندو پنهنجي راحيلا لاءِ گيت ۽ غزل لکندو وتان."

"مٺل خان! منهنجي تعريف ڪرڻ وقت پنهنجي اندر بہ جهاتي پائي ڏسندو ڪر تہ تون پاڻ بہ چوويهن ڪلاڪن جي فلم لڳندو آهين." هو ٽڙي پيو ناڙي جي اچي گل جيان....!

"تنهنجون ئي ڪرم نوازيون آهن سُهڻا تڏهن تہ ڏينهن رات جي فلم بڻجي ويو آهيان"

"واهہ ڙي جوان! تنهنجي ٿورو اڳ تنهن جي خوب تشبيهہ هئي. تو چيو تہ منزلن جي بهارن ۾ جهومندو پنهنجي پياري لاءِ گيت ۽ غزل لکندو وتان .... سو ڍولڻ هڪ ڳالهہ ٻي بہ ڪولي ٻڌ تہ جڏهن وڇوڙي جي اذيتن کي پوڳي ڪشالا ڪيڍي منزلن کي رسبو آهي، تڏهن تن ۽ من شاد ۽ آباد رهندو آهي. جڏهن زندگي شاد ۽ آباد گذرڻ لڳندي آهي، تڏهن ڪو بہ شاعر، ڪهاڻيڪار يا ليکڪ ڪونہ لکي سگهندو آهي. هي دنيا جا سڀ اديب ۽ ليکڪ پنهنجي من اندر جي روڳ کي ريجهائڻ لاءِ لکندا آهن. محبوب کان دور رهڻ واري مجبوري ئي

ڪائڻ زوري لڪائڻ جو ڪم وٺندي آهي. سو ڀوڪ بصر ٿورو سوچي سمجهي فلسفو ڳالهائيندو ڪر...“

ڏاڍو ڦڪو ٿيو. سرنهن جي ڀيلن گلن جيان!

”بس يار! سڪندي، سڪندي، سڪي وڻندس تنهنجي اٿر ۾ ... !“

ڪجهه لمحن لاءِ ٻئي خاموش رهياسين .

”ان جي معنيٰ اڄ وري به ناڪام موٽيو آهين ....“

ڪنڌ هائو ڪار ۾ لوڏيائين. مان سوچڻ لڳس ته هو تارا ڦوٽاري مونکي گهورڻ لڳو. پاڻ ڏي گهوريندو ڏسي ڇڙٻ ڏني مانس. ”چريا! ڪرين ڇا ٿو؟ جلدي پاڻي پيار ته ڪجهه حل ڳولي وٺان“ هو پاڻي ڀرڻ لاءِ اٿيو ته مان وري سوچڻ لڳس. ٿوري ئي لمحي ڪانپوءِ دلي جي ٿنڻ ۾ پاڻي جي هارجي وڃڻ سان ئي حال ۾ موٽي آيس. ”نياڳا! ڪنهن جاءِ جا اڳ ئي بيروزگارن لاءِ پئسو مصيبت بڻيل آهي، ۽ تون ويتر گهر جو زيان ڪري مونکي وڏي اذيت ۾ گهيرڻ ٿو چاهين... شرافت سان 30 رپيا هلاءِ ته امان نه اچئي ۽ هٽي نه ٻنهي کي موچڙا...“ کيسي ۾ هٿ هٽي 30 رپيا ڪڍي ڏنائين. باقي 10 جو سائو نوٽ مونکي ڪُکي ويو چيومانس ”اهو به ڏئي ڇڏ ڪم پڪو ٿي ويو سمجهه!“

”اهو وري ڇا لاءِ؟“

”پڻهين لاءِ! پيو ڪنهن لاءِ! هي جو دماغ ٿو هٽان تنهنجي لاءِ ته 10 رپيا به نه لهٽيم؟ ڪو چانهه پيئان، ڪيڪ پيس سميت، پڻهين ايترو صدورو ته ڪونهي جو هوٽل ڪان بنان پئسا ڏيڻ جي اٿڻ ڏي.“ هن ڪلي ڏنو ۽ مان نوٽ وٺي کيسي ۾ رکي ٻاهران کيسي کي بٽڻ لڳائي ڇڏيو، جهڙوڪر هو نوٽ مونکان ڦري وٺندو!

”اچي وئي......!“

”ڪير؟؟“ پهرين حيران ٿيس، ۽ پوءِ ڪل ۾ ٻڏي ويس.

”ميان مٺل! آئيڊيا دماغ ۾ آئي آهي. سمجهه ته آخري حل آيو آهي ۽ آخري به ڪامياب حل تون سنئون سڌو بنا ڪنهن خوف، ڊپ ۽ گهٻراهٽ جي. ڪلم ڪلا، انهيءَ ڇوڪريءَ سان پنهنجي چاهت جو اعلان اظهار ڪري ڇڏ! جي ائين ڪري نه سگهين ته پنهنجي گهران شرافت سان ۽ عزت سان پيءُ ماءُ کي پاڻ واري راحيلا جي والدين طرف سڱ گهرڻ لاءِ موڪل، بس اهوئي آخري ڪامياب حل اٿئي، زندگيءَ ۾ ساٿيءَ کي حاصل ڪرڻ جو......!“

”پيلا ڳالهه ته ٻڌ ......“ .

”مان ڪجهہ بہ نہ ٻڌندس، جيئڻ چيومانءِ، وڃي تيئڻ ڪر، شرافت سان ڪم هلي تہ سئو، پاڙو بہ راضي، مالڪ بہ خوش، جانو بہ پرتل ...... !!!“ ۽ پوءِ مٺل ويندو ئي رهيو. موڪلائيندي پهر مان هن جي ناسي ڪارين ننڍڙين اکين ۾ هڪ قسم جي عهد ۽ مضبوط يقين جي چمڪ ڏسي ورتي هئي جيڪا، هر ڪامياب عاشق جي اکين ۾ جوت جيان جرڪندي رهندي آهي. مان اتان اٿي وڃي دالي جي ديوار ۾ لڙڪيل آئيني کي هڪ ئي حرڪت سان ڪٽي ورتم. پاڻ کي پسي پرکي ويم، هي منهنجو وڏو ڪو دشمن آهي، جڏهن بہ پنهنجي پيار جو اظهار ڪرڻ لاءِ عائشہ جي گهر ڏي راهي ٿيندو آهيان، تڏهن هو ڪلڻ لڳندو آهي ڄڻ هو چوندو هجي: ”جوانڙا تون پلي ڪاٽن جا ڪپڙا، ويڪرا پانچان، قميص تي ڪلهن کان گهنج ڪرائي، ٻانهن کي بہ بہ بٽڻ هٽائي، ڪنڌ آسمان ۾ ڪري لئي مان نئون سروس جو چمڪدار بوٽ پائي، ڪيتريون بہ آسون ساڻ ڪري دل جي دروازي جو ڪڙو کولي هلين، پر جي هُنَ سڄڻيءَ تنهنجي دل جي دروازي ٺپڻ کان اڳ ئي تو کي اهو چئي وڌو تہ ”هل سانورا، ڪاراڪنا، مان توسان پيار ڪريان! قيامت ٿي اچي ٿي چا!“ پوءِ ڇا رهندئي مان ۽ ايمان ۾! آئيني ۾ اها هڪ خامي آهي مونکي ڪارو ڪوجهو چئي چڙيندو آهي. يا اها حقيقت مونکي ٻڌائيندو آهي!؟ منهنجي چمڙي واقعي ڪاري آهي. پوءِ تہ سمورا ارمان، دل ۾ سانڍي دفن ڪري، رت جا ڍڪ پيئڻ لاءِ مجبور ٿي واپس هارايل جواريءَ جيان قدمن ۾ ٿڪاوٽ محسوس ڪري، موٽندو آهيان.

شام جي سهاني وقت گهر جي آڳنڌ تي ڪرسيءَ تي ويهي سوچن ۾ گم هوس تہ مٺل وري آيو چيائين ”مبارڪون ڏي مان ڪامياب ٿي ويس، تنهنجي ڏسيل ٻنهي حربن مونکي منهنجي محبوبہ سان ملايو، مان ڏاڍو خوش آهيان.... تنهنجي مٺائي ٿي! مان هلان ٿو. امڙ ۽ ابو راحيلا وارن جي گهر ويل آهن.“ هو تڪڙو تڪڙو نڪري ويو.

ڏاڍو صدمو رسيو، پر مٺل جي ڪاميابيءَ تي ٿورو خوش بہ هوس. ڇو تہ هن جي ڪاميابيءَ پويان منهنجي صلاح هئي. پر مان هوس اُتي جو اُتي! منزلن جا ڏس ڏيندڙ پاڻ راهن ۾ رُليل مسافر جيان ڀٽڪي رهيو هوس. ڪرب ۽ درد جي اثر کان سيسراٽي نڪري وئي. اکين مان ڳوڙها وهي هليا. ڪافي لمحن تائين ساڪت ۾ رهيس... ۽ پوءِ ڀڙڪو ڏئي اُٿيس، وهنجي سهنجي ڪپڙن کي

سينٽ جا ڦوهارا ڪري اهو سوچي ته اڄ هوءَ اظهار ڪرڻ تي اٽڪي پئي ته ٻه پل اٽڪي! پلا ساري عمر اظهار نه ڪرڻ جي پيڙا ۾ ته نه گذارڻي آ نه! مان اڄ پنهنجي ۽ دل جي مقصد ۾ ڪامياب ويندس. منهنجي پڪي ارادي ڪي ڏسي سموري جاءِ مبارڪون ڏنيون ۽ هو هڪ آئينو هو، جو ٽوڪي رهيو هو. وڏو دشمن (آئينو) ٻه مونکي گهڙي ڪن لاءِ ٽيڙي نه سگهيو هو. ڇو جو منهنجو خيال ۽ ارادو هن جي ٽوڪڻ تي اڄان پختو ٿي ويو هو. اڄ عائشه سان محبت جو اظهار ضرور ڪندس. پوءِ ست ڏيئي پنهنجي وڏي دشمن آئيني ڪي زمين تي اڇلايو هيم ۽ پاڻ بنا خوف ۽ گهبراهٽ جي عائشه جي گهر ڏي وڌندي دل مچڻ لڳي هئي ته عائشه انڪار نه ڪندي...!!

***

# قادو ڪبوتري

**پوري** تر ۾ صرف قادو ڪبوتري ئي هڪ نالي وارو ڪبوتر باز هو. شوق چا هوس، عشق هيس عشق! اهي آسماني ڪبوتر، اهي پاريهر اهي ڏوتڙ، اهي لسا، اهي ڪتا، جهرڪيرا ڪبوتر! مطلب تہ ڪيترن ئي رنگن نسلن ۽ نمونن جا ڪبوتر جيڪي سڄي ترجي ويهارو ڪن ڳوٺن ۾ صرف هن وٽ ئي هئا. ڪبوترن جا ڪئي شوقين، ڪئي عاشق ڪبوتري، پيرين پنڌ، گڏهہ گاڏن، سائيڪلن تي، ڪوهہ ۽ ڪلوميٽر اڪاري قادو جي ڳوٺ ايندا ويندا هئا. اچ وڃ ۾ ڪنهن شوقين، ڪنهن عاشق ڪي گهاٽو تہ ڪنهن ڪي فائدو، ڪڏهن سندس مور تہ ڪڏهن موڙي بہ چٽ! قادو ڪبوتري سڄي ترجي شوقين ڪبوتر بازن جو چڱو مڙس ۽ فيصلا ڪندڙ هو، ڪبوترين لاءِ ڪئي قانون جوڙيائين ۽ ڪيترن قانونن ۾ ترميمون ڪيائين. مثال طور ورتل ڪبوتر، جيڪڏهن وري واپس اڏري مالڪ وٽ اچي لهي. مهيني ٻي، ٽين يا سال ۾ تہ نہ ڪبوتر ۽ نہ ئي پئسا واپس ٿيندا. ڪو بہ پنهنجي منهن آيل ڪبوتر ڦاسائي تہ اهو سندس ملڪيت هوندو. مرضي ٿئيس تہ واپس ڪري يا نہ ڪري. قادوءَ جي قانون موجب ڪوئي شوقين، ڪو بہ ڪبوتر ڪنهن بہ حالت ۾ ڪهي نہ ڪائيندو. هن جي خيال مطابق ڪبوتر اوليائن ۽ بزر گن جي مزارن جا خادم ۽ انهن جي در جا غلام آهن. انهن کي ڪهڻ ناواجبي ٿيندي. ان ڪان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي حق پاڻ وٽ رکيائين. جيڪي وقت آهر ڪم آڻڻ جي خيال ڪان قابو ڪيائين. انڪار ۽ اعتراض رکڻ ۽ ڪرڻ تي شوقين ڪبوترين لاءِ پنهنجو يا پنهنجي گروپ جي ڪبوتر بازن جو واپار، اٿڻ ويهڻ بند ڪري ڇڏڻ وارو شرط ۽ پول ڪيائين.

ڪبوتري ٿيندي ايتري عزت، ايترو مان ملندس، ان بابت تہ سوچيو ئي نہ هئائين، پر ماڻس بہ اهڙي عزت ۽ شان وارو خواب ڪونہ لڌو هو ايتري

عزت، راڄ، ڀاڳ ۾، پنهنجن پراون ۾، اوڙي ۾ پاڙي ۾، ننڍن، وڏن ۾ قادوءَ جو اٿڻ، ويهڻ، ڳالهائڻ، ٻولهائڻ، سڀ لاءِ مٺڙو، ڪارو تہ دشمن لاءِ بہ نہ ٻوليندو هو. انهيءَ ڪي بہ پنهنجي ڳالهين، ٻولهين ۾ قائل ڪري پنهنجو ڪري وٺندو هو. ڪنهنکي بہ پنهنجي خلاف سوچڻ، ۽ عمل ڪرڻ جو موقعو نہ ڏيندو هو. وقت ۽ حالت ڪي پنهنجي سوچ، پنهنجي عمل مطابق هلائڻ، جا سيئي گر، زماني جي گردشن سيکاري ڇڏيا هيس.

ڇائو هو تہ پڻس، قادر بخش نالو رکي راھ رباني ٿيڻ کان پاڻ بچائي نہ سگهيو، قدرت واري سانوڻ رُت جي تيز ڏينهن جي تپش ذريعي موت جو شڪار بڻائي ڇڏيس. قادر بخش ننڍڙڪو ۽ ڇورو ڇنو ٻڻجي قادر بخش مان، قادو ٻڻجي پيو. ٻن چاچن صرف ڇئن ڏينهن پڇاڻان ئي منهن مٽي، وڏيڪ ننڍڙڪو ٻڻائي ڇڏيس. سڀ واسطا، رشتا ٽوڙي پاڻ روکي ۽ سندس سهارو ختم ڪري ڇڏيائون ۽ پوءِ سڀ رهيل باقي رشتيدار ۽ عزيز بہ بندي ۽ ڏنڏي ۾ لڳي ويا، مامي سائينءَ سهارو ڏيڻ لاءِ هٿ وڌائڻ جي ڪئي تہ جوڙس روڪي وڌس تہ رڪجي ويو. اڪيلي ۽ بي سهارا ماءُ پنهنجي لاڏلي ڪي ساھ جو سهارو ٻڻجي پاليو، تاتيو ۽ جوان ڪيو. هاڻي نوجوان قادو ڪبوتري ئي هڪ نالي وارو ڪبوتر باز هو. نالو هيس، عزت بہ تہ شان بہ! ڪيترائي محتاج هئس تہ، ڪيترا مخالف ۽ جڪ ڪائڻ وارا بہ!!

7 سالن جي عمر ۾ قادوءَ ڪي ڪبوترن جو شوق سامهون واري گهر مالڪ شريف جي ڪبوترن ڪي گهر مٿان، وٽن تي ڪُڏَ مٿان لهندي ۽ چڙهندي ڏسي ٿيو هو. خوشيءَ مان، محنت ڪري ستن ڏينهن ۾، چگڙو موچارو ڪڏ ٺاهي ورتائين. ماءُ ڪي ايلاز منٿ ڪيائين، تہ بيوس ۽ لاچار ماءُ وڃي شريف جي اڳيان جهولي جهلي شريف کان ٻہ ڪبوتر وٺي آئي، پر ڇهرو زرد هيس، پر ننڍڙو قادو انهيءَ حالت کان بي خبر جوڙي ڪبوترن جي ڪُڏ ۾ ڇڏي، سارو ڏينهن انهن جي تنبواليءَ ۾ لڳي ويو. ڪبوتر وڌڻ ۽ ويجهڻ لڳا. قسمت ساٿ ڏنس، ڀاڳ وريس، ڪُڏُ ڀرجي ويس. پنهنجي وس ۽ وت آهر ترقي ڪيائين، ٻڪري، پوءِ انهن سالن ۾ ڳئون ڏاري ڪافي ڊور ٻڻايائين. انهن جي هوندي بہ پنهنجو شوق نہ ڇڏيائين. سلسلو جاري رکيائين. شوق پوري نموني سان عشق ٻڻجي چڪو هيس. ڪبوترن تي ايذاءُ ۽ رحم ڪوئي هن کان سکي. ڪبوترن جي ڪڏن اندر ٻاهر، ڪئي نانگ، ٻليون ۽ ڪتا پنهنجي بک اجهائڻ لاءِ آيا،

وارو وٺي ويا. ڪبوتر ڳھي ويا. انھن جي ڳھجڻ ۾ ڪائجڻ جو ڏک نہ سھي، نانگ، ٻليون ۾ ڪتا ماريائين. نانگ، ڪنھنجي مالڪي ۾ نہ ھئا. باقي ٻلين ۾ ڪتن جي موت تي پاڙي وارن سان ڪافي ڪجھ لُڙ، فساد ۾ جهڳڙو ٿيس، جهڳڙن ۾ ٻنهي ڌرين کي ڏک لڳندا ھئا. ڳالھيون ٿاڻي ۾ ٿاڻي ڪان پوءِ اوطاقن ۾ ايندڀون ھيون ڳالھيون ٿيون فيصلا ٿيا تہ فائدو قادوءَ کي ئي ٿيندو ھو. پوءِ ٻئي ڌريون ڪير ڪنڌ تي ويندڀون ھيون. جڏهن ڪان قادوءَ عقل ۾ سھپ ڪان، پنھنجي مفاد، انا لاءِ خواهش لاءِ ڪم ورتو، اھي ڏچا بہ ختم ٿي ويا.

قادوءَ کي ڪجھ نہ سمجهندڙ مامي سائينءَ سڏي ڏيءَ جو سگ ڏنو. واھ ڙي ڀاڳ! واھ ڙي قسمت! پنھنجي ضرورت، پنھنجي مفاد لاءِ، ڪئي معصوم ۾ وڏڙا شوقين مجبور ڏسي شڪار ڪيائين جنھن عمل تي ڪو بہ پڇتاءُ ڪونہ ھيس. ڪنھن زبان ڪولي ھڪ ڏينھن ائين چيس تہ ”قادو! پنھنجو مُور ٿو موٽائي.....!“ انھيءَ ويل اھا زبان ڪٽڻ ۾ منھن ڀڃڻ چاهيائين. پر پنھنجي سھپ ۾ مفاد لاءِ ماٺ رهيو، اندر جو سور پي ويو. پر ھڪ اونداهيءَ ويل جهڙو رهندڙ ڪٽڪو اندر ۾ ھر سمي رهڻ لڳس. جنھن جو توڙ صرف پلاند ئي سوچيائين ۾ پلاند ڪندو رهيو. جيڪا وري عادت پئجي ويس.

تنھن ڏينھن اڪيلو گھر ۾ ستو پيو ھو تہ، مرحوم شريف جي گھر واري ميران مٺان آيس، پنھنجي پٽ جي لاءِ ڪبوترن جي جوڙي وٺڻ. قادو مفت جو مال تہ جانورن کي ئي نہ سھندو ھو تہ ڪنھن ماڻھو کي ڪيئن سھي ھا! سو پنھنجي عادت، فطرت، وقت ۾ حالت ڪان مجبور ھيو. مجبور ۾ بيوس ميران پنھنجي عزت عيوض جوڙي ڪبوترن جي ساڻ کيون سندن گھر جو در ٽپي ئي رهي ھئي جو قادوءَ جي ماءُ ملي ويس، جوڙي ڪبوترن جي ھن جي ھٿن ۾ ڏسي چيائين، ”ادي! ميران مونکي پنھنجي پٽ تي يقين ھيو، جو ھن تو کي ڪبوترن ڪان نہ موٽايو. آخر ھن کي ڪنيل قرض بہ تہ واپس ڪرڻو ھيو نہ .....!“ ماءُ جي انھن جملن ڪان پوءِ وڌيڪ ڪجھ ٻي ٻڌي نہ سگھيو. ڇو جو قادو ڪبوتري سڀ ڪجھ سمجهي چڪو ھيو .......!!!

***